# رسولن جا ڪم

## لوقا جي ٻئي ڪتاب تحرير ڪرڻ

١ ١ عزيز تهيفِلس،
پهرين ڪتاب ۾ جيڪو مان بيان
ڪيو هيو ان ۾ اهو سڀ ڪجهه هيو جيڪو
يسوع شروع ۾ ڪرڻ جي تعليم ڏني. ٢ مان
ان شروعات کان ان ڏينهن جي واقعن کي درج
ڪيو آهي جڏهن يسوع آسمان ۾ کنيو ويو هيو.
ان واقعي کان پهريان يسوع انهن رسولن سان
ڳالهه ڪئي جن کي اُن چونڊيو هيو. ان روح
القدس جي ذريعي رسولن کي چيو ته ان کي
ڇا ڪرڻو آهي. ٣ يسوع پاڻ رسولن کي ٻڌايو
ته اهو مرڻ کان بعد به زنده ٿيو. يسوع گهڻن
طريقن سان ان کي ثابت ڪيو آهي اهو ڇا
ڪرڻ چاهن پيا. يسوع موت کان جيءُ اٿڻ کان
بعد به پنهنجي رسولن کي چاليهه ڏينهن تائين
نظر ايندو رهيو، ۽ يسوع خدا جي بادشاهت جي
متعلق رسولن کي چوندا رهيا.
٤ هڪ ڏينهن جڏهن اهي کائي رهيا هئا ته
ان انهن کي چيو هيو، ”اهي يروشلم کي ڇڏي
ڪري نه ويندا. يسوع چيو هيو ته پيءُ توهان
سان ڪجهه واعده ڪيا آهن جيڪي مان پهريان
توهان کي چئي چڪو آهيان ته توهان يروشلم
۾ ئي رهو ته واعدو پورو ۽ سچ ٿي وڃي. ٥
يوحنا توهان کي پاڻي سان بپتسمه ڏني هئي پر
ايندڙ ڪجهه ڏينهن ۾ توهان کي پاڪ روح جي
ذريعي سان ملندي.“

## يسوع کي آسمانن ۾ وٺي وڃڻ

٦ تمام مسيح جي رسولن اتي جمع ٿي ڪري
يسوع يسوع کان پڇيو، ”خداوند! ڇا انهي وقت
توهان يهودين کي پوئين بادشاهت عطا ڪري
رهيا آهيو؟“
٧ يسوع جواب ڏنو، ”صرف پيءُ کي اختيار
آهي ته اهو تاريخ ۽ وقت معيادون ڪري ۽
توهان انهن کي نه ڄا ڄاڻيو. ٨ پر پاڪ روح
توهان تي ايندي تڏهن توهان قوت پائيندا. توهان
ماڻهن کي منهنجي متعلق شاهدي ڏيندا. توهان
ماڻهن کي سڀ کان پهريان يروشلم ۾ چوندا ۽
پوءِ يهوداه ۽ سامريه جي ماڻهن کي چوندا ۽ دنيا
جي هر خطي ۾ چوندا.“
٩ اهي سڀ ڳالهيون چوڻ کان بعد يسوع
آسمان ڏانهن کنيو ويو. انهن جي رسولن انهيءَ
جي طرف ڏٺو ته ان کي ڪڪرن پنهنجي
اندر وٺي ڇڏيو ۽ اهي ان کي ڏسي نه سگهيا.
١٠ جڏهن يسوع مٿي آسمان ڏانهن وڃي رهيو
هيو ته اهي آسمان ڏانهن ڏسندا رهيا اچانڪ
به ماڻهون جيڪي اڇا ڪپڙا پهريل هئا ان جي
پرسان اچي ويا. ١١ ٻن ماڻهن رسولن کان پڇيو،
”اي گليل جا مرده! توهان بيهي ڪري آسمان
۾ ڇا ڏسي رهيا آهيو؟“ توهان نه ڏٺو ته يسوع
آسمان ڏانهن کنيو ويو اهو ئي يسوع آهي ۽ وري
انهيءَ طرح وري بيهر واپس ايندا. ۽ توهان
انهن کي اهڙي طرح ڏسندا جهڙي ويندي ڏٺو
آهي.

## هڪ نئين رسول جو انتخاب

١٢ اهي سڀ رسول زيتون جي ٽڪر کان
واپسي کان پوءِ يروشلم جي طرف روانه ٿيا
يروشلم کان تقريبن ميل جي ويجهو واقع آهي.
١٣ تمام رسول يروشلم ۾ داخل ٿيا ۽ مٿان ان
ڪمري ۾ پهتا جتي اهي ٺهريل هئا. انهن سڄن
رسولن ۾ پطرس، يوحنا، يعقوب، اندرياس،
فلپس، توما، برتلمائي، متي ۽ الفائس جو پُٽ
يعقوب سائمن جيڪو قوم پرست هيو ۽ يهوداه
جيڪو يعقوب جو پٽ به هيو.
١٤ تمام رسول جڏهن ڪٺا ٿيا سڀ ئي هڪ
مقصد سان گڏ دعا جي لاءِ جمع ٿيا هئا. انهن ۾
ڪجهه زالون به هيون جنهن ۾ مريم يسوع جي
ماءُ ۽ ان جو ڀاءُ به رسولن سان گڏ شامل هيا.
١٥ ان جي ڪجهه ڏينهن کان بعد ايمان آڻن
وارن جو هڪ اجلاس مقرر ٿيو. جنهن ۾ تقريبن
هڪ سوء ويهه فرد جمع هيا هئا ١٦-١٧ پطرس

اٿي بيٺو ۽ مخاطب ٿيو ” ڀائرو! روح پاڪ
صحيفن جي ذريعي دائود سان چورايو هيو ته
ڪجهه واقعا پيش ايندا جنهن جو تعلق يهوداه
سان هيو اهي اسان مان هڪ آهن يهوداه ئي
اسان سان گڏ خدمت ڪندو رهندو هيو. ۽ ان
روح پاڪ چيو ته يهوداه ئي يسوع کي گرفتار
ڪرائڻ ۾ رهنما هوندو.“
۱۸ يهوداه کي ان شيطان ڪم جي لاءِ رقم ڏني
ويئي جن مان اُن ميدان خريد ڪيو پر يهوداه
منهن پر ڪريو ۽ ان جو پيٽ ڦاٽو ۽ آنڊا نڪري
پيس.
۱۹ ان تمام ماڻهن جيڪي يروشلم جا رهڻ
واسي هيا سچائيءَ کان آشنا ٿيا انهيءَ لاءِ ان
ٻنيءَ جو نالو انهن اڪليداما رکيو ”يعنيٰ خون
جي ٻني“ انهن جي زبان ۾ انجي معنيٰ آهي.
۲۰ پطرس چيو، ”زبور ۾ يهوداه جي متعلق
لکيو آهي:

ته ڪوئي به انجي گهر جي ويجهو نه وڃي
۽ ڪوئي به اتي نه رهي. *زبور ۶۹: ۲۵*

۽ اهو به لکيل آهي:

ته ٻيو ڪوئي انجي ڪم کي نه
ڪري. *زبور ۱۰۹: ۸*

۲۱-۲۲ انهيءَ لاءِ ٻيا ماڻهن کي اسان سان گڏ
ملي ڪري يسوع جي جيءُ اٿڻ جو شاهد ٿيڻو
هوندو. اهي ماڻهون انهن مان هڪ هئڻ گهرجي
جيڪي ان سان گڏ ان دوران رهن جڏهن يسوع
اسان ماڻهن سان گڏ رهندو هيو، ۽ يوحنا ماڻهن
کي بتسمه ڏيڻ سان وٺي ڪري ان ڏينهن تائين
جڏهن يسوع کي اسان ماڻهن مان آسمانن ۾ کنيو
ويو اسان ماڻهون سان گڏ رهون.
۲۳ رسولن ٻن ماڻهن کي پيش ڪيو هڪ
يوسف برسبّا کي جستس به چيو ويندو آهي. ۽
ٻيو ماڻهون متياه هيو. ۲۴-۲۵ رسولن دعا ڪئي
”خداوند ته تمام ماڻهن جي ذهنن کي ڄاڻندو
آهي اسان کي رستو ڏيکاري ته انهن ٻنهين مان
ڪنهن کي چونڊ ڪيو وڃي ۽ ڪير ان وزارت
۾ رهندو.“ يهوداه ان جو مستحق هيو ۽ اهو ان
جڳهه ڦري ڪري آيو. ۲۶ تڏهن انهن ٻن مان
هڪ کي چونڊ ڪرڻ جي لاءِ پڪا وڌا پڪو متياه
جي نالي جو نڪتو ۽ اهو بحيثيت رسول وڌيڪ
يارهن فردن جو چونڊ ٿيو.

## روح القدس جي آمد

۲ ۱ هاڻي جڏهن پينتيڪوس جي عيد[1] جو
ڏينهن آيو ته تمام رسول هڪ جڳهه تي
ويٺا. ۲ اچانڪ هڪ زوردار آواز زوردارر هوا
جو هلڻ آسمان مان آئي. ان آواز جي گهوگهٽ
سان جنهن جڳهه اهي ماڻهون ويٺا هئا اها جڳهه
هلي ويئي. ۳ انهن ڏٺو جئين باهه جهڙيون چيون
ڏار ٿي ڪري ان جي ويجهو اچي ڪريا جتي
اهي ويٺل هئا. ۴ ۽ اهي تمام ماڻهون روح القدس
سان ڀرجي ويا ۽ مختلف زبانن ۾ ڳالهائڻ لڳا
جيئن ته روح القدس انهنکي ائين ڪرڻ جي
طاقت ڏني هجي.
۵ اتي ڪجهه مذهبي يهودي ماڻهون يروشلم
۾ هيا. جيڪي دنيا جي هر ملڪن کان آيا هئا.
۶ هڪ وڏو ميڙاڪو به انهن ماڻهن سان گڏ
آيا هئا جنهن اها آواز ٻڌي ۽ اهي سڀ حيرت ۾
هيا. ڏسن ته رسول ماڻهون پنهنجي زبان سان
ڇا چون ٿا.
۷ تمام يهودي حيران ٿيا. ۽ اهي سمجهي نه
سگهيا ته ڪهڙي طرح انهن رسولن ائين ڪيو
انهن چيو، ”ڏسو هي ماڻهون جيڪو ڪجهه چئي
رهيا آهن اهي ڪٿي گليل جا ته ناهن!“ ۸ پر
هي جيڪي چون ٿا اسان پنهنجي پنهنجي زبان ۾
سمجهي رهيا آهيون. اهو ڪهڙي طرح ممڪن
آهي ڇالاءِ جو ته اسان جو تعلق مختلف جڳهن
سان آهي جئين. ۹ جيتوڻيڪ اسين پارٿي، ماوي،
ايلام، مسوپوٽاميه، يهوداه، ڪپدڪيا، پنطس
ايشياه. ۱۰ فريگيا، پمفوليه، مصر ۽ لبيا جي
علائقي جا شهر سائرن، روم جي ويجهو آهن.
۱۱ ڪريتي ۽ عرب جا آهن. اسان مان ڪجهه
پيدائشي يهودي آهن ۽ ڪجهه اسان جي مذهن ۾
تبديل ٿي ويا آهن. ۽ اسان مختلف ملڪن کان آيا
آهن پر اسان انهن ماڻهن جي گفتگو کي جيڪي
خدا جي باري ۾ آهي بهتر سمجهي رهيا آهيون.“
۱۲ تمام ماڻهون حيران ۽ پريشان هيا. ۽ هڪ

[1] ۲: ۱ **پينتيڪوس جي عيد** تقريب جيڪا مگڻ جي
فصل ٽيڻ جي ۵۰ ڏينهن کان بعد منائي ويندي آهي.

بئي کان پڇي رهيا هئاسين، ”اهو ڇا ٿي رهيو
آهي؟“ انهن مان ڪجهه مسيح جي رسولن
جي مسخري ڪئي ۽ انهن چيو، ”اهي گهڻو
انگورس پيئڻ سان نشي ۾ مست آهن.

## پطرس جو ماڻهن سان خطاب ڪرڻ

١٤ تڏهن پطرس وڏيڪ يارهن رسولن سان
گڏ اٿي بيٺو ۽ با آواز وڏي جنهن کي سڀ ٻڌي
سگهندا؟ ” اي منهنجا يهودي پائرو ۽ ٻيا حضرات
جيڪي يروشلم ۾ رهندا آهيو مان توهان کي
ڪجهه چوڻ چاهيان ٿو“ انهيءَ لاءِ غور سان
منهنجي جمعلي کي ٻڌو جنهن کي توهان چاڻن
چاهيو ٿا. ١٥ توهان غلط خيال ڪري رهيا آهيو
ته هي ماڻهون نشي ۾ آهن هاڻي صبح جو نون
وڃي رهيا آهن. ١٦ اهي سڀ ڳالهيون يوايل نبي
جي ذريعي چيون ويون آهن جيڪي توهان اڄ
هتي ڏسي رهيا آهيو يوايل چيو ۽ لکيو آهي:

١٧ خدا چوي ٿو آخري ڏينهن ۾ ايئن
ٿيندو ته مان پنهنجو روح تمام ماڻهن تي
وجهندس ۽ توهان جا پٽ ۽ ڌيئر به نبوت
ڪنديون. توهان جا نوجوان رويا ۽ توهان
جي عمر رسيده بزرگ خواب ڏسندا.
١٨ بلڪه انهن ڏينهن ۾ پنهنجي روح
پنهنجي خدمت گزارن جن ۾ مرد ۽
عورتون سيئي هوندا تي نازل ڪندس ۽
نبوت جي ڳالهيون ڪندا. ١٩ مان آسمان
۾ معجزه ۽ زمين تي عجيب ۽ غريب
ڪرشمه ڏيکاريندس. جيئن ته خون باهه ۽
دونهي جا گهاٽا ڪڪر ڏيکاريندو.
٢٠ سج اونداهي ئي ۾ گم ٿي ويندو ۽ چنڊ
بلڪل خون وانگر ڳاڙهو ٿي ويندو تڏهن
خداوند جو عظيم ۽ شاندار ڏينهن ايندو.
٢١ جيڪو ڪوئي به خداوند جو
نالو وٺندو نجات پائيندو. محفوظ
رهندو. *يوايل ٢: ٢٨-٣٢*

٢٢ منهنجا يهودي پائرو! اهي سچا الفاظ غور
سان ٻڌو ته يسوع ناصري کي خدا واضع طور تي
خاص ماڻهون ٻڻايو. ۽ ان ڳالهه کي ثابت ڪرڻ
جي لاءِ پنهنجا معجزه ۽ حيرت انگيز ڪمن کي
جيڪي ان يسوع جي ذريعي توهان کي ٻڌايا. ۽
توهان سڀن ان کي ڏٺو ۽ ان کي سچ ڄاڻيو. ٢٣
يسوع کي توهان جي لاءِ ڏنو ويو آهي پر توهان
خراب ماڻهن جي ذريعي انهيءَ کي مصلوب ڪيو
۽ ڪلين ٺوڪي پر خدا ڄاڻي ٿو ته سڀ ڪجهه
ٿيو ۽ اهو خدا جو مقرره نظام هيو جيڪو ان
گهڻو پهريان تيار ڪيو هيو. ٢٤ يقينن يسوع موت
جي درد جي تڪليف کي برداشت ڪيو. پر خدا
ان کي ٻيهر زندگي ڏئي ڪري نجات ڏني. اها
موت يسوع کي قابو ۾ نه ڪري سگهي. ٢٥ دائود
اهو سڀ ڪجهه يسوع جي ذريعي چيو آهي ته،

مان هميشه خداوند کي پاڻ سان گڏ ڏٺو
آهي. ۽ اهو منهنجي ساڄي پاسي آهي ۽
اهو مون کي سلامتي ۾ رکندو آهي.
٢٦ انهيءِ سبب جي ڪري منهنجي دل
تمام گهڻي خوش آهي ۽ منهنجي زبان به
خوش آهي ۽ منهنجو جسم به پر اميد آهي.
٢٧ انهيءَ لاءِ ته توهان منهنجي جان کي
عالم ارواح ۾ نه ڇڏيندا. ۽ نه ئي پنهنجي
پاڪ کي سڙڻ جي نوبت تائين پهچائيندا.
٢٨ توهان مون کي سيکاريو ته ڪهڙي
طرح رهڻ گهرجي توهان منهنجي گهڻو
ويجهو آهيو ۽ منهنجو خوشيون حاصل
ڪندا آهيو. *زبور ١٦: ٨-١١*

٢٩ ”منهنجا پائرو! ڇا مان توهان کي ڪليل
طور تي دائود جي متعلق چئي سگهان ٿو جيڪو
اسان جا ابا ڏاڏا آهن انهن جي وفات ٿي دفن ٿيا
۽ انهن جي قبر اڄ ڏينهن تائين اسان جي وچ ۾
آهي. ٣٠ دائود نبي هيو ۽ اهو ڄاڻيندو هيو ته خدا
ڇا چوي ٿو. خدا واعدو ڪيو هيو ته دائود جي
خاندان ئي مان هڪ شخص بادشاهت ڏيندو ۽
اهوئي ان تخت تي بادشاهه ٻڻي ڪري ويهندو.
٣١ ۽ دائود گهڻو پهريان کان ئي ان ڳالهه کي
ڄاڻي ڪري چيو هيو:

ته اهو عالم جي موت ۾ نه ڇڏيو ويندو۽ نه
ئي ان جي جسم کي قبر ۾ ڪوئي نقصان
ٿيندو.

۽ دائود اهو سڀ يسوع جي متعلق چيو هيو ته
مرڻ کان بعد اٿاريو ويندو. ٣٢ يسوع ئي هڪ

اهڙو آهي جنهن کي خدا مرڻ کان بعد وري
اٿاريو يا ۽ اسان سڀ ان جا شاهد آهيون. ٣٣
يسوع کي آسمان ڏانهن کنيو ويو ۽ هاڻي يسوع
خدا جي ساڄي پاسي آهي. ۽ پيءُ ان کي روح
القدس عطا ڪيو. جيئن ته واعدو ڪيو هيو. ۽
يسوع هاڻي روح توهان تي نازل ڪيو جيڪو
توهان ڏسندا ۽ ٻڌندا آهيو. ٣٤ دائود کي آسمان
ڏانهن نه کنيو ويو. اهو يسوع هيو جنهن کي
آسمانن ڏانهن کنيو ويو. دائود پاڻ چيو:

خداوند منهنجي خداوند کي چيو ته منهنجي
ساڄي پاسي ويهه.
٣٥ جيسيتائين مان تنهنجي دشمنن کي
تنهنجي قبضي ۾ نه ڏيا. *زبور ١١٠: ١*

٣٦ جيئن ته ”سيئي اسرائيلين کي ان سچائي
کي ڄاڻڻ گهرجي ته خداوند انهيءَ يسوع کي
جنهن کي توهان ماڻهن صليت تي چاڙهايو،
خداوند ۽ مسيح بڻايو.
٣٧ جڏهن ماڻهن اهو ٻڌو ته اهي نهايت
ڏک ٿي پريا ٿي ويا ۽ انهن پطرس ۽ ٻين رسولن
کان پڇيو ته ڀائرو! هاڻي اسان کي ڇا ڪرڻ
گهرجي؟“
٣٨ پطرس انهن کي چيو، ”توهان پنهنجي دلين
۽ دماغن کي بدلي ڇڏيو ۽ توهان مان هر هڪ
يسوع مسيح جي نالي تي بپتسمه وٺي ته جيئن
خدا توهان جي گناهن کي معاف ڪري. ۽ انهيءَ
طرح روح القدس عطي جي طور تي حاصل ٿي.
٣٩ اهو واعدو توهان جي لاءِ ۽ توهان جي ٻارن
جي لاءِ ۽ انهن سڀن جي لاءِ جيڪي هتان کان
گهڻو پري رهندا آهن. ۽ هر هڪ جي لاءِ خداوند
اسان جي خدا کي پنهنجو پاڻ ڏانهن گهرائيندو.“
٤٠ پطرس انهن ماڻهن کي خبردار ڪيو ۽
گهڻيون ڳالهيون انهن سان اها التجا ڪئي ته
پنهنجو پاڻ کي اهڙن خراب ماڻهن کان بچايو.
٤١ اهي ماڻهون جنهن پطرس جي پيغام کي ٻڌو
۽ ايمان کڻي آيا ۽ بپتسمه قبول ڪئي. ان ڏينهن
تقريبن ٽي هزار ماڻهون ايمان واري ميڙاڪي
۾ شامل ٿيا.

## اهل ايمان جو حصو

٤٢ گهڻا جا گهڻا هڪ ٻئي سان ملي ڪري
رسولن جي تعليم تي عمل ڪرڻ شروع ڪيو
۽ باهم هڪ ٻئي سان گڏ کائڻ ۾ ۽ دعا ڪرڻ ۾
به شامل رهيا. ٤٣ گهڻيون عجيب شيون جيڪي
رسولن جي ذريعي ظاهر ٿيون انهن تمام شين کي
ڏسي ڪري سڀن جي دل ۾ خدا جي عظمت ويهي
رهي. ۽ سڀ ماڻهون ان جي تعظيم ڪرڻ لڳا.
٤٤ تمام اهل ايمان هڪ جاءِ تي رهڻ لڳا ۽ هر
هڪ معاملي ۾ هڪ ٻئي جي مدد ڪندا رهيا. ٤٥
۽ پنهنجي زمينون ۽ ٻيون شيون فروخت ڪري
اهڙن ماڻهن جي ڪم اچي جيڪي ضرورت مند
هوندا هجن. انهن کي پنهنجو مال ومتاع وغيره
ورهائي ڏيندا هيا. ٤٦ سڀ ايماندار هر روز
عبادتخاني ۾ رفاقت رکڻ لاءِ گڏ ٿيندا هئا، ۽ سيني
جو هڪڙو ئي مقصد هوندو هو. ۽ سيئي هڪ
دل ٿي پنهنجن پنهنجن گهرن ۾ خوشي خوشي
سان کاڌو کائيندا هئا. ٤٧ سڀ ايماندار خدا جي
واکاڻ ڪندا ۽ سيئي ماڻهو انهن کي پسند ڪندا
هئا. ۽ گهڻي ۾ گهڻا ماڻهو انهن ۾ شامل ٿيندا رهيا.
۽ خداوند انهن کي ايماندارن ۾ ملائي ڇڏيندو هو.

## منڊي ماڻهون جو پطرس جي ذريعي شفاء پائڻ

٣ ١ هڪ ڏينهن پطرس ۽ يوحنا هيڪل ۾
ٻپهري ٽين بجين ويا. ۽ اهو وقت هيڪل
۾ روزاني جي دعا جو وقت هيو. ٢ اهي جڏهن
هيڪل جي سهڻ ۾ داخل ٿي رهيا هئا ته اتي
هڪ معذرو ماڻهون سان مليا. جيڪو پيدائشي
منڊو هيو ۽ گهمي نه سگهندو هيو اهي هر
ڏينهن روز ان کي هيڪل وٺي ايندا ۽ هيڪل
جي دروازي جي ويجهو ڇڏي ويندا جيڪو
خوبصورت دروازو چورائيندو هيو جتان اهو
هيڪل ۾ هر هڪ اچڻ وڃڻ واري کان خيرات
گهرندو هيو. ٣ ان ڏينهن اُن معذور کي پطرس
۽ يوحنا کي ڏٺو ته اهي هيڪل ڏانهن وڃي رهيا
آهن ته ان انهن کي خيرات گهري.
٤ پطرس ۽ يوحنا ان منڊي معذور کي ڏٺو ۽
چيو، ”اسان جي طرف ڏس.“ ٥ تڏهن معذور
انهن کي ڏٺو ۽ اهو خيال ڪيائين ته اهي ماڻهون
ان کي ڪجهه رقم ڏيندا. ٦ پر پطرس چيو،
”مون وٽ ڪوئي سون يا چاندي ناهي بلڪه
مون وٽ ڪجهه ٻيون شيون آهن جيڪي مان
توکي ڏيئي سگهان ٿو ۽ تون ناصرت جي يسوع
مسيح جي نالي سان اٿ ۽ هل.“

۷ تڏهن پطرس ان منڊي معذور جو سڄو هٿ
پڪڙي ڪري اٿاريو هڪدم ئي منڊي معذور
جي پيرن ۾ طاقت آئي. ۸ اهو ٽپا ڏيئي رهيو هيو
۽ هلڻ شروع ڪيو. اهو هيڪل جي اندر ويو.
۽ ٽپندو ٽپندو هلڻ لڳو ۽ خدا جي وڏائي ڪندو
رهيو. ۹-۱۰ سڀن ماڻهن ان کي سڃاڻي ورتو
ته اهو معذور اهوئي هيو جيڪو هيڪل جي
خوبصورت دروازي جي ويجهو ويهي ڪري
خيرات گهرندو هيو ۽ سڀن ڏٺو ته هاڻي هلي رهيو
آهي ۽ خدا جي حمد ڪري رهيو آهي. ماڻهون
حيرت زده ٿيا ۽ سمجهي نه سگهيا اهو ڪيئن ٿيو.

## پطرس جي ماڻهن سان ڳالهه ڪرڻ

۱۱ اهو ماڻهون پطرس ۽ يوحنا کي پڪڙي
بيٺو هيو تمام ماڻهون حيران ٿيا ماڻهون کي
شفاياب ڏسي ڪري اهي برآمده سليمان جي
طرف ڀڄندا جتي پطرس ۽ يوحنا بيٺا هيا.
۱۲ پطرس اهو ڏسي ڪري ماڻهن کي چيو،
”اي منهنجا يهودي ڀائرو! ڇا توهان انهن شين مان
حيران آهيو توهان اسان کي اهڙي طرح ڏسي
رهيا آهيو جيئن ته اها اسان جي ڪائي طاقت
هئي جنهن جي وجهه سان اهو ماڻهون هلڻ لڳو.
توهان سمجهو ٿا ته اسان ڪوئي نيڪ ناهيون
جنهن جي وجهه سان اسان ان کي هلڻ جي قابل
بڻايو. ۱۳ نه! بلڪه اهو خدا ڪيو جيڪو ابراهيم
جو خدا آهي ۽ اسحاق جو خدا آهي يعقوب جو
خدا آهي اهو اسان جي ابن ڏاڏن جو به پيءُ آهي.
ان يسوع کي جيڪو ان جو خاص ماڻهون آهي
پنهنجي جلال سان نوازيو. پر توهان ان کي قاتلن
جي حوالي ڪيو ته ماريو وڃي. جڏهن پيلاطس
يسوع کي ڇڏرائڻ جو ارادو ڪيو ته توهان ان
کي قبول نه ڪيو. ۱۴ يسوع ته پاڪ روح ۽ سڌو
آهي پر توهان پيلاطس کي چيو ته يسوع جي
بجاءِ ڪنهن قاتل کي رها ڪيو وڃي. ۱۵ توهان
زندگي ڏيڻ وارن کي ماري ڇڏيو پر خدا ان کي
موت مان جياريو جنهن جا اسان شاهد آهيون
جنهن کي اسان پنهنجي اکين سان ڏٺو.
۱٦ يسوع جي قوت سان منڊي معذور کي شفاء
ڏني اهو ان لاءِ ٿيو ته اسان کي يسوع جي قوت
تي ڀروسو آهي توهان ان ماڻهون کي ڏٺو آهي
اهو بلڪل شفاياب تندرست آهي ڇالاءِ جو ته ان
کي يسوع تي ايمان آهي.
۱۷ ”منهنجا ڀائرو! مان ڄاڻان ٿو ته توهان
جيڪو ڪجهه يسوع سان گڏ ڪيو توهان واقف
نه هيا ته توهان ڇا ڪري رهيا آهيو توهان
جا سردار به واقف نه هيا ته ڇا ڪري رهيا
آهن. ۱۸ خدا پنهنجي نبين جي ذريعي چيو
ٿو ته جيڪي واقعا ٿيڻ وارا هيا ان سان مسيح
موت جو ڏک ڪٽندو، مان هاڻي انهن حالاتن سان
جيڪو ڪجهه ان چيو هيو ان کي پورو ڪيو.
۱۹ انهيءَ لاءِ توهان کي گهرجي ته توهان دلين
۾ ۽ زندگي ۾ تبديلي ڪندي واپس خدا جي طرف
اچي وڃو. اهڙي طرح خدا توهان جي گناهن
کي معاف ڪندو. ۲۰ تڏهن خداوند توهان جي
لاءِ وقت ڏيندو ته توهان روحاني سڪون حاصل
ڪريو اهو يسوع کي توهان ڏانهن موڪليندو
جنهن کي مسيح چونڊيو ويو آهي.
۲۱ يسوع آسمان ۾ رهندو آهي اهي اتي ئي
رهندا جيستائين اهو ڳالهيون بحال نه ڪيون
وڃن جنهن جو ذڪر خدا پنهنجي پاڪ نبين جي
زباني ڪيو آهي. ۲۲ موسيٰ چيو خداوند توهان
جو خدا توهان کي نبي ڏيندو. اهو نبي توهان
ماڻهن مان ئي ايندو اهو مون جهڙو هوندو.
جيڪو ڪجهه اهو توهان کي چئي ان کي ٻڌڻو
پوندو. ۲۳ ۽ جيڪو ڪوئي ان نبي کي ٻڌڻ کان
انڪار ڪندو ته اهو مري ويندو ۽ خدا جي
محبوب ماڻهن کان الڳ ڪيو ويندو.[1]
۲۴ سموئيل ۽ ٻين نبين جيڪو ڪجهه خدا جي
طرفان چيو انهن ان موجوده وقت جي متعلق ئي
چيو هيو. ۲۵ جن شين جي باري ۾ نبين چيو هيو
ته توهان ان کي حاصل ڪيو آهي توهان جي
ابن ڏاڏن کان خدا جيڪي معاعدو ڪيو هيو ان
کي حاصل ڪيو خدا توهان جي پيءُ ابراهيم
کي چئي چڪو آهي ته روئي زمين جي هر قوم
تي انهن جي نسل جي ذريعي ئي فضل ٿيندو.[2]
۲٦ ”خدا پنهنجي خاص خادم کي توهان ڏانهن
موڪليو خدا ان کي سڀ کان پهريان توهان
ڏانهن موڪليو. توهان ڏانهن توهان تي فضل
ڪرڻ جي لاءِ موڪلي ها ته بدي جي رستو
ڇڏي ڪري موٽي اچو.“

[1] ۳: ۲۳ اقتباس استثناء ۱۸: ۱۵، ۱۹
[2] ۳: ۲۵ اقتباس پيدائش ۲۲: ۱۸؛ ۲٦: ۲۴

## پطرس ۽ يوحنّا يهودي مجلس
## جي آمهون سامهون

٤
١ جڏهن پطرس ۽ يوحنا ماڻهن سان
ڳالهيون ڪري رهيا هئا تڏهن ڪجهه
ماڻهون ان ڏانهن آيا انهن ۾ ڪجهه يهودي ڪاهن
۽ جن ۾ ڪليسيا جا سردار به هيا جن ۾ هيڪل
جا حفاظتي دسته جو ڪپتان ۽ ٿوڙا صدوقي به
هيا. ٢ اهي غصي ۾ هيا ڇالاءِ جو ته پطرس ۽
يوحنا اها تعليم ڏيئي رهيا هئا ته ماڻهن کي موت
کان بعد اٿاريون ويندو ۽ انهن پنهين رسولن کي
مري ڪري زنده هجڻ جي ڳالهه يسوع جو مثال
ڏيئي ڪري چئي رهيا هئا. ٣ انهن پطرس ۽
يوحنا کي پڪڙي ڪري حوالات ۾ رکيو اهو
رات جو وقت هيو ۽ انهن پطرس ۽ يوحنا کي
ٻئي ڏينهن صبح تائين حوالات ۾ بند رکيو هيو. ٤
ڪئي ماڻهون پطرس ۽ يوحنا جي تعليمات ٻڌي
ايمان آندو اهل ايمان جي گروهه ۾ انهن جو تعداد
تقريبن پنج هزار تائين وڌي ويو هيو.
٥ ٻين يهودي سردارن قائد ۽ انهن جا قديم
يهودي رهنما ۽ شريعت جا عالم يروشلم ۾
جمع ٿيا. ٦ حنّا (وڏو سردار)، ڪائفا، يوحنا
۽ سڪندر به موجود هيا جيڪي وڏي سردار
ڪاهن جي خدمت انجام ڏيندا هيا. ٧ پطرس ۽
يوحنا کي انهن جي سامهون وٺي آيا ۽ يهودي
سردار انهن کان ڪيترا پيرا پڇيو، ”توهان منڊي
معذور ماڻهون کي ڪهڙي طرح سٺو ۽ تندرست
ڪيو؟ توهان ڪهڙي طاقت استعمال ڪئي؟
ڪنهن جي اختيار هيٺ ڪيو؟“
٨ تڏهن انهيءَ وقت پطرس روح القدس سان
معمور ٿيو ۽ ان چيو، ”اي ماڻهن جا سردارو! ٩
ڇا توهان ان پلائي جي متعلق سوال ڪري رهيا
آهيو جيڪو ان منڊي معذور سان ڳڏ اچ ڪئي
ويئي؟ ڇا توهان اسان کان پڇي رهيا آهيو ته
ڪنهن شيءِ ان کي سٺو ڪيو؟ ١٠ اسان چاهيون
ٿا ته توهان سڀ يهودي اهو ڄاڻي ڇڏيو ته
ناصري يسوع مسيح جي طاقت سان اهو شخص
تندرست ٿيو آهي. توهان ان يسوع کي ماري
ڇڏيو ۽ مصلوب ڪيو پر خدا ان کي موت مان
ٻيهر جياريو ۽ هي ماڻهون جيڪو منڊو معذور
هيو هاڻي ٻيهر هلڻ جي قابل ٿي ويو آهي محض
انهي يسوع جي قوت جي وجهه سان ٿيو آهي.
١١ يسوع اهوئي پهڻ آهي

جن کي معمارن ڪائي اهميت نه
ڏني، پر اهوئي پٿر ڪنڊ جو سرهو
ٿيو. زبور ١١٨: ٢٢

١٢ صرف يسوع ئي ماڻهن کي بچائي سگهي
ٿو دنيا ۾ صرف ان جو نالو ئي نجات جي لاءِ
ڪافي آهي. اسان يسوع جي ذريعي ئي نجات
پائي سگهنداسين.“
١٣ يهودي سردار اهو ڄاڻي ڪري ته پطرس
۽ يوحنا ڪوئي تعليم يافته ۽ مذهبي تربيت يافته
ناهن اهي حيران ٿيا. ۽ اهو ته پطرس ۽ يوحنا
بغير ڪنهن خوف ۽ جهجڪ ڪري ڳالهيون
ڪن ٿا تڏهن اهي سمجهيا ته پطرس ۽ يوحنا
يسوع سان گڏ هيا. ١٤ انهن ڏٺو ته منڊو شخص
جيڪو معذور هيو. انهن جي ويجهو تندرست
بيٺو هيو انهيءَ لاءِ انهن رسولن کي جواب ۾
ڪجهه نه چيو.
١٥ انهن اُنهن کي ان مجلس مان ٻاهر وڃن جو
حڪم ڏنو ۽ وري پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان مشورو
ڪرڻ لڳا ته انهنکي ڇا ڪرڻ گهرجي. ١٦
انهن چيو، ”اسان انهن ماڻهن سان ڇا ڪيون؟
هر هڪ جيڪو يروشلم آهي اهو سٺي طرح
واقف آهي ته انهن هڪ وڏو معجزو ڏيکاريو
اهي درحقيقت اسان ان کان انڪار نٿا ڪري
سگهون. ١٧ پر اسان کي گهرجي ته انهن کي
ڌمڪايون ۽ چئون ته اهي وڌيڪ ماڻهن سان
مسيح جي ڳالهه نه ڪرن نه وري وڌيڪ اهو به
مسئلو ماڻهن ۾ ڦهلجي ويندو.“
١٨ يهودي سردار پطرس ۽ يوحنا کي گهرائي
ڪري تاڪيد ڪئي ته اهي ماڻهن کي يسوع جو
نالو وٺي ڪري ڪنهن قسم جي تعليم جي ڳالهه
نه ڪن. ١٩ پر پطرس ۽ يوحنا انهن کي جواب
ڏنو، ”توهان اهو فيصلو ڪيو ته خدا جي نظر ۾
ڇا صحيح آهي، ته توهان جي اطاعت ڪنداسين
يا خدا جي اطاعت ڪريو؟ ٢٠ اسان خاموش نه
ٿا رهي سگهون اسان جيڪو ڏٺو ۽ ٻڌو ان کي
ماڻهن کي چونداسين.“
٢١-٢٢ اهي انهن کي سزا ڏيڻ جو ڪوئي
جواز نه پائي سگهيا ڇالاءِ ته معجزه جيڪي
واقع ٿيا انهن کي ڏسي ڪري ماڻهون خدا جي
وڏائي بيان ڪري رهيا هيا ۽ جيڪو ماڻهون
سٺو ٿيو ۽ اهو چاليهن سالن کان وڌيڪ جو هيو

ان لاءِ يھودي سردار انھن کي ھڪ دفعو وري
ڀيھر ڌمڪائي ۽ تاڪيد ڪندي ڇڏي ڏنو.

## پطرس ۽ يوحنا اھل ايمان ڏانھن واپس ٿيڻ

٢٣ پطرس ۽ يوحنا يھودي سردارن جي مجلس
کان ٻاھر نڪري آيا ۽ پنھنجي گروھه سان
وڃي مليا پراڻا يھودي ڪاھن ۽ بزرگ يھودي
سردارن جيڪو ڪجهه انھن کي چيو ھيو اھو
سڀ ڪجهه ان کي چئي ڇڏيو. ٢٤ جڏھن انھن
جي گروھه اھو ٻڌي ڪري گڏ ٿي ڪري خدا
جي حمد ڪئي ۽ چيو، ”خداوند تون ئي آھين
جنھن آسمانن زمينن ۽ سمنڊن کي ۽ دنيا جي
ھر شيءِ کي پيدا ڪيو. ٢٥ اسانجي ابن ڏاڏن به
توھان جا خادم ھيا ۽ روح القدس جي مدد سان
انھن اھي الفاظ لکيا:

قومون چو رڙيون ۽ واڪو ڪري رھيون
آھن،
دنيا جي ماڻھن خدا جي خلاف چو منصوبه
ٺاھي رھيا آھن، جيڪي بي فائده آھن.
٢٦ زمين جي بادشاھن پنھنجو پاڻ کي
لڙائي جي لاءِ تيار ڪيو
۽ تمام حڪم، خداوند ۽ ان جي مسيح
جي خلاف ملي ڪري ڪٺا ٿيڻ
لڳا. زبور ٢: ١-٢

٢٧ حيقيقت ۾ اھو واقعو ان وقت ٿيو جڏھن
ھيروديس، پنطيس، پيلاطس، ٻين قومن ۽ يھودي
ماڻھون ھڪ ٿي يسوع جي خلاف يروشلم ۾
جمع ٿيا. يسوع ئي توھان جو خاص خادم آھي
ھي اھوئي آھي جنھن کي خداوند مسيح جي طور
تي چونڊيو آھي. ٢٨ ھي ماڻھون جيڪي يسوع
جي خلاف ڪٺا ٿيا آھن توھان جي منصوبي جي
مطابق ۽ توھان جي قوت ۽ منشا سان سچا ڪم
ڪرڻ جي لاءِ جمع ٿيا آھن. ٢٩ انھن کي خداوند
ٻڌندو آھي ته اھو ڇا چئي رھيو آھي اھي اسان
کي ڊڄارڻ چاھن ٿا. اي خداوند اسان سڀ توھان
جا خادم آھيون انھيءَ لاءِ اسان جي مدد ڪر
ته جيئن تنھنجي ڪلام جي جرت ھمت اسان
سان گڏ چئي سگھون. ٣٠ اسانکي ھمت ڏيئي ته
اسان توھان جي قوت جو اظھار ڪري سگھون.
۽ بيمارن کي تندرست ڪري سگھون. ثبوت
ڏيکاري ڪري انھن کي معجزه فراھم ڪريون
۽ اھو سڀ پاڪ خادم يسوع جي قوت جي بل
بوتي تي ٿين.“
٣١ جڏھن اھي دعا ختم ڪري چڪا ته اھا
جاءِ جتي اھي جمع ھيا لڏي وئي ۽ اھي سڀ
روح پاڪ سان پرجي ويا ۽ اھي خداوند جي
پيغام کان بغير ڪنھن خوف سان دليري کي
جاري رکيو.

## اھل ايمان جو حصو

٣٢ اھل ايمان جو گروھه ھڪ دل ۽ ھڪ
روح رکندو آھي ۽ ڪنھن به اھو نه چيو ته اھا
ملڪيت انھن جي آھي. بلڪه ھر شيءِ جو ھڪ
ٻئي سان اشتراڪ ڪيو. ٣٣ مسيح جي رسولن
وڏي قوت سان خداوند يسوع جي ڀيھر جي اٿڻ
جي گواھي ڏني ۽ وڏو فضل انھن تمام ماڻھن تي
ھيو. ٣٤ ۽ اھي تمام گھٽو حاصل ڪيو جن جي
انھن کي ضرورت ھئي. ڇالاءِ جو ته جنھن وٽ
زمينون يا گھر ھيا اھي فروخت ڪري ڇڏن ۽
انھن جي قيمت ڪٺي اچي ڪري رسولن ۽ مريدن
۾ ورھائي ڇڏيندا ھيا. ٣٥ اھڙي طرح ھر ھڪ
رسول کي ان جي ضرورت جي مطابق ڏنو ويو.
٣٦ ھڪ ماڻھو جنھن جو نالو يسوف ۽ رسولن
۾ ان کي برنباس يعني ”ٻين جي مدد ڪرڻ وارو
رکيو ھيو.“ اھو لاوي ھيو ۽ اھو ڪپرس ۾
پيدا ٿيو. ٣٧ يسوف جو ھڪ ٻني ھئي ان اُن
کي فروخت ڪيو ۽ رقم ڪٺي ڪري مسيح جي
رسولن کي ڏني.

## حنياه ۽ صفيره

٥ ١ حننياه نالي ھڪ شخص ھيو. حننياه
جي ھڪ زال ھئي جنھن جو نالو صفيره
ٿيو. ان زمين جو ڪجهه حصو فروخت ڪري
ڇڏيو. ٢ پر پنھنجي زندگي ۾ فروخت ڪرڻ کان
بعد رقم جو ھڪ حصو رسولن ڏانھن پيش ڪيو
۽ ھڪ حصو زال جي مرضي سان پنھنجي جي
لاءِ رکي ڇڏيو.
٣ پطرس چيو، ” حننياه ڇا شيطان تنھنجي دل
۾ ڳالھه وڌي ته روح پاڪ سان ڪوڙ ڳالھائي
۽ زمين جي قيمت مان ڪجهه پنھنجي لاءِ رکي
ڇڏيو.؟ ٤ فروخت ڪرڻ کان پھريان ان تي
تنھنجو حق ھيو ۽ بعد ان جي رقم کي به تون

پنهنجي مرضي جي مطابق رکي سگهين پيو پوءِ
اهو شيطان خيال ڪيئن آيو؟ دل ۾ ڪهڙي طرح
آيو. تون انسان سان نه خدا سان ڪوڙ چيو.
٥-٦ جڏهن حننياه اهو ٻڌو ته اهو ڪريو ۽
مري ويو ڪجهه نوجوانن اچي ڪري ان جي
جنازي کي لپيٽي ڪري دفن ڪيو. ۽ جنهن
ڪنهن به اهو واقعو ٻڌو ته ٻڌي ڪري خوفزده
ٿي ويا. ٧ ٽن ڪلاڪن کان بعد ان جي زال
صفيره اندر آئي ان کي تمام واقعا خبرنه هيا
جيڪي ان جي مڙس سان پيش آيا هئا. ٨ پطرس
جواب ڏنو، ”تو کي ڪيتري رقم زمين فروخت
ڪرڻ تي ملي هئي ڇا رقم ايتري ئي هئي
جيتري حننياه ٻڌائي هئي؟“ صفيره جواب ڏنو،
”ها ايتري ئي رقم ملي هئي.“
٩ پطرس چيو، ”تون ۽ تنهنجو مڙس ڇو
خداوند جي روح کي چاڻ جو فيصلو ڪيو؟ ٻڌ!“
ڇا تون پيرن جي آهٽ ٻڌندين آهين اهو ماڻهون
جنهن تنهنجي مڙس کي دفنايو يا اهو دروازي
تي آهي. ۽ تو کي به وٺي ويندو.“ ١٠ ٻئي صبح
صفيره ان جي پيرن تي ڪري پئي ۽ مري ويئي
نوجوانن اندر اچي ڪري ڏٺو ته اها مري چڪي
هئي جيئن ته ٻاهر ڪڍي ڪري ان جي مڙس
جي ويجهو دفن ڪري ڇڏيو. ١١ تمام اهل ايمان
۽ اهي ماڻهون جنهن اهي واقعا ڏٺا ۽ ٻڌا ته اهي
ٻڌي ڪري خوفزده ٿي ويا.

## خدا جي طرفان ثبوت

١٢ رسولن گهڻا معجزه ڏيکاريا ۽ ڪئي عجيب
شيون به ظاهر ڪيو تمام ماڻهن انهن شين کي
ڏٺو. تمام رسول هڪ ٿي سليمان جي برآمدي
۾ جمع ٿيا. انهن تمام جو هڪ ئي مقصد هيو.
١٣ پر انهن ماڻهن مان ڪنهن کي جرت نه ٿي
ته انهن ۾ وڃي ملي، ۽ تمام ماڻهون مسيح جي
رسولن جي مطابق سٺا خيال بيان ڪري. ١٤
گهڻي کان گهڻا ماڻهن جن ۾ مرد ۽ عورتون به
آهن خداوند تي آيمان آندو. ١٥ تنهنڪري ماڻهون
پنهنجي بيمارين کي گس تي وٺي آيا، ڇالاءِ جو ته
اهي ٻڌي چڪا هئا ته پطرس اتي اچي رهيو آهي.
انهيءَ لاءِ انهن پنهنجن بيمارن ماڻهن کي کٽن ۽
پلنگن تي ڪٽي ايندي ان خيال سان ته گهٽ ۾ گهٽ
ان جي سائي ئي پڙڻ سان ماڻهون تندرست ٿي
ويندا. ١٦ جيڪي ماڻهون يروشلم جي ڳوٺن مان
اچي ڪري جمع هيا، ۽ پان سان گڏ بيمارن ۽
ناپاڪ ڀوتن کان ستايل هئا ماڻهون کي وٺي آيا
هيا ۽ اهي تمام ماڻهون شفاياب ٿي ويا.

## يهودي رهنمائن جو رسولن
## کي روڪڻ جي ڪوشش ڪرڻ

١٧ وڏا ڪاهن ۽ ان جي دوستن جا گروهه
جن جو تعلق صدوقين سان هيو انهن سان ساڙ
ڪرڻ لڳا. ١٨ انهن مسيح جي رسولن کي
گرفتار ڪري حوالاتن ۾ بند ڪري ڇڏيو. ١٩
پر رات جي وقت خداوند جا ملائڪن جيل جا
درواز کوليا ۽ انهن کي ٻاهر گهرائي چيو. ٢٠ ”
وڃو ۽ هيڪل ۾ بيهي ڪري تمام ماڻهن کي ان
يسوع جي نئين زندگي جي باري ۾ ٻڌايو.“ ٢١
جڏهن رسولن اهو ٻڌو ته انهن حڪم جي تعميل
ڪئي ۽ هيڪل ڏانهن ويا اهو صبح جو پهريون
وقت هيو. رسولن تعليم ڏيڻ شروع ڪئي.
وڏي سردار ڪاهن ۽ انهن جي دوستن جي
گروهه يهودي سردار جي ۽ اهم بزرگن جي
مجلس طلب ڪئي. ٢٢ انهن ڪجهه ماڻهن کي
جيل ڏانهن موڪليو ته اهي مسيح جي رسولن
کي وٺي اچن. اهي ماڻهون جيل ويا. پر اتي
انهن رسولن کي نه پاتو ۽ اهي واپس آيا، اچي
ڪري يهودي سردار سان ان واقعي جي اطلاع
ڏني. ٢٣ انهن چيو، ”جيل بند ۽ ان ۾ تالو لڳل
هيو ۽ نگرانڪار سپاهي به دروازن تي هيا. پر
جڏهن اسان جيل جو دروازو کوليو ته اسان ڏٺو
ته اتي ڪوئي نه هيو.“ ٢٤ هيڪل جو رهنما ۽
ٻين ڪاهنن جي رهنما اهو ٻڌو ته حيران ٿيا ۽
سوچڻ لڳا ته ”ان جو انجام ڇا ٿيندو؟“
٢٥ تڏهن ٻيو شخص آيو. ۽ انهن کي چيو،
”ٻڌو! جن ماڻهن کي توهان جيل ۾ رکيو هيو اهي
هيڪل جي سهڻ ۾ بيٺا آهن ۽ ماڻهن کي تعليم
ڏيئي رهيا آهن.“ ٢٦ تڏهن رهنما ۽ ٻيا پهريدار
هيڪل ڏانهن ويا ۽ رسولن کي وٺي آيا. پر انهن
طاقت جو استعمال نه ڪيو ڇالاءِ جو ته اهي
ماڻهون کان گهڻا ڊڄيل هيا ان خيال کان ته ڪٿي
ماڻهون غصي ۾ اچي ڪري انهن کي سنگسار
نه ڪري ڇڏن.
٢٧ سپاهي رسولن کي مجلس ۾ وٺي آيا ۽ انهن
يهودي سردارن جي سامهون بيهاري ڇڏيو. وڏي
ڪاهن رسولن کان سوال ڪيو. ٢٨ اسان توهان

ڪي چيو هيو.“ ان ماڻهون جي متعلق تعليم نه
ڏي جو پر توهان سڄي يروشلم ۾ پنهنجي تعليم
ڦهلائي ڇڏي ان طرح توهان ان شخص جي موت
جا ذميداري اسان جي گردن تي رکڻ چاهيو ٿا.“
٢٩ پطرس ۽ ٻين رسولن جواب ڏنو، ”اسان
کي خدا جو حڪم مڃڻو آهي توهان جو نه. ٣٠
توهان يسوع کي صليب تي چاڙهي ڪري ماري
ڇڏيو، پر خدا جيڪو اسان جي ابن ڏاڏن جو
خدا آهي يسوع کي موت مان اٿاريو آهي. ٣١
يسوع کي خداوند جي ساڄي پاسي کان بلند ڪيو
۽ ان کي خداوند ۽ نجات ڏياريندڙ بڻايو. اهو
ان لاءِ ڪيو ته تمام يهودي پنهنجي دلين کي ۽
زندگين کي بدلائن تڏهن خداوند انهن جي گناهن
کي معاف ڪري سگهي ٿو. ٣٢ اسان اهو سڀ
ڪجهه ڏٺو انهيءَ لاءِ اسان چئون ٿا، ”اهو سڀ
ڪجهه سچ آهي. روح القدس به ۽ ٻيون سڀ
شيون اهن. خدا انهن سڀن ماڻهن کي جيڪي ان
جي اطاعت ڪندا آهن روح ڏني آهي.“
٣٣ جڏهن يهودي سردارن اهي سچون ڳالهيون
ٻڌيون ته غصي ۾ اچي ويا ۽ رسولن کي قتل ڪرڻ
چاهيو. ٣٤ هڪ فريسي جنهن جو نالو گيملي ايل
جيڪو شريعت جو استاد هيو. سڀ ماڻهون ان جي
عزت ڪندا هيا ان چيو ته مسيح جي رسولن کي
ڪجهه منٽن جي لاءِ اجلاس کان ٻاهر موڪليو
وڃي. ٣٥ ۽ وري انهن کي چيو، ”اي بني اسرائيليو
خبرادر رهو توهان انهن ماڻهن سان گڏ جيڪي
ڪرڻ چاهن ٿا هوشياريءَ سان ڪيو. ٣٦ ياد رکو
جڏهن ٿيهوداس ظاهر ٿيو هيو. ان چيو هيو ته مان
هڪ اهم شخص آهيان ته تقريبن ٤٠٠ ماڻهون ان
سان گڏ ٿي ويا. پر اهو ماريو ويو ۽ ان جا سڀ
ماڻهون خراب ٿي ويا. ۽ تمام شين کان بغير فائدي
جي ختم ٿي ويون. ٣٧ ان کان بعد هڪ ماڻهون
يهوداه جي گليل کان آدمشماري جي وقت آيو هيو.
ان به ڪجهه ماڻهن کي پاڻ ڏانهن راغب ڪري
ڇڏيو هيو. اهو به ماريو ويو ۽ جيترا ان جا مڃڻ
وارا هئا سڀ خراب ٿي ويا. ۽ بچي ويا ٣٨ آئون
توهان کي چوان ٿو ته انهن ماڻهن کان پري ٿيو
انهن کي اڪيلو ڇڏي ڏيو جيڪڏهن اهو ماڻهون
جو منصوبو آهي ته اهو ناڪام ٿي ويندو. ٣٩ پر
جيڪڏهن اهو خدا جي طرفان آهي ته توهان ان
کي روڪي نه سگهندا ۽ توهان به شايد خدا سان
وڙهڻ وارن ۾ شمار ڪيا ويو.“

يهودي سردارن گيملي ايل جي ڳالهه سان اتفاق
ڪري ڇڏيو. ٤٠ انهن رسولن کي ٻيهر گهرايو ۽
انهن کي پٽرايو ۽ حڪم ڏيئي ڪري ڇڏي ڏنو،
”اهي ٻيهر يسوع جي متعلق ڪجهه نه چون،
”تڏهن انهن رسولن کي آزاد ڪيو. ٤١ مسيح
جي رسولن اتان مجلس کي ڇڏيو. اهي خوش
ٿيا چالاءِ جو ته يسوع جي نالي جي خاطر بي
عزت ضرور ٿهريا. ٤٢ ۽ هر روز اهي مسلسل
ماڻهن کي تعليم ڏيندا رهيا گهرن ۾ هيڪل ۾ ۽
خوشخبري چوندي ته يسوع ئي مسيح آهي

## مخصوص ڪم جي لاءِ ستن ماڻهن جي چونڊ

٦ ١ يسوع کي مڃڻ وارا ڪئي ماڻهون
شامل ٿيندا ويا ته يوناني مائل يهودي
عبرانين جي شڪايت ڪرڻ لڳا اهي چوندا هيا ته
انهن جي زالن جو حصو جيڪو هر روز ورهايو
ويندو هيو نه پائينديون هيون. ٢ مسيح جي ٻارهن
رسولن تمام اهل ايمان کي گهرائي ڪري چيو،
”اهو صحيح نه آهي ته خدا جي پيغام جي
تعليم کي روڪي ڇڏيو جيڪو اسان جو ڪم
آهي. اسان جي لاءِ بهتر ٿيندو ته غذا جي تقسيم
۾ مدد ڪرڻ جي بجاءِ اسان خدا جي تعليمات کي
جاري رکون. ٣ تنهنڪري اي منهنجا ڀائرو! پاڻ
۾ ڪنهن ستن ماڻهن کي چونڊيو، جيڪو روحاني
طور سان ڪامل ۽ عقلمند به هجن. اسان اهو
ڪم انهن جي حوالي ڪري ڇڏينداسين. ٤ ته
جيئن پنهنجي ڪم ۾ دل جوئي سان وقت ڏيو:
دعا ۽ خدا جي ڪلام کي وقت ڏيئي سگهون.“
٥ تمام گروهه ان منصوبن کي پسند ڪيو
۽ اهي ست فرد چونڊيا ويا جيڪي هي آهن:
استيفمس (جيڪو روح القدس ۽ بهتر عقيدي
جو مالڪ فلڪيه جو رهڻ واسي)، لوگپ،
پروڪورس، نڪاتور، تائمون، پرمناس ۽
نيڪلائوس ( جيڪو انتظاميه جو نئون مريد
هيو). ٦ انهن ماڻهن انهن ماڻهن جي رسولن کي
سامهون آندو. رسولن انهن جي لاءِ دعا ڪئي ۽
پنهنجو هٿ انهن تي رکيو.
٧ خدا جو ڪلام گهٽي کان گهڻ ماڻهن تائين
پهچائڻ شروع ٿي ويو، يروشلم اهل ايمان جو
گروهه گهٽو کان گهٽو وڌندو ويو جيئن ته يهودي
ڪاهنن جي وڏي ڪليسيا ان دين جي تابع ٿي
ويئي.

## يهودي جو استيفمس ڪي خلاف ڪرڻ

٨ استيفمس جيڪو فضل ۽ قوت سان ڀريل
هيو خدا ان کي معجزو ڏيکارڻ جي ۽ ماڻهن
کي نشانيون ڏيکارڻ جي صلاحيت ڏني هئي.
٩ ڪجهه يهودي جن جو تعلق يهودين جي
ڪنهن هڪ يهودي هيڪل سان هيو استيفمس
ڏانهن اچي ڪري وڙهڻ لڳا جيڪا لبرتينن جي
هيڪل سڏرائيندي هئي اها هيڪل ڪرينيون جي
يهودين جي به هئي ۽ اسڪندريه جا رهڻ وارا
يهودين جو به سليسياه ۽ ايشاء جا يهودي به ۾
هيا. اهي تمام آيا استيفمس سان بحث ڪرڻ لڳا.
١٠ پر روح استيفمس جي مدد ڪري رهي هئي
۽ اهو داناهيءَ جي ڳالهه ڪري رهيو هيو. ان
جا الفاظ ايترا طاقتور ۽ جامع هيا ته يهودي ان
جو مقابلو نه ڪري سگهيا.
١١ اهي يهودي ڪجهه ماڻهن کي وٺي آيا جن
چيو، ”اسان ٻڌو آهي ته استيفمس ماڻهن سان
موسيٰ ۽ خدا جي خلاف خراب ڳالهيون ڪندو
آهي.“ ١٢ انهن يهودي ماڻهن کي مشتعل ڪرڻ
شروع ڪري ڇڏيو ۽ گڏ ئي عمر رسيده يهودي
سردارن ۽ شريعت جي عالمن کي به ۽ اهي
سڀ استيفمس ڏانهن ويا ان کي پڪڙيو يهودي
سردارن جي اجلاس ۾ پيش ڪيو.
١٣ يهودين ڪجهه ماڻهن کي ان مجلس ۾
استيفمس جي خلاف ڪوڙ ڳالهائڻ جي لاءِ آندو
هيو انهن ماڻهن چيو، ”هي ماڻهون پاڪ جاين
جي لاءِ نه صرف خراب ڳالهيون چوندو آهي
بلڪه موسيٰ جي شريعت جي خلاف به چوندو
۽ اهو باز نه ٿو اچي. ١٤ اسان ان کي اهو
چوندي ٻڌو آهي ته يسوع ناصري ان جاءِ کي
برباد ڪري ڇڏيندو. ۽ انهن رسمن کي بدلائي
ڇڏيندو جيڪي موسيٰ اسان کي سونپي آهي.“
١٥ تمام ماڻهون اجلاس ۾ هيا بغور استيفمس کي
ڏسي رهيا هيا ۽ انهن ڏٺو ان وقت ان جو چهرو
ڪنهن ملائڪ جي مثل هيو.

## استيفمس جي تقرير

٧ ١ وڏي سردار استيفمس کان پڇيو، ”ڇا
اهي سڀ شيون سچ آهن؟“ ٢ استيفمس
جواب ڏنو، ”منهنجا يهودي ڀيءُ ۽ ڀائرو غور
سان ٻڌو!، ”خداوند ذوالجلال اسان جي ڀيءُ
ابراهيم تي ان وقت ظاهر ٿيو جڏهن ته اهو
مسوپتاميه ۾ هيو اها انهن جي حاران ۾ رهڻ
کان ڀهريان جي ڳالهه آهي. ٣ خدا ابراهيم کي
چيو، ”توهان پنهنجي مالڪ ۽ ماڻهن کي ڇڏيو ۽
اهڙي ملڪ ڏانهن هليا وڃو جيڪو مان توهان
کي ٻڌائيندس.[1]
٤ ان لاءِ ابراهيم ڪلديه کي ڇڏيو ۽ حاران ۾
وڃي رهيو اتي ان جي ڀيءُ جي مرڻ کان بعد
خدا ان کي ان ملڪ ۾ گهرائي ڪري رهايو
جتي هاڻي توهان رهي رهيا آهيو. ٥ پر خدا
ان کي هتان جي زمين جي ڪائي ميراث ناهي
ڏيندي جيئن ته هڪ فٽ زمين به نه ڏني پر خدا
ابراهيم سان واعدو ڪيو ته آئنده ان کي ۽ ان
جي ٻارن کي هي زمين ڏيندو. ان وقت ابراهيم
جي ڪائي اولاد نه هئي.
٦ ۽ اهو ئي خدا ابراهيم سان واعدو ڪيو
هيو، ”توهان جي نسل ٻئي ملڪ ۾ اجنبي وانگر
رهندي ۽ اتان جا ماڻهون انهن کي غلامي ۾
رکندا ۽ انهن کي چار سوء سالن تائين خراب
سلوڪ ڪندا.“ ٧ پر آئون ان قوم جي ماڻهن
کي سزا ڏيندس جنهن انهن کي غلام بڻايو[2] ۽ خدا
اهو به چيو آهي ان کان بعد توهان جي نسل اتان
کان هلي ايندي ۽ انهيءَ جاءِ تي منهنجي عبادت
ڪندي.[3]
٨ خدا ابراهيم کان هڪ عهد ورتو ۽ ان عهد
جي نشآني هئي ختنو ۽ جڏهن ابراهيم جو پُٽ ٿيو
ته ان اُن جي اٺين ڏينهن ختنو ڪرايو اهو ٻار
اسحاق سڏرايو اسحاق به پنهنجي ٻارهن ٻارن
جو ختنو ڪرايو. جيڪي بعد ۾ ٻارهن رسولن
جي قبيلن جا بزرگ پيدا ٿيا.
٩ ”اهو بزرگ ڀيءُ پنهنجي ڀاءُ يوسف سان
ساڙ ڪندو هيو. انهن يوسف کي بطور غلام
بڻائي ڪري مصر ۾ فروخت ڪري ڇڏيو پر
خدا يوسف سان گڏ هيو.
١٠ يسوف ڪيترين ئي تڪليفن جو منهن ڏنو
پر خدا ان کي تمام تڪليفن کان بچايو، فرعون
جيڪو مصر جو بادشاهه ٿيو يوسف کي چاهيندو
هيو ۽ ان يوسف کي مقبوليت ڏني اها مقبوليت
ان جي نادانيءَ جي بناء تي جيڪا خدا يوسف
کي عطا ڪئي هئي. فرعون يوسف کي مصر

[1] ٧: ٣ اقتباس پيدائش ١٢: ١
[2] ٧: ٧ اقتباس پيدائش:١٥ ١٣-١٤
[3] ٧: ٧ اقتباس پيدائش ١٥: ١٤؛ خروج ٣: ١٢

جو سردار بڻايو ۽ يوسف کي فرعون جي محل
جو حاڪم به. ١١ زبردست ڏڪار پيو جنهن جي
وجهه سان وڏي مصيبت آئي ۽ اسان جي ابن
ڏاڏن کي کائڻ جي لاءِ ڪجهه نه مليو هيو.
١٢ پر يعقوب ٻڌو ته مصر ۾ اَنُ جمع آهي ته
ان پنهنجي بزرگ ابن ڏاڏن کي روانو ڪيو اهو
مصر جي لاءِ پهريون سفر هيو. ١٣ وري ان
کان بعد انهن ٻيهر سفر ڪيو ان پيري يوسف
پنهنجي ڀائرن کي ٻڌايو ته اهو ڪير آهي؟ ۽
فرعون اهڙي طرح يوسف جي خاندان مان
واقف هيو. ١٤ تڏهن يوسف ڪجهه ماڻهن کي
پنهنجي پيءُ يعقوب کي مصر ڏانهن گهرائڻ جي
لاءِ موڪليو ۽ گڏ ئي پنهنجي تمام رشتيدارن کي
به جيڪي تقريبن ٧٥ جي تعداد ۾ هيا. ١٥ يعقوب
مصر ڏانهن ويو يعقوب ۽ انجي پيءُ ڏاڏي مصر
۾ ان جي مرڻ تائين رهيو. ١٦ بعد ۾ انهن نعشن
لي سڪم ۾ منتقل ڪيو ويو ۽ ان جاءِ تي دفن
ڪيا ويا جنهن کي ابراهيم چانديءَ ڏيئي ڪري
همور جي پٽن کان خريد ڪري ڇڏيو.
١٧ ”جڏهن مصر ۾ اسرائيلين جو تعداد
وڌي ويو ۽ انهن جي آبادي وڌي ان طرح خدا
ابراهيم سان جيڪو واعدو ڪيو هيو ان کي
پوري ڪرڻ جو وقت ويجهو اچي رهيو هيو.
١٨ تڏهن هڪ ٻيو بادشاهه مصر تي حڪومت
ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو ان کي يوسف جي
متعلق ڪجهه خبر نه هئي. اهو يوسف کي نه
سڃاڻيندو هيو. ١٩ ان بادشاهه اسان جي ابن ڏاڏن
کان اهڙيون بدسلوڪيون ڪيون ته ان انهن تي
زبردستي ڪئي انهن ٻارن کي ٻاهر مرڻ جي
لاءِ ڇڏي ڏنو.
٢٠ اهڙي موقعي تي موسيٰ پيدا ٿيو جيڪو
خوبصورت ڇوڪرو ۽ پيارو هيو. اهو ٽين
مهينن تائين پنهنجي پيءُ جي گهر ۾ پلندو رهيو.
٢١ جڏهن انهن کي ٻاهر ڦٽي ڪيو ويو ته
فرعون جي ڌيءَ انهن کي ورتو ۽ ان ڇوڪري
کي ان طرح پرورش ڪئي جيئن اهو ان جو
پنهنجو ٻار هجي. ٢٢ موسيٰ مصرين کي تمام
علمن جي تعليمات پاتي اهو گهڻو وڏيڪ ذهين ۽
قادر الڪلام هيو.
٢٣ ”جڏهن موسيٰ تقريبن چاليهن سالن جو
ٿيو ته ان جي دل ۾ خيال آيو ته پنهنجي وطن
اسرائيلي ڀائرن سان مليو. ٢٤ موسيٰ ڏٺو ته
هڪ مصري هڪ اسرائيلي سان خراب
سلوڪ ڪري رهيو آهي. ۽ موسيٰ اسرائيلين
جي طرفداري ڪئي ۽ موسيٰ کي مصرين کي
اسرائيلي ستائڻ تي سزا ڏني ۽ اهڙي طرح ماريو
ته اهو مري ويو. ٢٥ موسيٰ محسوس ڪيو ته
اسرائيلي برادري اهو سمجهندا ته خدا انهن کي
بچائڻ جي لاءِ ان کي استعمال ڪري رهيو آهي
پر اهي ماڻهون نه سمجهيا.
٢٦ ٻئي ڏينهن موسيٰ ڏٺو ته به اسرائيلي وڙهي
رهيا آهن ۽ موسيٰ ٻنهن جي وچ ۾ سلامتي ۽
مصالحت ڪئي اهو چوندي ڪوشش ڪئي ته
توهان ٻئي ڀاڻ ۾ ڀائر آهيو ٻوءِ ڇو هڪ ٻئي تي
ظلم ڪريو ٿا. ٢٧ انهن مان جيڪو هڪ غلطي
تي هيو موسيٰ کي ڌڪو ڏنو ۽ موسيٰ کي چيو!
ڇا ڪنهن توهان کي اسان جي وچ ۾ منصف يا
بادشاهه حڪمران مقرر ڪيو آهي؟ ٢٨ ڇا مون
کي مارڻ چاهيو ٿا جهڙي طرح توهان ڪلهه ان
مصري کي ماري ڇڏيو هيو؟'[١] ٢٩ جڏهن موسيٰ
ان ماڻهون ايئن چوندين ٻڌو ته اهو مصر ڇڏي
ويو ۽ مديان ۾ رهڻ جي لاءِ هليو ويو. اهو مديان
۾ هڪ اجنبي وانگر هيو مديان ۾ رهڻ جي
دوران موسيٰ کي ٻه ٻار ٿيا.
٣٠ ”چاليهن سالن تائين موسيٰ ڪوه سينا
جي رڻ پٽ ۾ هيو تڏهن ان جي سامهون هڪ
ملائڪ شعله پوش جهاڙي ۾ ظاهر ٿيو. ٣١
موسيٰ ان کي ڏسي ڪري گهڻو حيران ٿيو اهو
ڏسڻ جي ويجهو ٿيو ته هڪ آوزا ٻڌي جيڪا
خداوند جي آواز هئي. ٣٢ خداوند چيو، ”آئون
توهان جي ابن ڏاڏن جو خدا ابراهيم جو خدا،
اسحاق جو خدا، ۽ يعقوب جو خدا آهيان.“[٢] ۽
موسيٰ ڊپ کان ڏڪڻ لڳو. ۽ جهاڙي جي طرف
ڏسندي به خوفزده هيو.
٣٣ تڏهن خداوند انکي چيو، ”پنهنجي پيرن مان
جوتا ڪڍي ڇڏ ڇالاءِ جو ته اها جاءِ جتي تون
بيٺو آهين اها پاڪ آهي. ٣٤ مان ڏسي چڪو
آهيان منهنجا ماڻهون مصر ۾ مصيبت زده آهن ۽
انهن کي ڏک ۾ روئيندي ٻڌو آهي مان انهن کي
بچائڻ آيو آهيان. موسيٰ! اچ آئون تو کي مصر
واپس موڪليندس.[٣]

---

[١] ٧: ٢٨ اقتباس خروج ٢: ١٤
[٢] ٧: ٣٢ اقتباس خروج ٣: ٦
[٣] ٧: ٣٤ اقتباس خروج ٣: ٥-١٠

٣٥ موسيٰ اهو ئي ماڻهون آهي جن ڪي
اسرائيلين رد ڪيو هيو انهن الفاظن سان ته
”ڪنهن تو ڪي اسان جو منصف ۽ حڪمران
بڻايو.“[1] ها اهو موسيٰ ئي اهو ماڻهون هيو جنهن
ڪي خدا حاڪم ۽ نجات ڏيڻ وارو بڻائي ڪري
موڪليو هيو خدا موسيٰ ڪي ملائڪ جي مدد سان
موڪليندو هيو. اهو ملائڪ شعله پوش جهاڙين ۾
ان جي لاءِ ظاهر ٿيو هيو. ٣٦ اهو شخص موسيٰ
سڏرايو ۽ ماڻهن ڪي مصر جي ٻاهر وني ويو ان
طاقتور شين ۽ معجزه ڏيکاري ۽ موسيٰ اهي سڀ
شيون مصر ۾ بحر قلزم جي ويجهو ڪيون ۽
چاليهن سالن تائين رڻ پٽ ۾ رهيو.
٣٧ هي اهو ئي موسيٰ آهي جنهن اسرائيلن
ڪي چيو هيو ته خدا توهان جي لاءِ هڪ نبي
موڪليندو جيڪو مون جهڙو ۽ توهان مان ئي
هوندو.[2] ٣٨ هي اهوئي موسيٰ آهي جيڪو ماڻهن
سان گڏ رڻ پٽ ۾ هيو ۽ اهو ان ملائڪ سان گڏ
هيو جنهن ڪوهه سيناه تي ان سان ڪلام ڪيو
۽ اسان جي پيءُ ڏاڏن سان گڏ هيو. موسيٰ ڪي
خدا جي طرف کان حڪم مليو ۽ ان اسان تائين
پهچايو.
٣٩ ”پر اسان جي پيءُ ڏاڏن موسيٰ جو چوڻ نه
مڃيو ۽ ان جو انڪار ڪري ڇڏيو ۽ انهن ڪي
مصر وڃڻ جي لاءِ چيو. ٤٠ اسان جي پيءُ ڏاڏن
هارون ڪي چيو، اسان اهو نه ٿا ڄاڻون ته موسيٰ
جيڪو اسان ڪي مصر ڪان ٻاهر ڪڍي آيو آهي،
ڇا ٿيو. انهيءَ لاءِ ڪوئي اهڙو خدا بڻايو وڃي
جيڪو اسان جي رهنمائي ڪري[3] ٤١ ماڻهن ڪي
هڪ ڳابي جو بُت بڻايو ۽ ان بُت جي قرباني
پيش ڪئي. ۽ ماڻهون انهن جي عيدون منائڻ
۾ خوش هيا. جيڪو انهن پاڻ پنهنجي هٿن سان
ٺاهيو هيو ٤٢ خدا انهن جي طرف سان منهن
ڦيري ڇڏيو ۽ انهن ڪي اجرام فلڪي (ڪوڙن
خدائن) جي عبادت ڪرڻ کان نه روڪيا. اهو
نبين جي ڪتاب ۾ لکيل آهي:

خدا چوندو آهي، اي اسرائيل جا گهراڻا! ڇا
توهان رڻ پٽ ۾ چاليهه سال جانور ڪهي
۽ قربانيون پيش ڪئي؟

٤٣ ۽ توهان پاڻ سان گڏ مولڪ جو تنبو
ڦيرائيندا هيا ۽ پنهنجي ديوتا رفان جو تاري
ڪي ڦيرائيندا هيا. جيئن ته توهان انهن بتن
جي لاءِ ڦيرائيندا هيا جن ڪي توهان عبادت
جي لاءِ بڻايو هيو. انهيءَ لاءِ توهان ڪي
بابل کان پري ڪيدان ٿو. *عاموس ٥: ٢٥-٢٧*

٤٤ ”شهادت جو تنبو رڻ پٽ ۾ اسان جي
پيءُ ڏاڏي وٽ هيو. خدا موسيٰ ڪي چيو هيو ته
ڪهڙي طرح تنبو ٺاهي ۽ خدا جا ٺهيل طريقي
جي مطابق ان تنبو بڻايا. ٤٥ بعد ۾ اسان جي پيءُ
ڏاڏن يشوع (جوشوا) جي قيادت ۾ ٻين قومن جي
زمينن تي فتح ڪئي، خدا ٻين قومن ڪي ٻاهر
ڪيو ۽ اسان جي ابن ڏاڏن زمين تي انهيءَ تنبو
سان گڏ داخل ٿيا انهن پنهنجي ابن ڏاڏن کان ورتو
هيو. انهن ان ڪي اوئين ئي رکيهو جيڪو دائود
جي زماني ۾ تائين رهيو. ٤٦ خداوند دائود مان
گهڻو خوش هيو. دائود ڪي خدا چيو، ”اهو يعقوب
جي خدا جي لاءِ هڪ مڪان (هيڪل) بڻائڻ جي
اجازت ڏي.“ ٤٧ پر اهو سليمان هيو جيڪو خدا
جي لاءِ هيڪل بڻائي.
٤٨ ”پر خدا تعاليٰ ان گهر ۾ ناهي رهندو
جيڪو انسان ٺاهيو هجي ان ۾ ناهي رهندو.
جيئن ته نبي چوي ٿو:

٤٩ ’خداوند فرمائي ٿو آسمان منهنجو تخت
آهي. ۽ زمين منهنجي پيرن جي هيٺان
ڪڙي آهي ۽ توهان منهنجي لاءِ ڪهڙي
قسم جو گهر ٺاهيندا. اهڙي ڪائي به جاءِ
ناهي جتي آئون آرام ڪري سگهان.
٥٠ ياد رکو اهي سڀ شيون منهنجي ئي
ٺهيل آهي.‘ *يسعياه ٢٢: ١-٢*

٥١ تڏهن استيفمس چيو، ”اي يهوداه توهان
هر وقت روح القدس جي مخالفت ڪندا آهيو
خدا جي ناهيو ٻڌندا. توهان هميشه روح القدس
جي خلاف اسان جي ابن ڏاڏن وانگر بيهي رهندا
آهيو. ٥٢ توهان جي ابن ڏاڏن هر نبي ڪي ستايو
انهن نبين چيو هيو ته هڪ پرهيزگار ايندو.
توهان جي ابن ڏاڏن ان نبين ڪي قتل ڪيو ۽
هاڻي توهان پرهيزگار جي خلاف ٿي ويا آهيو ۽
ان ڪي قتل ڪرڻ چاهيو ٿا. ٥٣ توهان ماڻهون

[1] ٧: ٣٥ اقتباس خروج ٢: ١٤
[2] ٧: ٣٧ اقتباس استثناء ١٨: ١٥
[3] ٧: ٤٠ اقتباس خروج ٣٢: ١

آهيو جيڪي موسيٰ جي شريعت ڪي پائي ۽ اهو
قانون خدا ان جي فرشتن جي ذريعي ڏنو پر
توهان ان جي اطاعت نه ڪئي.“

## استيفنس جي موت

٥٤ يهودي سردارن استيفنس کي اهو چوندي
ٻڌو ۽ غصي سان پاڳل ٿي ويا اهي غصي ۾
استيفنس جي خلاف ڏند ڪرڻ لڳا. ٥٥ پر
استيفنس روح القدس سان ڀريل هيو ان آسمان
جي طرف ڏٺو جتي ان خدا جي جلال ۽ يسوع
کي خدا جي ساڄي پاسي بيٺل ڏٺو. ٥٦ استيفنس
چيو، ”ڏسو! آسمان کي کولائي ڇڏيان ٿو ۽ ابن
آدم کي خدا جي ساڄي پاسي بيٺل ڏسان ٿو.“
٥٧ يهودي سردار وڏي واڪي سان رڙيون
ڪرڻ شروع ڪيون پنهنجي ڪنن کي بند
ڪري ڇڏيو سڀ جا سڀ ملي ڪري استيفنس
تي ڪري پيا. ٥٨ اهي ان کي شهر کان ٻاهر
وٺي آيا ان تي پهڻ ڦٽي ڪرڻ شروع ڪري
ڇڏيا. اهي ماڻهون جيڪي استيفنس جي خلاف
شاهد هيا، پنهنجا ڪپڙا لاهي شائول نالي
نوجوان جي پيرن جي ويجهو رکي ڇڏيا. ٥٩
جنئين جيئن استيفنس تي پهڻ هڻندا ويا هيا اهو
اها دعا ڪندو رهيو ته، ”اي يسوع منهنجي روح
کي وٺي ڇڏ.“ ٦٠ اهو گوڏن پر هيٺ ڪري پيو
۽ واڏي واڪي سان پڪاريو! ”خداوند انهن کي
ان گناهه جو ذميوار بناءِ.“ ايترو چئي ڪري
مري ويو.

٨ ١ شائول استيفنس جي قتل تي راضي
هيو.

### ايمان وارن جي لاءِ تڪليف

٢-٣ ڪجهه نيڪ ۽ پر خلوص ماڻهون
استيفنس جي تدفين ڪئي ۽ ان جي موت تي ماتم
ڪيو. ان ڏينهن يروشلم ۾ يهودين اهل ايمان جي
ميڙاڪي کي ستائڻ شروع ڪيو ۽ شائول به
انهن جي ميڙاڪي کي تباهه ڪرڻ جي ڪوشش
شروع ڪئي اهو ان گهر ۾ گهڙي ڪري مردن
۽ عورتن کي گهيلي ڪٽي قيدخاني ۾ وجهي ڇڏيو.
اهل ايمان وارن يروشلم کي ڇڏي ڏنو صرف اتي
مسيح جا رسول رهي پيا. اهل ايمان هليا ويا ۽
ٻين جاين ۾ ڦهلجي ويا جيئن يهوديه ۽ سامريه.
٤ اهل ايمان هر جاءِ تي ڦهلجي ويا ۽ اتي وڃي
ڪري ماڻهن کي ڪلام جي خوشخبري ڏيڻ لڳا.

## فلپ جو سامريه ۾ تبليغ ڪرڻ

٥ فلپ سامريه جي شهر ڏانهن ويو ۽ ماڻهن
۾ مسيح جي متعلق تبليغ ڪرڻ شروع ڪري
ڇڏي. ٦ ۽ ماڻهون ان جي تعليمات کي ٻڌو ۽
ان جي معجزن کي ڏٺو جيڪي ان ڏيکاريا انهن
بغور ان جون چيل ڳالهيون ٻڌيون. ٧ انهن گهڻن
ماڻهون ۾ ڀوت هيا. پر فلپ انهن ڀوتن کي انهن
مان ڇڏرائڻ تي مجبور ڪيو ۽ ناپاڪ ڀوتن
انهن مان گرجدڙ آواز ۾ رڙيون ڪري ٻاهر
نڪري ويون . اتي گهڻا اذرنگا ۽ منڊا ماڻهون
هيا فلپ انهن ماڻهن کي به ٺيڪ ڪيو. ٨ شهر
جا ماڻهون ان جي ڪم مان گهڻو خوش هيا.
٩ فلپ جي اچڻ سان ڀريان شهر ۾ سائمن نالي
هڪ شخص رهندو هيو. سائمن پنهنجي جادو
جي ڀوتن سان سامريه جي ماڻهن کي حيران
ڪندو هيو. سائمن پنهنجي پاڻ وڏائي ڪندي ٻين
جي سامهون پنهنجي اهميت جتائيندو هيو. ١٠
تمام ماڻهون گهڻ اهميت ۽ گهڻا ماڻهون اهيمت
جي ڪري ان جي پيروي ڪندا هيا. ۽ چوندا
هيا ته، ”ان ماڻهون وٽ خدا جي قدرت آهي
جنهن کي وڏي طاقت چوندا آهن.“ ١١ سائمن
ماڻهن کي پنهنجي جادوئي ڪرتوتن کي وڏي
مدت تائين متاثر ڪندو رهيو ۽ ماڻهون ان جي
طرف متوجه ٿيندا هيا. ١٢ پر فلپ ماڻهن کي
خدا جي بادشاهت ۽ يسوع جي طاقت جي متعلق
خوشخبري ڏيندو هيو. ته سڀ ماڻهون ڪٺي مرد
هجن يا عورتون ٻئي ايمان ڪٺي ايندا ۽ بپتسمه
وٺڻ لڳا. ١٣ شمعون به ايمان آندو ۽ بپتسمه
ورتي ۽ فلپ سان گڏ رهڻ شروع ڪيو تڏهن اهو
طاقتور شين کي ڏسي ڪري حيران ٿيو جيڪي
فلپ ڪيون هيون ۽ سائمن گهڻو حيران هيو.
١٤ رسول يروشلم ۾ هيا انهن کي سامريه جي
ماڻهن جي باري ۾ خبر پئي ته انهن خدا جي پيغام
کي قبول ڪيو رسولن پطرس ۽ يوحنا کي سامريه
جي ماڻهن ڏانهن روانو ڪيو. ١٥ جڏهن پطرس ۽
يوحنا سامريه پهتا ته انهن ماڻهن جي لاءِ دعا ڪئي
ته اهي روح القدس پائن. ١٦ انهن ماڻهن خداوند
يسوع جي نالي تي بپتمه ورتي هئي. پر اهي روح
القدس هاڻي تائين ڪنهن هڪ تي به نازل نه ٿيو
هيو انهيءَ لاءِ پطرس ۽ يوحنا انهن جي لاءِ دعا
ڪئي. ١٧ وري رسولن انهن ماڻهن تي هٿ رکيو
انهن ماڻهن ان روح القدس کي پائي سگهيا.

١٨ شمعون ڏٺو ته جڏهن رسولن پنهنجا هٿ
ماڻهن تي رکيا ته روح ان کي ڏني ويئي. انهيءَ
لاءِ شمعون رسولن کي رقم پيش ڪئي ۽ چيو.
١٩ مون کي به طاقت ڏيو ته مان پنهنجو هٿ
ماڻهن تي رکان ته اهو روح القدس کي پائي
سگهن.
٢٠ پطرس شمعون کي چيو، ”تون ۽ تنهنجا
پئسا سوڌا آهن انهيءَ لاءِ ته تون سوچيو ته خدا
جي تحفي کي ته رپين سان خريد ڪري سگهي
ٿو. ٢١ توهان اسان سان گڏ ان ڪم شريڪ
نه ٿو ٿي سگهين تنهنجي دل خدا جي نظر ۾
صاف نه آهي. ٢٢ پنهنجي دل کي بدلايو ۽ پئي
ڪيل خراب شين سان پلٽيو. خداوند کان دعا
ڪر ٿي سگهي ٿو اهو تنهنجي اهڙي سوچ رکڻ
کي معاف ڪري ڇڏي. ٢٣ آئون ڏسان ٿو ته
توهان ۾ ساڙ جو جذبو گهٽو آهي تون گناهن جي
هيٺان آهين.“
٢٤ شمعون جواب ڏنو، ”توهان پئي منهنجي
لاءِ خداوند کان دعا ڪريو ته جيڪي ڳالهيون
توهان چيون آهن اهي مون ۾ نه ٿين.“
٢٥ تڏهن رسولن انهن شين جي شاهدي ڏني
جيڪو انهن ڏٺو ۽ خداوند جو پيغام ٻڌي ڪري
اهي يروشلم واپس ٿيا رستي ۾ اهي سامريه جي
گهڻن ڳوٺن ڏانهن ويا انهن خوشخبري جي تبليغ
ماڻهن سان ڪئي.

### فلپ جو ايٿهوپيا جي هڪ شخص کي تعليم ڏيڻ

٢٦ خداوند هڪ ملائڪ جي فلپ کي چيو،
”تيار ٿي وڃ ۽ ڏکڻ جي پاسي کان ان رستي سان
وڃ جيڪو يروشلم کان غازه ڏانهن ويندو آهي.
۽ اهو رستو رڻ پٽ کان ويندو آهي.“ ٢٧ انهيءَ
لاءِ فلپ تيار ٿيو ۽ روانو ٿيو، رستي تي ان هڪ
ايٿهوپيا جي شخص کي ڏٺو جيڪو خوجو هيو
جيڪو حبشين جي راڻيءَ جو هڪ افسر هيو
اهو شخص ان راڻيءَ جي خزاني جو خزانچي
هيو ۽ اهو يروشلم ۾ عبادت جي لاءِ آيو هيو.
٢٨ اهو پنهنجي گاڏيءَ تي ويٺو ۽ يسعياه نبي
جي ڪتاب کي پڙهندو گهر ڏانهن واپس وڃي
رهيو هيو.
٢٩ روح فلپ کي چيو، ”وڃ ۽ گاڏيءَ جي
ويجهو رک.“ ٣٠ فيل گاڏيءِ جي طرف ڊوڙيو
۽ اهو شخص يسعياه نبي جي ڪتاب پڙهي رهيو
هيو. فيل ان کي چيو، ”جيڪو ڪجهه تون پڙهي
رهيو آهين ان کي تون سمجهي سگهين ٿو؟“
٣١ ان ماڻهون چيو، ”مان ڪهڙي طرح
سمجهي سگهان ٿو مون کي اهڙي شخص جي
ضرورت آهي جيڪو مون کي هي سمجهائي
سگهي.“ تڏهن ان فلپ کي چيو، ”اهو منت
ڪري ان سان گڏ ويهي.“ ٣٢ صحيفه جو حصو
اهو پڙهي رهيو هيو اهو ان طرح هيو:

”اهو ان رڍ وانگر هيو جنهن کي ذبح
ڪرڻ جي لاءِ وٺي وڃي رهيو هو ان
گيهٽي وانگر جنهن جا وار ڪٽيا ويا هجن
۽ ڪوئي آواز نه ڪڍي
٣٣ اهو پشيمان ٿيو ته ان جا سڀ
حقوق غصب ڪيا ويا. ان جي زندگي
زمين تي ختم ٿي ويئي آهي. ڪوئي
به ان جي نسل جو حال بيان نه ڪري
سگهيو.“ *يسعياه ٥٣: ٧-٨*

٣٤ افسر فلپ کي چيو، ”مهرباني ڪري مون
کي ٻڌاءِ ته نبي ڪير آهي؟ ڪنهن جي باري ۾
چوين ٿو؟“ ڇا اهو پنهنجي باري ۾ چوندو آهي
يا وري ڪنهن ٻئي جي باري ۾ چوندو آهي.
٣٥ فلپ چوڻ شروع ڪيو. ۽ ان کي يسوع جي
باري ۾ خوشخبري ٻڌائي.
٣٦ دوران سفر جڏهن اهو ڪنهن اهڙي جاءِ
تي پهتا جتي پاڻي هيو. ته افسر چيو، ”ڏسو! هتي
پاڻي موجود آهي هاڻي مون کي ڪوئي بپتمسه
وٺڻ کان ڪائي به شيءِ نه ٿي روڪي سگهي.“
٣٧[a]
٣٨ تڏهن افسر گاڏيءَ کي بيهارڻ جي لاءِ
چيو وري افسر ۽ فلپ ٻئي پاڻي ۾ ويا ۽ فلپ ان
کي بپتمسه ڏني. ٣٩ جڏهن اهي پاڻي مان ٻاهر
نڪري آيا ته خداوند جي روح فلپ کي ڪٽي
ويئي هئي ۽ افسر وري ان کي نه ڏٺو اهو خوشي
سان گهر جي رستي تي هلي پيو. ٤٠ فلپ شهر
شدود ۾ پايو ويو اتان کان قيصريه جي لاءِ ويو.

[a] ٨: ٣٧ آيت ٣٧ ڪجهه يوناني ”اعمال“ ۾ هن آيت ٣٧ کي شامل ڪيو ويو آهي جيڪا هن طرح آهي: فلپس جواب ڏنو جيڪڏهن تون دل و جان سان ايمان آڻيندو آهي ته، تون لائي سگهين ٿو تڏهن حاڪم چيو ته يسوع مسيح خدا جو پٽ آهي.

ان تمام شهرن جو سفر ڪيو اهو خوشخبري
جي تبليغ قيصريه ڪي پهچائڻ تائين ڪندو رهيو.

## شائول جو بدلجڻ

٩ ١شائول اڃان تائين يروشلم ۾ هيو خداوند
ڪي مڃڻ وارن ڪي ڊڄائڻ ۽ مارڻ جي
ڪوشش ڪري رهيو هيو انهيءَ لاءِ اهو وڏي
سردار ڏانهن ويو. ٢ شائول ان ڪي التجا ڪئي
ته اهو شهر دمشق ڪي يهودي عبادتگاهن جي
نالي خط لکي. شائول اهو به چاهي پيو ته وڏي
سردار جو اختيار ڏئي اهو دمشق ۾ اهڙن ماڻهن
ڪي ڳولهي ڪري مرد يا عورت جيڪو مسيح
جي رستي تي هلندا آهن ته انهن ڪي گرفتار
ڪري دمشق کان يروشلم وٺي اچي.
٣ جڏهن اهو سفر ڪندي ڪندي شهر دمشق
جي ويجهو پهتو ته آسمان ۾ هڪ چمڪدار
روشني ائي ۽ انجي چوطرف ڇانجي ويئي. ٤
شائول زمين تي ڪري پيو ان هڪ آوزا ڪي
ٻڌو جيڪا ان سان مخاطب ٿي ڪري چئي رهي
هئي ته. ”شائول! شائول تون چو مون ڪي ستائي
رهيو آهين.“
٥ شائول پڇيو، ”خداوند تون ڪير آهين؟“ آواز
چيو، ”آئون يسوع آهيان جنهن ڪي تون ستائي
رهيو آهين.“ ٦ ”زمين تان اٿ ۽ شهر ڏانهن هليو
وڃ تو سان ڪوئي ملي ڪري تو ڪي ٻڌائيندو ته
تو ڪي ڇا ڪرڻو پوندو.“
٧ ماڻهون جيڪي شائول سان گڏ سفر ڪري
رهيا هئا اتي ئي رڪجي ويا. اهي خاموش هيا.
انهن ڪجهه نه چيو. انهن آواز ته ٻڌي پر ڪنهن
ڪي ڏسي نه سگهيا.
٨ شائول زمين تان اٿي بيٺو پر جڏهن پنهنجون
اکيون کوليون ته ان ڪي ڪجهه نظر نه آيو.
جيڪو ماڻهون ان سان گڏ هيا ان جو هٿ
پڪڙي ڪري ان ڪي دمشق وٺي ويا. ٩ ٽن
ڏينهن تائين اهو ڪجهه نه ڏسي سگهيو ۽ ڪجهه
کائي پيئي نه سگهيو.
١٠ اتي دمشق ۾ يسوع جو هڪ مڃڻ وارو
هيو جنهن جو نالو حننياه هيو. خداوند يسوع
حننياه کان عالم رويا ۾ چيو، ”اي حننياه! حننياه
چيو، ”اي خداوند مان اتي حاضر آهيان.“
١١ تڏهن خداوند حننياه ڪي چيو، ”اٿ ان گهٽي
۾ وڃ جنهن ڪي سنئي گهٽي چيو ويندو آهي. ۽
يهوداه جي مڪان ڪي تلاش ڪر ۽ شائول نالي
ماڻهون کان پڇ جيڪو طرسوس جو آهي تون ان
ڪي دعا ڪندي پائيندي. ١٢ شائول حننياه نالي
هڪ ماڻهون ڪي ڏٺو اندر آيو ۽ پنهنجو هٿ ان
تي رکيو آهي. تڏهن شائول ٻيهر ڏسي سگهيو.“
١٣ پر حننياه ڪي چيو، ”اي خداوند! ڪئي
ماڻهن مون ان شخص جي باري ۾ چيڪ آهي
۽ ان جي بدسلوڪي جي باري ۾ جيڪو اهو
توهان جي پاڪ ماڻهن سان گڏ يروشلم ۾ ڪيو
آهي. ١٤ هاڻي دمشق ۾ آيو آهي ۽ ان ڪاهن جي
رهنما اختيار ڏنو آهي ته جيڪي ماڻهون تنهنجو
نالو وٺندو آهي انهن ڪي گرفتار ڪري.“
١٥ پر خداوند حننياه ڪي چيو، ”تون وڃ! آئون
شائول ڪي هڪ اهم ڪم جي لاءِ چونڊيو آهي.
اهو بادشاهه سان منهنجي باري ۾ چوندو ۽ ٻين
قومن ۽ يهودين ڪي به چوندو. ١٦ ۽ آئون ان
ڪي ٻڌائيندس ته ان ڪي منهنجي نالي جي خاطر
ڪنهن قدر ڏک ڪٽڻا پوندا.“
١٧ تنهنڪري حننياه اٿيو ۽ يهوداه جي گهر
ڏانهن داخل ٿيو پنهنجو هٿ شائول تي رکي
ڪري چيو، شائول! منهنجا ڀاءُ! خداوند يسوع
مسيح مون ڪي موڪليو آهي هي اهوئي آهي
جنهن ڪي توهان هتان ايندي رستي تي ڏٺو هيو.
”ان مون ڪي هتي موڪليو آهي ته جيئن تون
روشني پائي سگهين. ۽ روح القدس سان ڀريل
ٿي وڃي.“ ١٨ تڏهن هڪدم ان جون اکين مان
مڇين جا ڇلڪا ڪريا ۽ ان ڪي روشني واپس
اچي ويئي ۽ شائول ٻيهر ڏسڻ جي قابل ٿيو ۽
بپتسمه ورتي. ١٩ تڏهن ان ڪجهه کاڌو ته ان
ڪي طاقت بحال ٿيڻ لڳي.

## شائول جي دمشق ۾ تبليغ ڪرڻ

شائول جو دمشق ۾ ڪجهه روز يسوع ڪي
مڃڻ وارن سان گڏ بيٺو رهيو. ٢٠ گهڻو جلدي
ئي اهو يهودين جي عبادتگاهه ۾ يسوع جي
متعلق تبليغ شروع ڪئي انهن ماڻهن ڪي چيو،
”صرف يسوع ئي خدا جو پُٽ آهي.“
٢١ جڏهن ماڻهن اها ڳالهه ٻڌي ته حيران
ٿيا انهن چيو، ”هي اهوئي ماڻهون آهي جيڪو
يروشلم ۾ هيو ۽ يسوع ڪي مڃڻ وارن ڪي تباهه
ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هيو. ۽ اهو
هي ڪرڻ جي لاءِ هتي آيو آهي ۽ هتي يسوع

جي ميڙن وارن کي گرفتار ڪرڻ چاهيندو هيو
۽ انهن کي ڪاهنن جي سردار ڏانهن موڪلڻ
چاهيندو هيو جيڪو يروشلم ۾ هيو.“
٢٢ شائول گهڻي کان گهڻو طاقتور ٿي رهيو
هيو. ان ثابت ڪيو ته صرف يسوع ئي مسيح
آهي. ان جو ثبوت ايتري طاقت هئي ته جيڪي
يهودي دمشق ۾ رهندا هيا ان سان بحث ڪرڻ
جي قابل نه رهيا.

### شائول جو يهودين کان فرار ٿيڻ

٢٣ ڪئي ڏينهن کان بعد يهودين شائول کي
مارڻ جو منصوبو ناهيو. ٢٤ رات ڏينهن يهودي
شهر پناهه جي دروازن تي نگراني ڪندا رهيا
ته ان کي ماري ڇڏيون. پر شائول کي ان جي
منصوبن جو علم ٿي ويو. ٢٥ پر هڪ رات ان جي
ڪجهه شاگردن ان کي وٺي وڃي ڪري ڪاريءَ
۾ لڪائي ڇڏيو ۽ ديوار کان هُن پار لاهي ڇڏيو.

### شائول جو يروشلم ۾ هجڻ

٢٦ شائول يروشلم ويو ۽ اتي شاگردن جي
ميڙاڪي ۾ ملڻ جي ڪوشش ڪئي پر سڀ
ئي ان کان ڊڄندا هيا انهن کي يقين نه آيو هيو
ته شائول حقيقت ۾ يسوع جوشاگر آهي. ٢٧ پر
برنباس ان کي قبول ڪيو ان کي رسولن ڏانهن
وٺي آيو ۽ چيو ته شائول دمشق جي رستي تي
خداوند يسوع کي ڏٺو هيو برنباس رسولن کي
سمجهايو ته ڪهڙي طرح يسوع انهن سان
مخاطب ٿيو ۽ دمشق ۾ ان ڪهڙي طرح يسوع
جي تبليغ بلاخوف شروع ڪئي هئي.
٢٨ شائول شاگردن سان گڏ يروشلم ۾ هر
جاءِ ويو ۽ بغير خوف خداوند جي تعليم جي
خوشخبري ڏيندو رهيو. ٢٩ شائول اڪثر يهودين
سان ڳالهه ڪئي جيڪي يوناني ڳالهائيندا هيا ۽
انهن سان بحث ڪئي پر اهي ماڻهون ان کي مارڻ
جي لاءِ تيار هئا. ٣٠ جڏهن اهي ڳالهيون پائرن
کي معلوم ٿيون ته اهي ان کي قيصريه ۾ وٺي ويا
۽ اتان کان طرسوس ڏانهن روانو ڪري ڇڏيو.
٣١ ڪليسيا جي هر جاءِ تي يهوداه، گليل ۽
سامريه ۾ امن هيو روح القدس جي مدد کي
ميڙن وارو ۽ گهڻي طاقت وارو ٿي ويو ۽ انهن
جي تعداد وڌندي رهي هئي اهل ايمان پنهنجي
طريقي سان زندگي کي ڏيکاري ته اهي خداوند
جي تعظيم ڪئي ان جي مطابق رهيو انهيءَ لاءِ
ميڙاڪي ۾ گهڻي کان گهڻي ترقي ملي.

### پطرس جو لدّه ۽ جپّا ۾ هجڻ

٣٢ پطرس يروشلم جي چوطرف تمام ڳوٺن ۾
سفر ڪندي انهن ايمان وارن ڏانهن پهتو جيڪي
لدّه ۾ رهندا هيا. ٣٣ پطرس ۾ هڪ اڌرنگي
شخص سان مليو جنهن جو نالو عينياس هيو
جنهن کي اڌرنگو هيو ۽ اٺ سالن کان بستري تي
پيو هيو. ٣٤ پطرس انکي چيو، ”عينياس خداوند
يسوع مسيح تو کي شفاء ڏيندو اٿي بيهه ۽ پنهنجو
بسترو ٺيڪ ڪر.“ ۽ عينياس اچانڪ اٿي بيٺو.
٣٥ تمام لدّه جي ۽ شهرن جا رهڻ وارن ماڻهن
انکي ان حالت ۾ ڏٺو ۽ خداوند يسوع تي ايمان
آڻڻ وارا ٿي ويا.
٣٦ جوفا شهر ۾ تبياه نالي جي هڪ عورت
هئي جيڪا يسوع کي ميڙن وارن مان هئي. (ان
جو يوناني نالو ڊارڪس بمعني هرن) هيو. اها
هميشه ماڻهن سان ڀلائي ڪندي هئي. ۽ هميشه
ضرورت مندن جي مدد ڪندي هئي. ٣٧ جڏهن
پطرس گيهتي ۾ هيو. تبياه بيمار ٿي ۽ مري ويئي
ان جي جنازي کي غسل ڏيئي ڪري ڪوٺي
۾ رکيو ويو. ٣٨ شاگردن ٻڌو ته پطرس لدّه ۾
آهي ۽ جيئن ته جيڪو فالدّه جي ويجهو هيو
انهن ٻن ماڻهن کي پطرس ڏانهن موڪليو ۽ اها
درخواست ڪئي ته اسان وٽ جيترو جلدي ٿي
سگهي اچي وڃو دير نه ڪيو.
٣٩ پطرس تيار ٿي ڪري انهن سان گڏ ٿي
ويو ۽ جڏهن اتي پهتا ته ماڻهون ان کي بالاخاني
ڏانهن ڪٺي ويا سڀ بيوائون پطرس جي چوطرف
بيٺيون هيون اهي روئي رهيون هيون انهن
پطرس کي جيڪي ڪڙتا (تبياه) ۽ ڪپڙا ۽
ڪوٽ جيڪو ان پنهنجي زندگي ۾ ناهيو هيو
ڏيکاريو. ٤٠ پطرس سڀن کي ڪمري کان ٻاهر
وڃڻ جي لاءِ چيو ۽ گوڏن پر ٿي ڪري دعا
ڪئي ۽ وري اها تبياه جي لاش جي طرف
متوجه ٿي ڪري چيو، ”اي تبياه اٿ!“ ۽ ان
پنهنجون اکيون کوليون ۽ پطرس کي ڏٺو. ٤١
اها ويهي رهي. ان هٿ پڪڙي ڪري ان کي
اٿاريو ان کان بعد ان تمام ميڙن واريون بيواهن
کي ڪمري ۾ گهرايو ۽ ٻڌايو ته تبياه زنده آهي.
٤٢ جوفا جا تمام ماڻهون کي ان جي باري

۾ معلوم ٿيو ۽ ڪئي ماڻهن خداوند تي ايمان
آندو. ٤٣ پطرس جوفا ۾ ڪئي ڏينهن تائين رهيو
شمعون نالي ماڻهون سان گڏ بيٺو هيو جيڪو
چمڙي جي تجارت ۾ مشغول هيو.

## پطرس ۽ ڪرنيليس

١٠ ١ شهر قيصريه ۾ هڪ شخص
ڪرنيليس نالي هيو. اهو هڪ
فوجي پلٽن جو صوبيدار هيو جيڪو ”اطالياتي“
سڏرائيندي هئي. ٢ ڪرنيليس هڪ نيڪ
ماڻهون هيو. اهو ۽ ٻين ماڻهن جيڪي ان جي
گهر ۾ رهندا هيا سچي خدا جي عبادت ڪندا هيا.
اهو گهڻي خيرات ڏيندو ۽ هر وقت خدا کان دعا
ڪندو هيو. ٣ هڪ ڏينهن ٻيهپريءَ جو تقريبن
ٽين بجي ڪرنيليس عالم رويا ۾ ڏٺو ته خدا جي
ملائڪن اچي ڪري ان کي چيو، ”ڪرنيليس.“
٤ ڪرنيليس ملائڪ کي ڏٺو ۽ ڊجي ويو پر
ان پڇيو، ”چا ڳالهه آهي جناب؟“
”ملائڪ ڪرنيليس کي چيو، ”خدا توهان
جي دعائون ٻڌي ورتيون آهن ۽ ان ڳالهه سان
سٺي طرح واقف آهي ته تون غريبن جي مدد
ڪندو آهين. خدا توهان کي ياد ڪندو آهي.
٥ هاڻي توهان ڪجهه ماڻهون جوفا موڪليو
هڪ ماڻهون جنهن جو نالو شمعون اهي ۽ اهو
پطرس سڏرائيندو آهي. ٦ شمعون هاڻي هڪ
ٻئي ماڻهون سان گڏ بيٺا هيا ان جو نالو دبّاغ آهي
جيڪو چمڙي جو ڪم ڪندو آهي ۽ سمنڊ جي
ڪناري گهر ۾ رهندو آهي.“ ٧ ملائڪ اهو چئي
ڪري هليو ويو. ڪرنيليس پنهنجي ٻن نوڪرن
۽ سپاهين کي گهرايو اهي سپاهي ديندار هيا.
جيڪي ڪرنيليس جي ويجهي مددگارن مان هيا.
٨ ڪرنيليس انهن ٽن کي هر شيءِ سٺي طرح
سمجهائي ڇڏي ۽ انهن کي جوفا روانو ڪيو.
٩ ٻئي ڏينهن اهي سفر ڪندي ۽ جوفا جي
ويجهو آيا ان وقت پطرس مٿي ڇت تي دعا
ڪرڻ جي لاءِ چڙهيو اهو ٻيهپري جو وقت هيو.
١٠ پطرس بکايل هيو. ۽ ڪجهه کائڻ چاهي پيو
پر جڏهن اهي ماڻهون ماني تيار ڪري رهيا هيا
ان وقت پطرس کي رويا (خواب) ۾ ڏيٺو. ١١ ان
ڏٺو ته آسمن کلي ويو ۽ هڪ شيءِ جيئن هڪ
وڏي چادر هجي زمين جي طرف اچي رهي آهي
ان جي چئني ڪندن کي پڪڙيل هئا ٽا. ١٢ ان ۾
هر قسم جي جانور جيت ماڪوڙا چوپائي مال ۽
پکين جيڪي هوا ۾ اڏرندا اهن ان ۾ موجود هيا.
١٣ تڏهن هڪ آوزا پطرس کي چيو، ”اٿ اي
پطرس! ان مان ڪنهن به جانور کي ماريو ۽ ان
کي کائي وڃ.“
١٤ پر پطرس چيو، ”اي خداوند مان ائين نه
ٿوڪري سگهان مان اهڙي ڪائي غذا نه ڪاڏي
آهي جيڪا صاف نه هجي ۽ ناپاڪ هجي.“
١٥ پر ٻيو دفعو آواز آئي ۽ چيو، ”خدا اهو سڀ
توهان جي لاءِ پاڪ ڪري ڇڏيو آهي ۽ انهن
کي ناپاڪ نه چئو.“ ١٦ اهڙي طرح ٽي ڀيرا
ائين ئي ٿيو ۽ پوءِ وري اهي تمام شيون آسمان
ڏانهن کنيون ويون. ١٧ پطرس حيران ٿيو ته آخر
هي ڪهڙي رويا هئي.
ڪرنيليس جن ماڻهن کي روانو ڪيو هيو
انهن کي مڪان دريافت ڪري شمعون جي
گهر پهتا ۽ دروازي پر اچي بيٺا. ١٨ انهن پڇيو!
”چا شمعون جيڪو پطرس سڏرائيندو آهي هتي
رهندو آهي؟“
١٩ پطرس هاڻي توهان ان رويا جي باري
۾ سوچي رهيو هيو پر روح انکي چيو، ”ٻڌو!
ٽين ماڻهون توهان کي ڏسي رهيا آهن.“ ٢٠ ”اٿو
۽ هيٺ وڃو انهن ماڻهن سان وڃو ۽ انهن کان
ڪوئي سوال نه ڪيو“ مان ئي ان کي توهان
ڏانهن موڪليو آهي. ٢١ جيئن ته پطرس هيٺ
انهن ماڻهن ڏانهن ويو ۽ چيو، ”مان ئي اهو
ماڻهون آهيان جنهن کي توهان ڏسي رهيا آهيو.
توهان ماڻهون هتي چو آيا آهيو؟.“
٢٢ انهن ماڻهن چيو، ”هي پاڪ ملائڪ آهي“
ڪرنيليس کي چيو، ”اهو توهان کي پنهنجي گهر
ڏانهن گهرائي ڪري ڪرنيلين جو هڪ فوجي
افسر اهي. اهو گهڻو سٺو ۽ راستباز ماڻهون
آهي. اهو خدا جي عبادت ڪندو آهي ۽ تمام
يهودي ان جي عزت ڪندا آهن. انهيءَ ملائڪ
ڪرنيليس کي چيو اهو توهان کي ان گهر ڏانهن
گهرائي رهيو آهي ۽ جيڪو ڪجهه توهان چئو
ان کي اهو ٻڌي.“ ٢٣ پطرس ماڻهن کي چيو اهي
اندر اچن ۽ رات جو اتي ئي رهن.
ٻئي ڏينهن پطرس تيار ٿي ڪري انهن ماڻهن
سان گڏ روانو ٿيو يسوع جي ڪجهه شاگردن
جيڪي جوفا ۾ هيا پطرس سان گڏ ٿي ويا. ٢٤
ٻئي ڏينهن اهو شهر قيصريه ۾ آيا. ڪرنيليس

انهن جي انتظار ۾ هيو. ۽ پنهنجي رشتيدارن ۽
فريسي دوستن کي گهر ۾ جمع ڪري رکيو هيو.
۲۵ جڏهن پطرس گهر ۾ داخل ٿيو ته ڪرنيليس
ان سان مليو ۽ پطرس جي قدمن ۾ ڪري پيو ۽
ان جي عبادت ڪرڻ لڳو. ۲۶ پر پطرس ان کي
اٿڻ جي لاءِ چيو. پطرس چيو، ”اٿو ۽ بيهي رهو!
مان توهان جهڙو ئي هڪ ماڻهون آهيان.“ ۲۷
پطرس ڪرنيليس سان ڳالهيون جو سلسلو جاري
رکيو ۽ وري پطرس اندر ويو ۽ ان ڏٺو ته ماڻهن
جي هڪ وڏي ڪليسيا اتي جمع آهي.
۲۸ پطرس ماڻهن کي چيو، ”توهان سڀني طرح
ڄاڻيو ٿا تته يهودين جي شريعت جي خلاف
آهي ته هڪ يهودي ٻئي يهودي سان جيڪو
غيريهودي آهي ملي پر خدا مون کي چيو ته
مان ڪنهن به ماڻهون کي ”سنگت“ نه چوان. ۲۹
انهيءَ لاءِ مان انهن ماڻهن سان گڏ بي عذر هليو
آيو تنهنڪري هاڻي مون کي چئو ته توهان انهن
کي مون ڏانهن ڇو موڪليو؟“
۳۰ ڪرنيليس چيو، ”چار ڏينهن پهريان مان
پنهنجي گهر ۾ دعا ڪري رهيو هيس اهو ئي
وقت هوندو ٽين بجي جو. اچانڪ هڪ ماڻهون
منهنجي سامهون بيٺو هيو جيڪو گهڻي ئي
چمڪدار پوشاڪ پهريل هيو.“ ۳۱ ان چيو،
”اي ڪرنيليس خدا توهان جي دعا ٻڌي آهي ۽
خيرات کي ڏسي چڪو آهي. ۳۲ ان قبول ڪيو
۽ تو کي ياد ڪندو آهي. انهيءَ لاءِ تون ڪجهه
ماڻهن کي جوفا روانو ڪيو ۽ شمعون پطرس ان
شخص جو مڪان ۾ آهين جنهن جو نالو شمعون
دباّغ آهي ۽ ان جو گهر سمنڊ جي ڪناري تي
آهي. ۳۳ انهيءَ لاءِ مان جلد ئي توهان کي
گهرائڻ جي لاءِ ماڻهن کي روانو ڪيو تون گهڻو
سٺو ڪيو جيڪو اچي ويو هاڻي اسان سڀ هتي
موجود آهيون ته جيڪي به خداوند توهان کي
چيو آهي اهو اسان توهان کان ٻڌنداسين.“

## پطرس جو ڪرنيليس جي گهر ۾ واعظ ڪرڻ

۳۴ پطرس چوڻ شروع ڪيو، ”مان هاڻي
سچائي سان سمجهايان ٿو ته خدا جي نظر ۾
هر هڪ برابر آهي. اهو ڪنهن جو طرفدار
ناهي. ۳۵ ۽ خدا هر ان ماڻهون کي قبول ڪندو
آهي جيڪو ان جي عبادت ڪندو آهي ۽ نيڪ
عمل ڪندو آهي. ان ڳالهه جي ڪائي به اهميت
ناهي ته ڪنهن ملڪ کان اهو آيو آهي؟ ۳۶ خدا
يهودين کي چيو آهي ۽ انهن کي خوشخبري ڏني
آهي ته امن ۽ امان يسوع مسيح سان ئي ايندو
آهي. يسوع ئي سڀن ماڻهن جو خداوند آهي.
۳۷ توهاڻ ڄاڻيون ٿا ته سڄي يهوداه ۾ ڇا ٿيو.
اهو گليلي ۾ شروع ٿيو ان کان بعد يوحنا ماڻهن
کي تبليغ ڪئي ۽ بپتسمه جي متعلق ٻڌايو. ۳۸ ڇا
توهان يسوع ناصري جي متعلق ڄاڻيو ٿا ته خدا
ان کي روح القدس سان معمور ڪري طاقت
ڏين ان کي مسيح بڻايو. يسوع هر طرف ويو ۽
ماڻهن جي لاءِ سٺا ڪم ڪيا. يسوع انهن ماڻهن
کي سٺو ڪيو جيڪي شيطان جا شڪار هيا. ان
مان ظاهر آيه ته خدا يسوع سان گڏ آهي.
۳۹ اسان ڏٺو ته انهن تمام شين کي جيڪي
يسوع يهودين جي ملڪ ۽ يروشلم ۾ ڪيون
هيون. اسان ان جا شاهد آهيو. پر يسوع کي
ماري ڇڏيو انهن يسوع کي ڪليون جا سوراخ
۽ ڪاٺيءَ جي تخته تي مصلوب ڪيو. ۴۰ پر
ان جي موت کان ٽيئن ڏينهن خدا يسوع کي
ساڙيو ته ماڻهون يسوع کي واضع طور تي
ڏسي سگهن. ۴۱ پر سڀ ماڻهون يسوع کي نه
ڏسي سگهيا بلڪه اهي ئي ماڻهون جنهن کي خدا
شاهدي جي لاءِ چونديو اهي ئي ڏسي سگهيا.
اسان ان جا شاهد آهيون ڇالاءِ جو ته موت کان
بعد جڏهن يسوع کي زندگي ڏيئي ڪري اٿاريو
ويو ته اسان ان سان گڏ کاڌو پيتو آهي.
۴۲ يسوع انهن کي چيو ته توهان ماڻهون تبليغ
ڪريو. وري ان اسان کي چيو ته اسان ماڻهن
کي چئون ته هو اهوئي آهي جنهن کي خدا سڀن
ماڻهن جي لاءِ منصف بڻايو جيڪي ماڻهون زنده
آهن ۽ جيڪي مري ويا آهن. ۴۳ هر ماڻهون
جنهن جو ايمان يسوع تي آهي ان جا گناهه معاف
ٿي ويندا. خدا ان جي گناهن کي معاف ڪندو
خدا جي نالي تي ۽ سڀن نبين کي چيو ته اهو
سچ آهي.“

## روح القدس جي غير يهودين تي آمد

۴۴ جڏهن ته اهي الفاظ پطرس چئي ئي رهيو
هيو ته روح القدس جو ظهور تمام ماڻهن تي ٿيو
جيڪي ان جي تقرير ٻڌي رهيا هيا. ۴۵ اهي
اهل ايمان يهودي جيڪي پطرس سان گڏ آيا هئا
گهڻا حيران ان جي لاءِ ٿيا ته روح القدس جو
نزول غيريهودين تي به ٿيو هيو. ۴۶ يهودي اهل

ايمان وارن پڌو ته اهي طرح طرح جي زبانن ۾
ڳالهائڻ لڳا. ۽ خدا جي تعريف ڪي بيان ڪندا
رهيا. ٤٧ تڏهن پطرس چيو، ”اسان انهن کي پاڻي
سان بپتسمه ڏيڻ کان انڪار نه ٿا ڪري سگهون
انهن اسان وانگر روح القدس کي پاتو آهي جيئن
ته اسان پاتو هيو.“ ٤٨ پطرس ڪرنيليس کي
حڪم ڏنو ته دوستن ۽ رشتيدارن کي به حڪم
ڏنو ته يسوع مسيح جي نالي تي بپتسمه وٺن.
تڏهن ماڻهون پطرس کي چيو، ”ڪجهه وڌيڪ
ڏينهن اهو انهن سان گڏ رهي.“

## پطرس جو يروشلم واپس ٿيڻ

١١ ١ يهوداه ۾ رسولن ۽ ڀائرن ۾ پڌو
ته غيريهودين به خدا جي تعلي کي
قبول ڪري ڇڏيو آهي. ٢ جڏهن پطرس يروشلم
۾ آيو ته ڪجهه يهودي جيڪي اهل ايمان هيا ان
سان بحث ڪرڻ لڳا. ٣ انهن چيو، ”تون اهڙي
ماڻهن جي گهر ۾ وئين جيڪي يهودي ناهن
مختون به ناهن جڏهن ته توهان انهن سان ماني
به کاڌي.“
٤ جڏهن ته پطرس انهن کي سچو واقعو ٻڌايو.
٥ پطرس چيو، ”جڏهن مان جوفا ۾ هيس ا ٧ مان
دعا ۾ مشغول هيس ته مان رويا ۾ ڏٺو ته ڪائي
شيءِ چادرجهڙي لٽڪندي زمين جي طرف
اچي رهي آهي اها شيءِ منهنجي ويجهو اچي
ڪري ٺهرجي ويئي. ٦ ان تي مان نظر ڪئي
ته ان ۾ زمين جو چوپايو مال ۽ جنگلي جانور
جيت ماڪوڙا ۽ پکي ڏٺا. ٧ مان هڪ آواز ٻڌي
جيڪا مون کي چئي رهي هئي ”اي پطرس اٿ!
انهن مان ڪوئي به جانور کي مار ۽ ان کي
کاءُ.“
٨ پر مان چيو نه اي خداوند! مان ڪڏهن به
ڪائي به اهڙي شيءِ ناهي کاڌي جيڪا حرام ۽
ناپاڪ هجي.
٩ پر وري ٻيهر ئي آسمان کان آواز آيو چيو
ته جن کي خدا ناپاڪ ۽ ظاهر ڪيو آهي ان کي
تون نجس نه چئه.
١٠ انهيءَ طرح ٽين ڀيرا ٿيو وري سڀ شيون
آسمان جي طرف هليون ويون. ١١ ان کان بعد
۾ ٽي ئي ماڻهون گهر ۾ آيا جتي مان ٺهريل
هيس انهن ٽن ماڻهن کي قيصريه کان مون
ڏانهن موڪليو ويو هيو. ١٢ روح چيو ته مان
بنا ڪنهن ججهڪ انهن سان گڏ وڃان ۽ اهي
ڇهه ڀائر جيڪي مون سان گڏ آيا آهن ۽ اسان
ڪرنيليس جي گهر ۾ داخل ٿيون. ١٣ ڪرنيليس
کي ملائڪن جي متعلق چيو جيڪو ان پنهنجي
گهر ۾ بيٺي ڏٺو هيو ان ملائڪ ڪرنيليس کي
چيو، ”ڪجهه ماڻهن کي جوفا موڪليو ته جيئن
اتان کان شمعون پطرس کي گهرايو وڃي.“ ١٤
اهو توهان سان اهي ڳالهيون چوندو جنهن سان
توهان کي ۽ توهان جي گهر ۾ رهڻ وارن سڀ
ماڻهون نجات پائي سگهندا.
١٥ جڏهن مان ڳالهائڻ شروع ڪيو ته اهو
روح القدس ان تي نازل ٿيو جهڙي طرح شروع
۾ اسان تي نازل ٿيو هيو. ١٦ تڏهن مان خداوند
جي الفاظن کي ياد ڪيو. خداوند چيو ته يوحنا
ماڻهن کي پاڻي سان بپتسمه ڏيندو پر توهان تي
روح القدس کان بپتسمه ڏنو ويندو. ١٧ خدا انهن
ماڻهن کي اهائي نعمت عطا ڪئي جيڪا اسان
کي خداوند يسوع مسياه تي ايمان آڻڻ سان ملي
هئي. ته پوءِ مون کي ڪهڙو اختيار هيو ته مان
خدا جي ڪم کي روڪي سگهان.
١٨ جڏهن يهودين اهل ايمان کان اهو ٻڌو ته
انهن بحث نه ڪئي اهي خدا جي تعريف ڪرڻ
لڳا وري چيو، ”خدا غيريهودي قوم کي به توبه
ڪرڻ جي مهلت ڏني آهي ته جيئن اهي به اسان
وانگر زندگي گذارن.“

## انتاڪيه کان خوشخبري جو اچڻ

١٩ تهنڪري استيفنس جي موت کان بعد
ماڻهون مصيبت ۾ ڪري ڪري هيڏان هوڏان
ڇڙوڇڙ ٿي ويا هيا. گهمندا ڦرندا ڦڪام، قبرص
۽ انتاڪيه ۾ پهتا ۽ ان مقامات تي اهي خدا جي
خوشخبري ٻڌائڻ پر يهودين کي به خداوند کان
سواءِ ۽ ڪنهن کي ڪلام نه ٻڌائيندا هيا. ٢٠ انهن
مان ڪجهه ماڻهن کي قبرص کان ۽ ڪجهه کي
سائرن سان تعلق هيو ۽ جڏهن اهي انتاڪيه آيا ته
انهن کي يونانين کي به خداوند يسوع جي متعلق
خوشخبري ڏني. ٢١ انهن سان گڏ خداوند جي
مدد هميشه گڏ هئي ۽ گهڻن ماڻهن جو ميڙاڪو
ايمان ڪٺي آيو ۽ خداوند جي طرف رجوع ٿيا.
٢٢ انهن ماڻهن کي ان جي خبر يروشلم جي
ڪليسيا جي ڪنن تائين پهتي ته انهن برنباس
کي انتاڪيه موڪليو. ٢٣-٢٤ برنباس هڪ

سٺو ماڻهون هيو. اهو ڪامل عقيدو رکندو هيو
۽ روح القدس سان ڀريل هيو. جڏهن برنباس
انتاڪيه پهتو ته ان ڏٺو ته ان تي خدا جو فضل
آهي ان وجهه سان برنباس گهڻو خوش ٿيو ان
انتاڪيه ڪي اهل ايمان جي تقويت ڏني ۽ انهن اها
نصيحت ڪئي ته ” پنهنجي ايمان تي مضبوطي
سان قائم رهو ۽ هميشه خداوند جي فرمانبرداري
پنهنجي دل سان ڪريو.“ ان طرح گهڻا ماڻهون
خداوند ڪي ميڄڻ لڳا.
٢٥ تڏهن برنباس شهر جي طرسوس جي طرف
هليو ويو ۽ شائول جي تلاش ۾ هيو. ٢٦ جڏهن
شائول ان ڪي مليو ته ان ڪي انتاڪيه وٺي آيا.
شائول ۽ برنباس ٻئي اتي تقريبن هڪ سال تائين
رهيا. هر وقت اهل ايمان جي ميڙاڪو هڪ جاءِ
تي جمع هوندا ته شائول ۽ برنباس ان سان ملي
ڪري تعليم ڏيندا ۽ يسوع جي ميڄڻ وارا پهريون
پيرو انتاڪيه ئي ۾ ”مسيحي“ سڏرايا.
٢٧ انهن ڏينهن ۾ ئي ڪجهه نبي يروشلم ڪان
انتاڪيه ڏانهن آيا. ٢٨ انهن مان هڪ جنهن
جو نالو اگبس هيو انتاڪيه ۾ روح القدس جي
رهنمائي سان ان ڳالهه جو اعلان ڪيو ته
سڄي دنيا ۾ ”برو وقت ايندو ۽ ڏڪار پوندو.“ ۽
ڏڪار ڪلوديس جي زماني ۾ ٻه واقع ٿيو هيو. ٢٩
تڏهن اهل ايمان طئه ڪيو ته هاڻي انهن پنهنجي
ڀيئنرن ڀائرن جي مدد ڪرڻي پوندي جيڪي
يهوداه ۾ رهندا آهن هر هڪ پنهنجي بساط جي
مقابق جيڪو ڪري سگهي ٿو ڪري. هر ميڄڻ
واري اهو طئه ڪيو هر هڪ ڪان جيڪا مدد
ٿي سگهي اها ڪري. ٣٠ انهن رقم جمع ڪئي ۽
شائول ۽ برنباس جي حوالي ڪئي ۽ انهن ٻنهن
يهوداه ۾ ان ڪي بزرگ ماڻهن جي حوالي ڪيو.

## هيروديس جو اگرّپا جي
## ڪليسيا ڪي نقصان پهچائڻ

# ١٢

١ انهيءِ وقت بادشاهه هيروديس
ڪليسيا جي ڪجهه ماڻهن ڪي
ستائڻ شروع ڪيو ۽ انهن ڪي پنهنجو نشانو
ٺاهيو. ٢ هيروديس حڪم ڏنو، ”يعقوب ڪي ترار
سان قتل ڪيو وڃي.“ يعقوب يوحنا جو ڀاءُ هيو.
٣ هيروديس ڪي جڏهن ڏٺو ته اهو عمل يهدوين
ڪي پسند آهي ته ان طئه ڪيو ته پطرس ڪي
ٻه گرفتار ڪيو وڃي اها يهودين جي فسح جي
عيد' جو ڏينهن هيو. ٤ هيروديس پطرس ڪي
گرفتار ڪيو. ۽ جيل ۾ وجهي ڇڏيو ان سورهن
سپاهين جي گروهه ڪي پطرس جي نگراني تي
مقرر ڪيو. هيروديس فسح جي عيد جي گذرڻ
تائين انتظار ڪندو رهيو. ۽ وري ان پطرس
ڪي ماڻهن جي سامهون پيش ڪرڻ جو منصوبو
ٺاهيو. ٥ انهيءَ لاءِ پطرس ڪي جيل ۾ رکيو ويو
پر اها ڪليسيا باربار پطرس جي لاءِ خدا ڪان
دعا ڪري رهي هئي.

## پطرس جي قيد مان رهائي

٦ ان وقت پطرس زنجيرن سان جڪڙيل ٻن
سپاهين جي وچ ۾ سمهي رهيو هيو. ڪجهه ٻيا
سپاهي جيل جي دروازي تي پهرو ڏيئي رهيا
هئا. رات جو وقت هيو ۽ هيروديس منصوبو
ٺاهيو ته پطرس جي ٻئي ڏينهن ماڻهن جي
سامهون پيش ڪيو وڃي. ٧ اچانڪ خداوند جو
ملائڪ اچي بيٺو ۽ ڪمري ۾ نور چمڪي ويو
۽ ان پطرس جي پاسيري ڪي ڇُهي ڪري ان ڪي
جاڳايو. ملائڪ چيو، ”جلدي اٿو“ زنجيرون ان
جي هٿن مان ڪلي ويون. ٨ ملائڪ پطرس ڪي
چيو، ”اٿ ڪپڙا پاءِ ۽ جوتي پاءِ.“ پطرس اوئين
ڪيو تڏهن ملائڪ چيو، ”پنهنجو ڪوٽ پائي
ڪري مون سان گڏ هل.“
٩ اهو ملائڪ ٻاهر هليو ۽ پطرس ٻه ان جي
ٻاهر هليو. پطرس سمجهي نه سگهيو ته اهو سڀ
ڪجهه ملائڪ جي طرفان ٿي رهيو هيو. اهو
سمجهيو ته مان خواب ڏسي رهيو آهيان. ١٠
پطرس ۽ ملائڪ پهري ڪان نڪري ڪري
هڪڙي گهٽي جي دروازي تائين اچي ويا جيڪا
شهر جي طرف کلندي هئي دروازو انهن جي لاءِ
خودبخود کلي ويو پطرس ۽ ملائڪ دروازي ڪان
ٻاهر ٿورو اڳي نڪري ڪري ان جي سري تائين
ويا ۽ هڪدم ملائڪ ان جي ويجهو هليو ويو.
١١ پطرس جاڳي ويو ته چا ٿيو. ان سوچيو،
”هاڻي مان سمجهيو ته خداوند منهنجي لاءِ
ملائڪ ڪي موڪليو هيو جنهن مون ڪي
هيروديس ڪان بچايو يهودي ماڻهون اهو سمجهي

' ١٢: ٣ **فسح جي عيد** اهو يهودين جو هڪ مخصوص ڏينهن ۽ پاڪ ڏينهن آهي ان ڏينهن مخصوص ڪاڌو ٺاهيندا آهن هر اهو ياد ڪندا آهن ته خدا ان ڏينهن مصر ۾ موسيٰ جي زماني ۾ پنهنجي غلامن ڪي آزاد ڪيو هيو.

رهيا هئا ته اسان وٽ برو وقت اچي رهيو آهي.
پر خداوند مون کي انهن سڀن شين کان بچايو.“
١٢ ۽ پطرس ان تي غور ڪري مريم جي گهر
ويو جيڪا يوحنا جي ماءُ هئي (يوحنا لي مرقس
به چيو ويندو آهي) اتي ڪئي ماڻهون جمع هيا.
اهي سڀ ملي ڪري دعا ڪري رهيا هيا. ١٣
تڏهن پطرس اندروني دروازو کڙڪايو ته ردي
نالي نوڪراڻي آواز ٻڌڻ آئي. ١٤ ته ردي پطرس
جي آواز سڃاڻي ورتي ۽ اها گهڻي خوش ٿي.
انهيءَ لاءِ اها دروازو کولڻ وساري ويئي ۽ اها
اندروني سمت ڀڄندي خبر ڪئي ته ”پطرس
دروازي تي آهي.“ ١٥ انهن ان کي چيو، ”تون
چري ٿي ويئي آهين.“ پر اها برابر چوندي رهي
ته مان سچ چئي رهي آهيان تڏهن ان چيو، ”اهو
پطرس جو ملائڪ هوندو.“
١٦ پر پطرس پنهنجي هٿ سان هڪ نشان
ڏاهيو انهنکي خاموش رهڻ جي لاءِ چيو ۽ ان
ٻڌايو ته ڪهڙي طرح خداوند ان کي جيل مان
ٻاهر ڪڍيو. ١٧ ان، ”يعقوب ۽ ٻين ڀائرن کي ان
واقعي متعلق چيو، “۽ پطرس اتان کان ٻئي جاءِ
جي لاءِ روانو ٿيو.
١٨ ٻئي سپاهي گهڻي غصي ۾ آيا. اهي گهڻو
حيران ٿيا ته آخر پطرس کي ڇا ٿي سگهي ٿو.
١٩ هيروديس پطرس کي هر جاءِ تلاش ڪيو
پر ڪٿي نه پاتو تڏهن هيروديس پهريدارن سان
دريافت ڪيو ۽ وري پهريدارن کي قتل ڪرڻ
جو حڪم ڏنو.

## هيروديس اگرّپا جي موت

هيروديس يهوداه ڇڏي ڪري قيصريه هليو
ويو ۽ اتي رهيو. ٢٠ هيروديس شهر صُور
۽ صيدا جي ماڻهن کان ناخوش هيو اهي سڀ
ماڻهون هڪ گروهه جي شڪل ۾ هيروديس
ڏانهن آيا ۽ بلستس کي پنهنجي طرف ڪريو.
بلستس باشاهه جو خصوصي خادم هيو. ماڻهن
هيروديس کان امن چاهيو ڇالاءِ جو ته ان جي
ملڪ کي غذا جي لاءِ هيروديس جي ملڪ تي
انحصار ڪرڻو پوندو هيو.
٢١ هيروديس هڪ ڏينهن انهن ماڻهن سان ملڻ
جي لاءِ طئي ڪيو. ان ڏينهن هيروديس بهترين
شاهي لباس پائي ڪري تخت تي ويٺو ۽ ماڻهن
سان مخاطب ٿي ڪري ڪلام ڪرڻ لڳو. ٢٢
سڀ واڪو ڪري ويٺا ته ”اها خدا جي آواز
آهي ماڻهون کي چيو.“ ٢٣ هيروديس اها ٻڌي
ڪري گهڻو خوش ٿيو پر خدا جي تعريف ڪرڻ
جي بجاءِ پاڻ جي تعريف ڪرڻ کي قبول ڪيو.
خدواند جي ملائڪ ان کي بيمار ڪري ڇڏيو
ان جي جسم کي جيت کائي ويا ۽ اهو مري ويو.
٢٤ خدا جو پيغام گهڻي کان گهڻو ڦهليجي رهيو
هيو ۽ گهڻي کان گهڻا ماڻهون ان جا مڃڻ وارا
ٿيندا وڃن پيا ۽ ايمان وارن جا گروهه اهي ڦهلندا
ويا.
٢٥ جڏهن برناباس ۽ شائول پنهنجو ڪم
يروشلم ۾ ختم ڪيو ۽ انتاڪيه واپس ٿيا ته يوحنا
مرقس به ان سان گڏ هيو.

## برناباس ۽ شائول کي هڪ خاص ڪم ڏنو وڃڻ

١٣ ١ انتاڪيه جي ڪليسيا ۾ ڪجهه
نبي ۽ استاد به هيا اهي برناباس
۽ شمعون هيا. جيڪي ڪارو به سڏرائيندا
لوڪيس جو منائين جو هيو مناهم جو بادشاهه
هيروديس سان گڏ پرورش پاتي هئي ۽ شائول.
٢ اهي تمام ماڻهون خداوند جي خدمت ڪري
رهيا هئا ۽ روزه رکندا هيا روح القدس ان کي
چيو، ”برنباس کي الگ رکو ته ذميداري جو ڪم
ڏئي سگهان جنهن جي لاءِ مان انهن کي چونديو
آهي.“
٣ تڏهن انهن روزو رکيو ۽ دعا ڪري پنهنجا
هٿ انهن جي مٿان رکيا ۽ انهن کي روانو ڪيو.

## برناباس ۽ شائول ڪپرس ۾

٤ برناباس ۽ شائول کي روح القدس روانو
ڪيو اهي سلوڪيا ويا وري اتان جهاز جي
ذريعي سان جزيره ڪپرس ۾ پهتا. ٥ جڏهن
برناباس ۽ شائول شهر سلاميس پهتا ۽ يهودين جي
عبادتخاني ۾ خدا جي پيغام کي ٻڌائڻ لڳا ته يوحنا
۽ مرقس ان جي مدد جي لاءِ ان سان گڏ هيا.
٦ اهي سڀ جو سڀ جزيري جي ذريعي شهر
پافس تائين ويا شهر پافس ۾ سڀ جا سڀ هڪ
يهودي سان مليا جيڪو جادو جو ڪم ڄاڻيندو
هيو. ان جو نالو بريسوس اهو نئيو نبي هيو. ٧
بريسوس هميشه سرگيس پولس سان گڏ ٻيهندو
هيو جيڪو گورنر هيو. سرگيس پولس هڪ
عقلمند ماڻهون هيو ان برناباس ۽ شائول کي

گهرايو اهو انهن کان خدا جو پيغام ٻڌڻ چاهندو
هيو. ٨ پر ايليماس جادوگر برناباس ۽ شائول
جا مخالف هيا. ايليماس بريسوس جي نالي آهي
ايليماس گورنر خدا تي ايمان آندو ۽ عقيدو قبول
ڪرڻ کان روڪڻ جي ڪوشش ڪئي. ٩ پر
شائول جنهن جو نالو پولس به آهي روح القدس
سان معمور ٿي ڪري ان تي نظر ڪئي ۽ چيو،
١٠ ”اي شيطان جا فرزند تون هر نيڪي جو
دشمن آهين شيطاني حرڪتن ۽ ڪوڙ کان برو
آهي. چا تون خداوند جي سنئي واٽ کي بگاڙڻ
کان باز نه ايندين. ١١ هاڻي خداوند تو کي ڇُهي
ڪري ڪجهه وقت جي لاءِ انڌو ڪري ڇڏيندو
۽ تون انڌو ٿي ڪري ڪنهن شيءِ کي ڏسڻ
جي قابل نه هوندين جڏهن ته سج جي روشني به
نه ڏسي سگهندين.“
تڏهن هر شيءِ ايليماس جي لاءِ ڌنڌلو ۽ ڌنڌ
ٿي ويون ۽ اهو تلاش ڪرڻ شروع ڪيو ته
جيئن ڪوئي ان جو هٿ پڪڙي ڪري وٺي
وڃي. ١٢ گورنر اهو سڀ ڪجهه ڏسي ڪري
خداوند جي تعليمات سان بي حد متاثر ٿيو ۽
ايمان کڻي آيو

## پولس ۽ برناباس جي ڪپرس کان روانگي

١٣ پولس ۽ ان سان گڏ جيڪي ماڻهون هيا
پافس ڇڏي ڪري جهاز تي روانه ٿيا ۽ اهي
پرگه پهتا جيڪو پمفوليه جو شهر آهي. پت
يوحنا کان الگ ٿي ڪري يروشلم هليا ويا. ١٤
انهن پرگه کان سفر جاري رکيو ۽ شهر انتاڪيه
پهتا جيڪو شهر پسديه جي ويجهو هيا.
انتاڪيه ۾ اهو سبت جو ڏينهن يهودي
عبادتگاهه ۾ وڃي ڪري ويهي رهيا. ١٥ موسيٰ
جي شريعت ۽ توريت ۽ نبين جا ڪتاب پڙهيا
تڏهن عبادتخاني جي سردارن کي برناباس ڏانهن
پيغام موڪليو، ”پائرو! جيڪڏهن توهان ڪجهه
چوڻ چاهن پيا جنهن سان ماڻهون جي مدد ٿي ته
بيان ڪريون.“
١٦ پولس اٿيو ان پنهنجو هٿ کڻي ڪري چيو،
”منهنجا يهودي پائرو ۽ ٻيا ماڻهون! جيڪي سچي
خدا جي عبادت ڪندا آهيو ٻڌو! ١٧ اسرائيل جي
خدا اسان جي پيءُ ڏاڏن کي چونڊيو آهي. ان
اسان جي انهن ماڻهن جي مدد ڪئي جيڪي
مصر ۾ پرديسين وانگر رهندا هيا. خدا انهن
کي پنهنجي وڏي طاقت سان مصر کان ٻاهر
ڪڍيو. ١٨ ۽ چاليهن سالن تائين رڻ پٽ ۾ انهن
کي برداشت ڪندا رهيا. ١٩ خدا ڪنعان جي
سرزمين تي ستن قومن کي تباهه ڪيو ۽ ان
زمين کي ان جي ميراث بنادي. ٢٠ اهو سڄو
ڪم تقريبن چار سو پنجاهه سالن جي مدت ۾
ٿيو.
”ان کان بعد خدا سموئيل نبي جي زماني تائين
ان ۾ قاضي مقرر ڪيو. ٢١ تڏهن ان کان پوءِ
ماڻهن بادشاهه کان درخوات ڪئي. خدا انهن کي
قيس جي پُٽ شائول جيڪو بنيمين خاندان جي
گروهه جو هيو مقرر ڪيو ان ٤٠ سالن تائين
حڪومت ڪئي. ٢٢ وري خدا شائول کي هٽائي
ڪري دائود کي بادشاهه بڻايو ۽ دائود جي متعلق
چيو دائود جيڪو يسّي جو پٽ آهي منهنجي
مرضي جي مطابق آهي هي اهو ئي ڪندو
جيڪو مان ان کان چاهيان ٿو.
٢٣ ان جي واعدي جي موافق خدا دائود جي
اولاد مان هڪ کي اسرائيل جي لاءِ هڪ مسيح
کي موڪليو آهي. ٢٤ يسوع جي اچڻ کان
پهريان يوحنا تمام ماڻهن جي لاءِ تبليغ ڪئي
ته پنهنجي زندگي کي بدلائين ۽ بپتسمه وٺن.
٢٥ جڏهن يوحنا پنهنجو ڪم ختم ڪري رهيو
هيو ته اُن کي چيو، ”توهان ماڻهون مون کي ڇا
سمجهندا آهيو؟ مان مسيح نه آهيان اهو مون کان
بعد اچڻ وارو آهي مان ته ان جي جوتن جون
ڪنهيون کولڻ جي لاءِ به نه آهيان.
٢٦ ”اي پائرو! ابراهيم جا فرزندو! ۽ غير
يهوديو! جيڪي سچي خدا جي عبادت ڪري
ان کي ٻڌو!“ ان نجات جو پيغام اسان ڏانهن
موڪليو. ٢٧ يروشلم جي ماڻهن ۽ انهن يهودي
سردارن ان ڳالهه کي نه پهچايو ته يسوع نجات
ڏيڻ وارو آهي ۽ نه نبين جي ڳالهين کي سمجهيا
جيڪي هر سبت کي پڙهائي ويندي آهي. انهيءَ
لاءِ ان تي فتوايٰ ڏيئي ڪري ان کي پورو ڪيو.
٢٨ انهن کي ڪائي خاص وجهه به ناهي ملي ته
يسوع کي جو ماري ڇڏجي پر انهن پيلاطس کي
ان ماري ڇڏڻ جي لاءِ چيو.
٢٩ ان يهودين کي ڪم ڪرڻو هيو اهي سڀ
ڪري چڪا جيئن ته صحيفن ۾ يسوع جي متعلق
لکيل آهي جڏهن اهي سڀ ڪري چڪا ته يسوع
کي صليب تي چاڙهيو ڇڏيو ۽ اتان کان لاهي

ڪري قبر ۾ رکيو. ٣٠ پر خداوند ان کي مڙندن
مان زنده ڪري چڙيو. ٣١ ان کان بعد انهن کي
ڏيکاري ڏيندو وڃي رهيو جيڪو ان سان گڏ
گليل کان يروشلم آيا هئا. ۽ اهي ماڻهون هاڻي پين
ماڻهن جي سامهون انهن جو شاهد آهن.
٣٢ اسان توهان کي خوشخبري ڏيون ٿا ان
واعدي جي لاءِ جيڪو خداوند اسان جي پيءُ
ڏاڏن سان ڪيو هيو. ٣٣ اسان ان جا پار آهيون
۽ خدا واعدي کي پورو ڪري ڏيکاريو ۽ اسان
لاءِ خدا يسوع کي موت کان ساڙيو اهو سڀ
ڪجهه اسان جي لاءِ ڪيو اهو ٻئي زبور ۾ لکيل
آهي:

تون منهنجو پُٽ آهين ۽ اج مان تنهنجو
پيءُ بڻجي ويس. *زبور ٢: ٧*

٣٤ خدا يسوع کي موت مان زنده ڪيو. اج کان
يسوع ڪڏهن به قبر ۾ نه ويندو ۽ نه ساڙيو
ويندو انهيءَ لاءِ خدا چيو:

آئون توهان کي سچا ۽ پاڪ واعده ڏيندس
جيئن ته دائود کي ڏنو هيو. يسعياه ٥٥: ٣

٣٥ هڪ ٻئي جڳهه تي خدا چيو آهي:

تون پنهنجي پاڪ بدن کي نه پائيندا ته
قبر ۾ اهو سڙي ڳري سگهي. *زبور ١٦: ١٠*

٣٦ دائود پنهنجي زندگي ۾ هر ڪم خدا جي
منشاء جي مطابق ڪيو تڏهن اجو انتقال ٿيو.
دائود پنهنجي ابن ڏاڏن سان گڏ دفن ٿيو ۽ ان
جي لاش سڙي ڳري ويئي. ٣٧ اهو هڪ شخص
جنهن کي خدا موت کان بعد اٿاريو قبر ۾ نه
ڳريو نه ئي سڙيو. ٣٨-٣٩ اي ڀائرو! توهان کي
سمجهڻ گهرجي ته اسان توهان کي چا چئي رهيا
آهيون توهان پنهنجي گناهن جي معافي صرف
انهيءَ جي ذريعي حاصل ڪري سگهو ٿا. هر
اهو شخص جيڪو ان تي ايمان آڻيندو آهي انهن
تمام شين کان آزاد ٿي ويندو آهي. جنهن کي
شريعت موسيٰ به ڇڙائي نه ٿي سگهي.
٤٠ نبين چيو آهي ته ڪجهه حادثات ٿيندا
انهيءَ لاءِ خبردار رهو ائين نه ٿي ته نبين کي
جيڪو چيو اهو توهان تي صادق اچي ته:

٤١ پڙو! جيڪي ماڻهون شڪ ڪندا آهن
توهان تعجب ڪري سگهو ٿا پر تڏهن اهو
ويندا ۽ مري ويندا آئون توهان جي زماني
۾ هڪ ڪم ڪندو آهيان اهڙو ڪم ته
جيڪڏهن ڪوئي توهان تي بيان ڪري
ته ڪڏهن به يقين نه ڪريو.“ *حبقوق ١: ٥*

٤٢ جنهن وقت پولس ۽ برنباس يهودي
عبادگاهه وڃي رهيا هئا ته ماڻهن ان کي چيو
ته اهي پيهر ايندا ۽ اڳئين هفتي سبت جي ڏينهن
انهن کي وڌيڪ ڳالهيون ٻڌائيندا. ٤٣ ان مجلس
جي ختم ٿيڻ تي ڪئي يهودي پولس ۽ برنباس
سان گڏ ٿي ويا ۽ ڪئي ماڻهون به هيا. جيڪي
يهودي مذهب تي اچڻ چاهن پيا. ۽ سچي خدا جي
عبادت ڪري رهيا هئا. پولس ۽ برنباس انهن
سان ڳالهه ڪئي ۽ ترغيب ڏني ته خدا جي رستي
تي قائم رهو ۽ ان جي فضل تي يقين رکو.
٤٤ سبت جي ٻئي ڏينهن تقريبن تمام شهر جا
ماڻهون جمع ٿيا. ته جيئن خداوند جي ڪلام کي
ٻڌي سگهون. ٤٥ جڏهن يهودين گهڻن ماڻهن کي
ڏٺو ته ساڙ سان پرجي ويا. ۽ انهن جي خلاف
فحش ڪلامي ڪئي ۽ جيڪي ڪجهه پولس
چيو ان جي مخالفت ۾ تڪرار ڪرڻ لڳا. ٤٦ پر
پولس ۽ برنباس بغير خوف سان ڳالهايو ” سڀ
کان پهريان اهو ضروري هيو ته خدا جو پيغام
توهان يهودين تائين پهچايون پر توهان ان جو
انڪار ڪريو ٿا توهان اهڙي طرح سان هميشه
جي زندگي جي لاءِ موافق نهرائيو ٿا انهيءَ لاءِ
اسان هاڻي پين قومن جي طرف متوجه ٿيون ٿا.
٤٧ ۽ اهو ئي سڀ خداوند اسان کي ڪرڻ جي
لاءِ چيو آهي:

”آئون توهان کي پين قومن جي لاءِ نور
وانگر بڻايو ته جيئن توهان دنيا جي
ماڻهن کي نجات پائڻ جو رستو ٻڌائي
سگهو.“ *يسعياه ٤٩: ٦*

٤٨ جڏهن غيريهودي ماڻهن پولس کي ان
طرح چوندي ٻڌو ته اهي گهڻا خوش ٿيا. انهن

اُن خداوند جي پيغام جي تعظيم ڪئي ۽ وڏائي
ڪرڻ لڳا. ۽ جن کي هميشه جي زندگي جي لاءِ
مقرر ڪيو ويو هيو اهي ايمان ڪٺي آيا.
٤٩ اهڙي طرح خداوند جو پيغام تمام ملڪ ۾
ڦهلجي ويو. ٥٠ پر انهن ڪجهه مذهبي عورتن
۽ شهر جي سردارن کي ان ڳالهه تي اڪسايو ته
اهي پولس ۽ برنباس جي مخالف ٿي وڃن انهن
ماڻهن پولس ۽ برنباس جي مخالف ٿي ڪري
انهن کي شهر کان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو. ٥١ پولس ۽
برنباس پنهنجي پيرن جي مٽي انهن جي سامهون
ڇنڊي ڪري ڪونيم شهر جي طرف روانه ٿيا.
٥٢ پر خداوند جا شاگرد جيڪي انطاڪيه ۾ هيا
گهڻا خوش هيا ۽ روح القدس سان پريل ٿيندا رهيا.

## پولس ۽ برنباس جي اڪونيم ۾ آمد

١٤ ١ پولس ۽ برنباس شهر ڪونيم ويا
۽ يهودين جي عبادتخاني ۾ داخل
ٿيا. ( جئين انهن هر شهر ۾ ڪيو هيو) اتي انهن
ماڻهن سان ڳالهه ڪئي جنهن جي وجهه سان
ڪئي يهودي يوناني ايماڻ آندو. ٢ پر ڪجهه
يهودي ايمان نه آندو ۽ انهن غير يهودي ماڻهن
جي دلين ۾ بدگماني پيدا ڪرڻ جي ڪوشش
ڪئي پنهنجي ڀائرن جي خلاف ٿيڻ تي انهن کي
اڪسايو.
٣ پولس ۽ برنباس ڪافي عرصي تائين
اڪونيم ۾ رهيا ۽ وڏي دليري سان خداوند جي
باري ۾ ڳالهايو ۽ خدا جي فضل جي باري ۾
تعليمات ڏني. خداوند معجزه ڏيکارڻ ۽ عجيب
۽ غريب ڪمن کي انجام ڏيڻ ۾ رسولن جي مدد
ڪئي، انهن ماڻهن کي چيل ڳالهين کي سچ ثابت
ڪيو. ٤ پر ڪجهه ماڻهون شهر ۾ يهودين جي
طرف ٿي ويا. ۽ ڪجهه ايمان وارا ماڻهون شهر
۾ پولس ۽ برنباس جي طرف ٿي ويا اهڙي طرح
شهر ورهائجي ويو.
٥ ڪجهه غيريهودي ۽ انهن کي سردارن
پولس ۽ برنباس کي ضرور پهچائڻ جي ڪوشش
ڪئي. ان انهن کي سنگسار ڪري مارڻ چاهيو.
٦ جڏهن پولس ۽ برنباس کي اهو سڀ
معلوم ٿيو ته انهن ڳوٺ ڇڏي ڏنو ۽ لستره ۽
دربي هليا ويا. جيڪا لڪانيه جي چوطرف
هيڏانهن هوڏانهن نواح جا شهر هيا. ٧ ۽ اتي به
خوشخبري ڏيندا رهيا.

## پولس جو لستره ۽ دربي ۾ هجڻ

٨ لستره ۾ هڪ ماڻهون هيو جنهن جي پيرن
۾ نقص هيو ۽ اهو پيدائشي منڊو هيو ۽ ڪڏهن
گهمي نه سگهيو. ٩ اهو شخص ويٺو هيو پولس
جي تقرير ٻڌي رهيو هيو جڏهن پولس ڏٺو ته
ان کي خدا تي ايمان آڻڻ جو جذبو آهي ۽ خدا
ان کي شفاءِ ڏيئي سگهي ٿو. ١٠ پولس ان وڏي
آواز سان پڪاري ڪري چيو، ”پنهنجي پيرن تي
ڀهي رهه.“ هڪدم اهو شخص ٽپا ۽ هلڻ شروع
ڪيو.
١١ ماڻهن ڏٺو ته پولس جيڪو ڪجهه چيو
هيو اهو لڪانيه جي زبان ۾ پڪاري ڪري چيو
هيو، ”ديوتا انسان جي شڪل ۾ ويجهو آيو.“ ١٢
انهن برنباس کي ”زيوس“[1] چيو ۽ زيوس کي
”هرميس“[2] چالاءِ جوپولس ئي اهم ڪلام ڪرڻ
وارو هيو. ١٣ ”زيوس“ جي هيڪل شهر کان
ويجهو هيو ۽ ان هيڪل جو ڪاهن ٻيل ۽ گل
وٺي ڪري شهر جي دروازي تي بيٺو هيو.
ڪاهن ۽ ٻين ماڻهن پنهنجي قربانين جو نذرانو
پولس ۽ برنباس کي پيش ڪرڻا چاهن پيا.
١٤ پر جڏهن پولس ۽ برنباس رسول اهو
ڄاڻيو ته اهي ماڻهو ڇا ڪرڻ چاهن ٿا ته پنهنجا
پنهنجا ڪپڙا ڦاڙي ڪري ٽپو ڏنو ۽ ميڙاڪي ۾
ڀهتا ۽ واڪو ڪري چوڻ لڳا. ١٥ ”اي ماڻهون
ڇا ڪري رهيا آهيو؟ اسان خدا نه آهيون
اسان توهان جهڙا آهيون. اسان ته توهان کي
خوشخبري ڏيئي رهيا آهن. ۽ اهو چوڻ آيا آهن
ته توهان ماڻهون اهڙي بيماري جي حرڪت
ڪرڻ کان باز اچي ويو ۽ زنده خدا جي طرف
اچو جنهن آسمان ۽ سمنڊ کي ۽ جيڪو ڪجهه
ان ۾ آهي ان ئي ٺاهيو.
١٦ ”گذريل زماني ۾ خدا سڀن قومن کي انجي
پنهنجي رستي تي هلڻ ڏنو. ١٧ پر خدا ڪجهه
اهڙيون شيون پيدا ڪئي آهي جنهن سان ان جي
فطرت ظاهر ٿيندي آهي اهو توهان جي لاءِ
مهربان آهي ۽ توهان جي لاءِ آسمان کان برسات
وسائيندو آهي ۽ توهان جي لاءِ مناسب وقت تي
فصل پيدا ڪندو آهي. ۽ بي حساب رزق ڏيندو

[1] ١٤: ١٢ **زيوس** يوناني خدائن جو خاص خدا.
[2] ١٤: ١٢ **هر ڏينهن** ميس يونان جو هڪ خدا. يونان
وارا يقين ڪندا هيا ته اهو ٻين خدائن جا پيغام ڪٺي
ايندو هيو.

آهي ۽ توهان جي دلين کي خوشين سان پري
ڇڏيو آهي.“
۱۸ پولس ۽ برنباس ماڻهون سان اهي سچون
ڳالهيون چيون. پر وڏي مشڪل سان ماڻهن کي
ان جي لاءِ نذرانه ۽ قربانيون پيش ڪرڻ کان
روڪيو.
۱۹ تڏهن ڪجهه يهودي انتاڪيه ۽ اڪونيم آيا
۽ ماڻهن کي پنهنجي طرف راغب ڪري پولس
کي سنگسار ڪيو ۽ ان کي مردو سمجهي ڪري
شهر کان ٻاهر گهيلي ڪري وٺي ويا. ۲۰ يسوع
شاگرد پولس جي چوطرف جمع هئا ته اهو اٿيو
۽ واپس شهر ويو. ٻئي ڏينهن اهو ۽ برنباس اتان
کان نڪري ڪري دربي جي شهر پهتا.

## سيريه جي انتاڪيه ڏانهن واپسي

۲۱ پولس ۽ برنباس دربي ۾ به ماڻهن کي
خوشخبري ٻڌائيندا رهيا ۽ ڪئي ماڻهون يسوع
کي مڃڻ وارا ٿي ويا پولس ۽ برنباس لستره،
اڪونيه ۽ انتاڪيه جي شهرن کي واپس ويا.
۲۲ انهن شهرن ۾ انهن يسوع کي مڃڻ وارن
جي همت ٻڌي ڪري انهن ايمان تي قائم رهڻ
جي نصيحت ڏيندا رهيا. پولس ۽ برنباس چيو،
”اسانکي خدا جي بادشاهت ۾ پهچڻ جي لاءِ
ڪئي ڏک ڪٽڻا پوندا آهن.“ ۲۳ وري پولس ۽
برنباس هر ڪليسيا ۾ ڪجهه بزرگن کي مقرر
ڪيو ۽ روزي رکي ڪري دعا ڪري انهن کي
خداوند يسوع جي حوالي ڪيو هي اهي بزرگ
هيا جيڪي ايمان آڻي چڪا هيا.
۲۴ پولس ۽ برنباس پسيديه جي ذريعي پمفيليه
جي شهر پهتا. ۲۵ اتان پرگه ۾ انهن خدا جي پيغام
جي تبليغ ڪئي ۽ وري اتاليه جي شهر ويا. ۲۶
پري اتان کان پولس ۽ برنباس جهاز جي ذريعي
شام ۾ انتاڪيه آيا جتي ان شهر کي ايمان وارن
ماڻهن ان کي ڪم جي لاءِ انهن خدا جي هٿن سپرد
ڪري ڇڏيو ۽ جتي انهن ان ڪم کي پورو ڪيو.
۲۷ جڏهن پولس ۽ برنباس آيو ته انهن ڪليسيا
جي ايمان واري گروهه کي جمع ڪيو ۽ ان
جي سامهون اهو سڀ ڪجهه بيان ڪيو جيڪو
خدا انهن ماڻهن سان گڏ ڪيو هيو. انهن چيو،
”خدا ٻين ملڪن جي لاءِ به ايمان جو دروازو
کولي ڇڏيو آهي.“ ۲۸ پولس ۽ برنباس اتي هڪ
عرصي تائين مسيح جي شاگردن سان گڏ رهيو.

## يروشلم ۾ اجلاس

۱۵
۱ تڏهن ڪجهه ماڻهون يهوداه کان
انتاڪيه آيا ۽ غيريهودين کي تعليم
ڏيڻ لڳا ”توها تيسينتائين نجات نه ٿا پائي سگهو
جيسيتائين موسيٰ جي شريعت جي مطابق ختنو
نه ڪرايو.“
۲ پولس ۽ برنباس ان جي تعليم کان سخت
خلاف هيا. ۽ انهن اُنهن ماڻهن کي سان بحث ڪيو
ته ان جي گروهه اهو طئه ڪيو ته پولس برنباس
۽ ڪجهه ٻين ماڻهن کي يروشلم روانو ڪيو وڃي
اهي ماڻهون اتان جي رسولن ۽ بزرگن کي ان
موضع تي تبادله خيال ڪرڻ گهرجي ها.
۳ تنهنڪري ڪليسيا ان کي روانو ڪيو اهي
فيڪيي ۽ سامريه کان گذرندي ۽ چيو ته ڪهڙي
طرح غيريهودي سچا خدا طرف رجوع ٿين. ان
واقعي کي سڀن ڀائرن ۾ خوشي جي واءُ لڳي
ويئي. ۴ پولس برنباس ۽ ٻيا ماڻهون يروشلم پهتا
جتي تمام ايمان وارا گروهه رسولن ۽ بزرگن
انهن جو استقبال ڪيو. پولس برنباس ۽ ٻين
ماڻهن جي متعلق ٻڌايو جيڪو خدا انهن سان
ڪيو هيو. ۵ يروشلم ۾ ڪجهه ايمان وارن جو
تعلق فريسين سان هيو، انهن اٿي ڪري چيو،
”غيريهودي اهل ايمان وارن کي ختنو ڪرائڻو
پوندو اسان انهن کي چيو اهو چوڻ چاهيو ته اهي
موسيٰ جي شريعت تي عمل ڪرن.“
۶ تڏهن رسولن ۽ بزرگن جمع ٿي ڪري ان
مسئلي تي غور ڪرڻ شروع ڪيو. ۷ ۽ ڪافي
بحث کان بعد پطرس اٿي ڪري انهن کي چيو،
”منهنجا ڀائرو توهان سڻي طرح ڄاڻو ٿا ته
گذريل ڏينهن ۾ ڇا ٿيو. خدا مون کي توهان مان
چونڊيو ته غيريهودين ۾ خوشخبري جي تبليغ
ڪريان غيريهودين جڏهن مون کان خوشخبري
ٻڌي ته ايمان آندو. ۸ خدا هر هڪ جي ڇا آهي
اهو پاڻ ئي ڄاڻي ٿو ۽ اهو انهن کي روح القدس
سان معمور ڪري قبول ڪندو آهي جيئن ته ان
اسان سان ڪيو. ۹ خدا جي ويجهو اهي ماڻهون
جيڪي اسان کان ڪجهه مختلف نه آهن. جڏهن
انهن ايمان آندو ته خدا انهن جي دلين کي پاڪ
ڪري ڇڏيو. ۱۰ ته هاڻي اهڙي طرح انهن
جي منڍيءَ تي ڇو رکندا آهيو؟ ڇا توهان خدا ۾
غصي ۾ آڻڻ چاهيو ٿا؟“ اسان ۽ اسان جا ابا ڏاڏا
ان بوجهه کي ڪڻڻ جي قابل ناهن. ۱۱ اسان کي

يقين آهي ته اسان ۽ اهي ماڻهون خداوند يسوع
جي فضل سان بچايا ويندا سين.
١٢ تڏهن سڄو گروهه خاموش ٿي ڪري پولس
۽ برنباس جي تقرير ٻڌندا رهيا. پولس ۽ برنباس
عجيب نشانين ۽ معجزن جي باري ۾ چوندا رهو
ته جيڪو خداوند ان جي ذريعي غيريهودي
ماڻهن ۾ چا. ١٣ جڏهن پولس ۽ برنباس پنهنجون
پنهنجون تقريرون ختم ڪيون ته يعقوب چيو،
”اي منهنجا ڀائرو! ١٤ شمعون اسانکي چيو ته
خدا ڪي ڪهڙي طرح پنهنجي محبت جو اظهار
غيريهودين جي لاءِ ڪيو پهريون ڀيرو خدا
غيريهودين کي قبول ڪيو ۽ انهن کي اپنايو. ١٥
نبين جا الفاظ به ان جي تائيد ڪندا آهن:

١٦ آئون ان کان بعد ڀيهر ايندس. ۽ آئون
دائود جي گهر کي ڀيهر ٺاهيندس جيڪو
ڪري چڪو آهي. آئون ان جي گهر جي
حصن کي ڀيهر ٺاهيندس جيڪو ڪيرايو
ويو آهي. آئون ان جي گهر کي نئون
ٺاهيندس.
١٧ تڏهن گهڻا ماڻهون خداوند جي ڳولها
ڪندا گهڻا غيريهودي به منهنجا ئي ماڻهون
هوندا.
خداوند اهو چيو ۽ اهوئي آهي جيڪو اهو
سڀ ڪجهه ڪندو آهي. *عاموس ٩: ١١-١٢*

١٨ اهي سڀ شيون شروع ئي کان ڄاڻيون
ويون هيون.

١٩ انهيءَ لاءِ مان سوچيان ٿو ته اسان کي
غيريهودي ڀائر کي تڪليف نه ڏيڻ گهرجي
جيڪي خدا جي طرف رجوع ٿيند آهن. ٢٠ انجي
باجود اسان انهن کي هڪ خط لکڻو هوندو ۽
اهي سڀ ڳالهيون چوڻيون پونديون ته:

اهڙيون شيون نه کائون جيڪي بُتن جي
طرفان پيش ڪيل هجن اهڙي غذا ناپاڪ
هوندي آهي
۽ حرام ڪاري جا گناهه نه ڪريو.
۽ رت نه کائو ۽ اهڙا جانور نه کائو
جيڪي جي نڙي نچوڙي ڪري ماريو
ويو هجي.

٢١ اهي سڀ شيون نه ڪريو هاڻي هاڻي يهودي
هر شهر ۾ جيڪي موسيٰ جي شريعت جي تعليم
ڏيندا آهن ۽ موسيٰ جي شريعت جا الفاظ هر
سبت جي ڏينهن تمام يهودي عبادخانن ۾ گهڻن
نسلن کي پڙهايا ويندا آهن.“

## غيريهودين جي نالي خط

٢٢ رسولن بزرگن ۽ تمام ڪليسيا جي ايمان
واري گروهه طئه ڪيو ته ڪجهه ماڻهون پولس
۽ برنباس سان گڏ انتاڪيه ڏانهن موڪليون ۽
اها ڪليسيا يهوداه کي چونڊيو جيئن ته برنباس
به چيو ويندو آهي ۽ سيلاس کي چونڊيو. اهي
ماڻهون مڃڻ وارا هيا سردار ۽ يروشلم جي
ڀائرن مان آهن. ٢٣ گروهه انهن ماڻهن سان گڏ
خط روانو ڪيو خط هي آهي:
جناب رسولون، برگو ۽ توهان جي ڀائرن،
انتاڪيه، شام ۽ ڪلڪيه شهرن ۾ رهڻ وارن
تمام غيريهودين ڀائرن جي لاءِ:

عزيز ڀائرو!
٢٤ اسان ٻڌو آهي ته اسان جي ڪليسيا کي
ڪجهه ماڻهون توهان ڏانهن آڻي رهيا آهن
۽ تڪليفون پيدا ڪندا آهن جيڪو ڪجهه
انهن چيو ان سان توهان کي تڪليف ۽
پريشاني ٿيندي آهي. پر اسان انهن کي ايئن
ڪرڻ کان جي لاءِ نه چيو. ٢٥ اسان تمام
متفق آهيون ته ڪجهه ماڻهن کي چونڊي
ڪري توهان ڏانهن موڪلي رهيا آهيون
اهي اسان جي عزيز دوستن سان گڏ اچي
رهيا هوندا. برنباس ۽ پولس جنهن کي.
٢٦ پنهنجون زندگيون خداوند يسوع مسيح
جي لاءِ وقف ڪئي ويئي هئي. ٢٧ انهيءَ
لاءِ اسان يهوداه ۽ سيلاس کي ان سان گڏ
موڪليو اهو به پنهنجي زبان سان اهي ئي
ڳالهيون چوندا. ٢٨ چالاءِ جو ته اسان کي
۽ روح القدس طئه ڪيو آهي ته توهان کي
گهڻا دفعا نه ڪٽڻو هوندو ۽ اسان چاڻون ٿا ته
توهان کي صرف اهي شيون ڪرڻيون آهن.
٢٩ اهڙي غذا نه کائو جيڪا بُتن جي نذر
ڪئي وئي هجي.
اهڙا جانور نه کائو جنهن جي موت گهٽو
سان ڪئي هجي.

ءِ پاڻ ۾ هم جنسي گناهه نه ڪريو،
جيڪڏهن توهان انهن شين کي پنهنجو پاڻ
کي بچائي رکندا ته سلامت رهندا.
وسلام.

٣٠ پولس، برناباس، يهوداه ۽ سيلاس يروشلم
کان نڪتا ۽ انتاڪيه پهتا. انتاڪيه ۾ انهن ايمان
وارن گروهن کي جمع ڪيو ۽ انهن کي خط ڏنو.
٣١ جڏهن شاگرن کي خط پڪڙايو ته اهي خوش
ٿيا خط سان انهن کي تسئلي ملي. ٣٢ يهوداه ۽
سيلاسي به نبي هيا جن پائرن کي ڳالهيون ۽
نصيحتون ڪري انهن کي مظبوط ڪري ڇڏيو.
٣٣ ۽ انکان بعد يهوداه ۽ سيلاس ڪجهه عرصو
ٺهريا انهن پائرن کي سلامتي جون دعائون
حاصل ٿيون يهوداه ۽ سيلاس واپس پنهنجي
پائرن سان گڏ يروشلم آيا جن کي انهن موڪليو
هيو. ٣٤ '
٣٥ پر پولس ۽ برناباس انتاڪيه ۾ رڪيا اهي
بين ماڻهن کي خوشخبري ڏني ۽ خداوند جي
پيغام جي تعليم ڏني.

## پولس ۽ برناباس جو الگ ٿيڻ

٣٦ ڪجهه ڏينهن کان پوءِ برناباس چيو، ”اسان
گهڻي شهرن ۾ خداوند جو پيغام پڌايو آهي. اسان
کي انهن شهرن ڏانهن واپس وڃي ڪري انهن
سان ملڻو پوندو ۽ ڏسڻو پوندو ته اهي ڪيئن
آهن.“ ٣٧ برناباس چاهي پيو ته يوحنا مرقس
به انهن سان گڏ هلي. ٣٨ چالاءِ جو ته ان جي
پهرين سفر ۾ يوحنا مرقس انهن کي پمفيليه ۾ ئي
ڇڏي ڏنو هيو ۽ انهن سان گڏ ڪم کي جاري نه
رکيو هيو انهيءَ لاءِ پولس اهو خيال نه ڪيو
ته ان کي گڏ وٺي هلون. ٣٩ پولس ۽ برناباس
۾ ان سلسلي ۾ زوردار بحث ٿي ۽ پنهي الگ
ٿي ڪري رستو اختيار ڪري ڇڏيو. برناباس
جهاز کان قبرص ويو ۽ پنهنجي سان گڏ مرقس
کي وٺي ويو. ٤٠ پولس کي سيلاس پنهنجي سفر
۾ گڏ ورتو انتاڪيه ۾ پائرن پولس کي خداوند
جي نگراني مان پاهر موڪلي ڇڏيو. ٤١ پولس
۽ سيلاس ڪليسيائن کي مضبوط ڪندي شام ۽
قليقيه کان ٿيندي گزريا.

## تيمٿيس جو پولس ۽ سيلاس سان گڏ هجڻ

١٦
١ پولس دربي ۽ لستره جي شهرن
ڏانهن ويو. هڪ مسيح کي مڃڻ
وارو جنهن جو نالو تيمٿيس هيو اتي رهندو هيو.
تيمٿيس جي ماءُ هڪ يهودي هئي جيڪا ايمان
واري هئي پر ان جو پيءُ يوناني هيو. ٢ لستره
۽ اڪونيم جا ايمان واري شهرين ان جي باري
۾ سٺيون ڳالهيون ڪيون هيو. ٣ پولس چاهي پيو
ته تيمٿيس به ان سان گڏ سفر ڪري چالاءِ جو
ته گهڻا يهودي جيڪي ان علائقي ۾ رهندا هيا
سٺي طرح ڄاڻيندا هيا ته تيمٿيس جو پيءُ يوناني
هيو يهودي نه هيو. انهيءَ لاءِ پولس يهودين کي
خوش رکڻ جي لاءِ تيمٿيس جو ختنو ڪرايو. ٤
پولس ۽ ان جي بين ساٿين پئي شهري علائقي
۾ ويا اتي مڃڻ وارن کي يروشلم جي بزرگن
۽ رسولن جي لاءِ حڪمن ۽ فيصلن کان آگاهه
ڪيو. انهن ايمان وارن کي چيو ته ان حڪم جي
پابندي ڪريو. ٥ تنهنڪري ڪليسيا ڏينهن به
ڏينهن ايمان ۾ مضبوطي ۽ طاقتور ٿيندي وڃي.
انهن جي تعداد وڌندي ويئي.

## پولس کي مڪدينه گهرايو ويو

٦ پولس ۽ ان جا ساٿي فريگيه ۽ گلاتيه مان
گذريا چالاءِ ته روح القدس انهن کي ايشياءِ جي
ملڪ ۾ ڪلام جي خوشخبري پڌائڻ کان منع
ڪيو هيو. ٧ تڏهن اهي ملڪ مسيه جي ويجهو
ويا ۽ اتان کان اهي ملڪ تبونيه وڃڻ چاهن
پيا پر يسوع جي روح انهن کي وڃڻ نه ڏنو. ٨
موسيه کان گذري ڪري شهر تروشا پهتا.
٩ ان رات پولس رات جو رويا ۾ ڏٺو ته
هڪ شخص مگدينه ڏانهن اُن ڏي آيو آهي ۽
اهو ماڻهون جيڪو بيٺو هيو انکي التجا ڪئي
ته ”اهو مگدنيه کان گذر ڪري اسان جي مدد
ڪري.“ ١٠ ان رات پولس رويا ۾ ڏسڻ کان
هڪدم بعد مگدنيه وڃڻ جو ارادو ڪيو. اسان
کي اهو قائل ڪيو ته خدا اسان کي گهرايو آهي
اسان انهن ماڻهن کي خوشخبري ڏني. ١١ اسان
ٿراوس جي جهاز جي ذريعي سماتر پهچي
ڪري پئي ڏينهن نياپلس جي شهر پهتا. ١٢ وري

---

' ١٥: ٣٤ آيت ٣٤ ڪجهه يوناني نسخن جي اعمال ۾ آيت ٣٤ اهڙي طرح آهي: پر سيلاس اتي ئي رهڻ پسند ڪيو

اسان فليپي ويا. فليپي مگدنيه جي صوبي جي
حصي جو اهم شهر آهي ۽ اها رمين جي بستي
آهي ۽ اسان اتي ڪجهه ڏينهن ٺهريا.
١٣ سبت جي ڏينهن اسان شهر جي دروازي
جي ٻاهر پرندي جي ويجهو پهتاسين ڇالاءِ جو ته
اسان سوچيو ته دعا جي لاءِ جمع ٿيڻ جي هڪ
خاص جاءِ تلاش ڪئي. اتي ڪجهه عورتون
جمع ٿيون اسان ويهي ڪري ان سان گفتگو
ڪئي. ١٤ اتان لديه نالي هڪ عورت جيڪا
ٿواتيرا شهر جي هئي جيڪا وانگڻائي رنگ جا
ڪپڙا فروخت ڪندي هئي. ۽ سچي خدا جي
عبادت ڪندي هئي. خداوند ان جي دل کي پولس
جون ڳالهين کي ٻڌڻ جي لاءِ کولي ڇڏيو. ۽
پولس جيڪو ڪجهه چيو ان جي ڳالهين تي ان
ايمان آندو. ١٥ تڏهن اها عورت وڏيڪ ان جي
گهر ۾ گهڻن ماڻهن کي بپتسمه ورتي تڏهن ان
عورت پنهنجي گهر ۾ اسان جي دعوت ڪئي ۽
چيو، ”جيڪڏهن توهان سمجهو ٿا ته مان خداوند
يسوع جي سچي مڃڻ واري آهيان ته توهان اچو
۽ منهنجي گهر ۾ ٺهرو“ ۽ ان انهن کي پنهنجي
گهر ۾ ٺهراڻ جي لاءِ مجبور ڪيو.

## پولس ۽ سيلاس جيل ۾

١٦ هڪ دفعي جڏهن اسان دعا ڪرڻ جي
جاءِ ڏانهن وڃي رهيا هياسين اتي اسان کي
هڪ خدمت گذار نينگري ملي جنهن ۾ روح'
هئي اها ان کي مستقبل ۾ اينڊڙ واقعن جي باري
۾ پيشنگوئي ڪرڻ ۾ مدد ڪندي هئي. اهڙي
طرح پنهنجي مالڪن جي لاءِ ڪافي رقم
ڪمائي هئي. ١٧ اها نينگري اسان ۽ پولس سان
گڏ ٿي ويئي. ان وڏي واڪي سان چيو، ”هي
ماڻهون خدا جا عظيم تر ماڻهون آهن ۽ توهان
کي نجات جو رستو ٻڌائڻ آيا آهن. جنهن کان
توهان بچي سگهو.“ ١٨ اهڙي طرح ڪئي ڏينهن
ائين ڪندي رهي پولس ان جي طرز عمل کان
ڏکايل ٿي ڪري ڦريو ۽ روح کي چيو، ”مان تو
کي يسوع مسيح جي نالي سان حڪم ڏيان ٿو ته
تون ان مان ٻاهر نڪري آ“ ۽ انهيءَ گهڙيءَ اها
روح ٻاهر نڪري ويئي.“
١٩ جڏهن ان نينگري جي مالڪن ڏٺو ته انهن
ماڻهن اُن نينگريءَ کي بيڪار ٻڌائي ڇڏيو آهي ۽
اهي ماڻهون ان نينگريءَ کان ڪائي رقم حاصل
نه ڪري سگهيا ته انهن پولس ۽ سيلاس کي
پڪتو حاڪمن ڏانهن چوڪ تي گهسيٽي وٺي
ويا. ٢٠ انهن شهر جي حڪامن کي چيو، ”هي
ماڻهون يهودي آهن ۽ شهر ۾ گڙٻڙ پيدا ڪندا
آهن. ٢١ اهي ماڻهون اسان جي شهر جي ماڻهن
کي پنهنجي تعليم ڏيندا آهن انهن شين کي ڪرڻ
جي لاءِ چون ٿا جيڪو انهن جي لاءِ صحيح
نه آهي. اسان رومي شهري آهيون ۽ انهن جي
ڳالهين کي قبول نٿا ڪري سگهون.“
٢٢ ماڻهون پولس ۽ سيلاس جي مخالف ٿي
ويا هيا ۽ شهر جي معتبدرن پولس ۽ سيلاس جا
ڪپڙا ڦاڙي ڪري لاهي ڇڏيا ۽ ڪجهه ماڻهن
کي چوٽ لڳا ته انهن کي ماريو. ٢٣ انهن پولس
۽ سيلاس کي ڪئي مڪون هنيون ۽ وري انهن
حاڪمن پولس ۽ سيلاس کي قيدخاني ۾ وجهي
ڇڏيو. حاڪمن پوليس واري کي چيو، ”انهن
جي نگراني هوشياري سان ڪيو.“ ٢٤ انهن جو
حڪم ٻڌي ڪري پولس ۽ سيلاس کي جيل جي
اندروني حصي ۾ رکيو ۽ انهن جي پيرن کي
وزني ڪاٺي جي تختن سان ٻڌي ڇڏيو.
٢٥ اڌ رات جي ويجهو پولس ۽ سيلاس دعا
ڪندي خدا جي لاءِ ناگا رهيا هئا ۽ ٻيا قيدي ٻڌي
نه رهيا هيا. ٢٦ انهيءَ وقت اچانڪ هڪ وڏو
زلزلو آيو اهو زلزلو ايترو شديد هيو ته ان سان
جيل جون اصل بنيادون هلي ويون ۽ جيل جا
سڀ درواز کلي ويا تمام قيدي پنهنجي زنجيرن
مان آزاد ٿي ويا. ٢٧ داروغو جاڳيو ۽ ڏٺو ته
جيل جا دروازا کليل آهن. ان سوچيو جيل مان
تمام قيدي فرار ٿي ويا هوندا. ان لاءِ ان پنهنجي
ترار ڪڍي ۽ پنهنجو پاڻ کي مارڻ چاهيو. ٢٨
پر پولس واڪو ڪري چيو، ”پنهنجو پاڻ کي
نقصان نه پهچاءِ ڇالاءِ جو ته اسان سڀ هتي
موجود آهيون.“
٢٩ تڏهن داروغي ڪنهن کي روشني ڪڻڻ جي
لاءِ چيو، ”۽ اند ڊوڙيو اهو ڏڪي رهيو هيو اهو
پولس ۽ سيلاس جي سامهون ڪري پيو. ٣٠ اهو
انهن کي ٻاهر وٺي آيو ۽ ان کي چيو، ”اي صاحبو!
نجات جي لاءِ مون کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟“
٣١ انهن چيو، ”توهان خداوند يسوع تي ايمان

' ١٦: ١٦ روح اها روح شيطاني روح هئي جنهن کي خاص علم هيو.

آٽيو ۽ توهان جي گهر جي سڀ ماڻهون نجات
پائيندا.“ ٣٢ تڏهن پولس ۽ سيلاس خداوند جو
پيغام داروغي کي ٻڌايو ۽ ان جي گهر ۾ رهڻ
وارن تمام ماڻهن کي به. ٣٣ داروغي ان وقت
رات ۾ پولس ۽ سيلاس کي وٺي وڃي ڪري
انهن جا زخم ڌوتا ۽ مرهم پٽي ڪئي ۽ اهو انهي
وقت پنهنجي ماڻهن سان گڏ انهن کي بپتسمه
ورتي. ٣٤ ان کان بعد داورغي پولس کي ۽
سيلاس کي پنهنجي گهر وٺي وڃي ڪري کاڌو
پيش ڪيو سڀ ماڻهون ان وقت گهڻا خوش ٿيا
ڇالاءِ جو ته انهن سين خدا تي ايمان آندو هيو.
٣٥ ٻئي ڏينهن حاڪمن ڪجهه حوالدارن کي
داروغي ڏانهن روانو ڪيو ”هي چوڻ جي لاءِ ته
انهن ماڻهن کي رها ڪري.“
٣٦ داروغي پولس کي چيو، ”سپاهين سان گڏ
حاڪمن کي پيغام موڪليو آهي ته اهي توهان
کي رهاء ڪري ڇڏين. لهاذا هاڻي توهان آزاد
آهيو ۽ توهان سلامتي سان وڃي سگهو ٿا.“
٣٧ پر پولس سپاهين کي چيو، ”توهان جي
حاڪمن اسان جي غلطين کي عدالت ۾ ثابت
ناهي ڪيو. انهن چيو اسانکي ماڻهن ماريو پٽيو.
۽ اسان کي جيل ۾ وجهي ڇڏيو. اسان رومي
شهري آهيون. ۽ اسان جا به حقوق آهن. ۽ هاڻي
توهان جا حاڪم اسان کي رازداري سان رها
ڪرڻ چاهن ٿا. نه! توهان جي حاڪمن کي اچڻو
پوندو ۽ اسان کي هتان رها ڪرڻو پوندو.“
٣٨ سپاهين واپس اچي ڪري حاڪمن کي
جيڪو ڪجهه چيو پولس چيو چئي ڇڏيو جڏهن
سردارن اهو ٻڌو ته پولس ۽ سيلاس رومي
شهري آهن ته اهي ڊوڙيندا ويا.
٣٩ اهي آيا ۽ اچي ڪري پولس ۽ سيلاس کان
معافي ورتي ۽ انهن کي جيل کان رها ڪري
انهن کي شهر کان ٻاهر وڃڻ جي لاءِ چيو. ٤٠
پر جڏهن پولس ۽ سيلاس جيل کان ٻاهر آيا ۽
لديه جي گهر ويا اتي ڪجهه شاگردن کي انهن
ڏٺو جن انهن کي آرام پهچايو هيو. تڏهن پولس ۽
سيلاس اتان روانه ٿيا.

## پولس ۽ سيلاس جو ٿسلونڪين ۾ هجڻ

١٧ ١ پولس ۽ سيلاس امفليس ۽ اپلونيه
جي شهرن کان گذري ڪري
ٿسلونيڪين جي شهر ۾ آيا شهر ۾ هڪ يهودي
هيڪل ۾ هيو. ٢ پولس اندر يهودي هيڪل ۾
يهودين کي ڏسڻ جي لاءِ ويو جيئن ته ان هميشه
ڪيو. هر سبت جي ڏينهن ٽن ڏينهن ٽن هفتن
تائين صحيفن جي باري ۾ يهودين سان بحث
ڪئي. ٣ پولس انجيل جي باري ۾ يهودين کي
سمجهايو ۽ دليل پيش ڪئي ڪئي ته مسيح کي
ڏک ڪٽي ڪري مئلن مان پيهر جيارڻ ضرور
هيو. پولس چيو، ”انهيءَ يسوع جي خبر مان
توهان کي ڏيندو آهيان اهوئي مسيح آهي.“ ٤
انهن مان ڪجهه يهودين تسليم ڪيو ۽ پولس ۽
سيلاس طئه ڪيو ته انهن سان گڏ ملي وڃن اتي
ڪجهه يوناني ماڻهون به هيا. جيڪي سچي خدا
جي عبادت ڪندا هيا ۽ گهڻيون شريف زالون به
هيون. جيڪي انهن سان گڏ شريڪ ٿي ويون.
٥ پر اهي يهودي جن ايمان نه آندو هيو اهي
ساڙ ڪرڻ لڳا ڪجهه ڏاڙيلن کي ڪرائي تي
وٺي آيا جن شهر ۾ ماڻهن کي جمع ڪري فساد
مچايو مجمع ياسون جي گهر وڃي ڪري پولس
۽ برنباس کي تلاش ڪيو اهو پولس ۽ سيلاس
کي تلاش ڪيو اهو پولس ۽ سيلاس کي وٺي
اچي ڪري ماڻهن جي سامهون پيش ڪرڻ
چاهيندا هيا. ٦ پر اهي ماڻهون پولس ۽ سيلاس
کي نه پائي سگهيا تڏهن انهن ياسون ۽ ٻئي ڪئي
ايمان وارن کي شهر جي حاڪمن جي سامهون
گسيٽي وٺي آيا ۽ چيو، ”انهن ماڻهن هر جاءِ تي
دنيا ۾ فساد پيدا ڪيو آهي. هاڻي اهي ماڻهون هتي
به اچي ويا. ٧ يامون انهن ماڻهن کي پنهنجي گهر
۾ رکيو آهي. ۽ اهو قيصريه جي شريعت جي
خلافورزي ڪري رهيا آهن ۽ اهو بادشاهه هجڻ
جي دعويٰ ڪري ٿو جنهن جو نالو يسوع آهي.“
٨ شهر جي حاڪمن ۽ بين ماڻهن ٻڌو ۽ اهي
گهڻو گهبرائجي ويا. ٩ انهن يامون ۽ بين ايمان
وارن جي ضمانت وٺي ڪري انهن کي ڇڏي ڏنو.

## پولس ۽ سيلاس جو بيريا ڏانهن روانو ٿيڻ

١٠ انهيءَ رات ايمان وارن پولس ۽ سيلاس
کي شهر بيريا ڏانهن روانو ڪيو. بيريا ۾ پولس
۽ سيلاس يهودين جي هيڪل ۾ ويا. ١١ يهودي
ٿسلونيڪين جي يهودين کان بهتر ماڻهون هيا
انهن يهودين پولس ۽ سيلاس کي جيڪو خدا
جو پيغام ڏنو دل جوئي سان قبول ڪيو ۽ انهن
روزانو صحيفن جي تحقيق ڪندي ۽ پڙهندي

اهي ڄاڻندا هيا ته آيا اهي سڀ ڳالهيون سچ آهن.
١٢ ڪئي يهودين ايمان آندو ۽ ڪئي اهم يوناني
مرد ۽ عورتن به ايمان آندو.
١٣ پر ٿسلونيڪين جي جڏهن يهودين اهو ٻڌو
ته پولس ڪلام خدا بيريا ۾ ماڻهن کي ٻڌائي رهيو
آهي ته اهي بيريا هليا اچي پهتا ۽ اچي ڪري
ماڻهن کي پريشان ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو.
١٤ جڏهن ته ايمان وارن پولس کي جلد ئي اتان
سمنڊ جي ڪناري روانو ڪري ڇڏيو هيو پر
سيلاس ۽ تموٿي بيريا ۾ ٺهري پيا. ١٥ ۽ ايمان
وارن جيڪو پولس سان ڪيو هيو انکي ايٿينز
شهر وٺي ويا تڏهن اهو سيلاس تيمٿيس جي لاءِ
اهو پيام پولس جي طرف کان آندو ته جيترو
جلدي ٿي مون ڏانهن اچو.

## پولس جو ايٿينز ۾ هجڻ

١٦ پولس ايٿينز ۾ سيلاس ۽ تيمٿيس جو
انتظار ڪري رهيو هيو جڏهن ان ڏٺو ته شهر
بُتن سان ڀريل آهي ته ان کي گهڻي تڪليف ٿي.
١٧ پولس يهودي هيڪل ۾ يهودين ۽ يونانين
سان ڳالهه ڪئي جيڪا سچي خدا جي عبادت
ڪندا هيا. ۽ شهر جي تجارت پيشه ڪليسيا
ڪان به ڳالهه کي اهڙي طرح هر روز پولس
اهوئي ڪندو رهيو. ١٨ ڪجهه اپيڪيورهن ۽
اسٽوئڪ فلسفيون ان سان بحث ۽ تڪرار شروع
ڪئي.
انهن مان ڪجهه چيو، ”اهو ماڻهون انهن شين
جي باري ۾ ڳالهه ڪندو آهي جيڪو پاڻ ناهي
ڄاڻيندو ته ڇا چئي رهيو آهيان پولس يسوع جي
خوشخبري جي تعلق سان اشاعت ڪندو آهي
يعني موت کان جيءُ اٿڻ جي ڳالهه چئي رهيو
هيو انهيءَ لاءِ انهن چيو ائين معلوم ٿيندو آهي ته
اسان کي ڪوئي ٻين خدائن جي باري ۾ چوندو
آهي؟“
١٩ انهن پولس کي اريوپگس جي عدالت ۾
وٺي آيا ۽ چيو، ”اسان توهان جي نئين تعليمات
جي باري ۾ ڄاڻڻ چاهيون ٿا جيڪا توهان تبليغ
ڪري رهيا آهيو. ٢٠ جيڪو ڪجهه توهان چئي
رهيا آهيو اها اسان جي لاءِ بلڪل نئين ڳالهه
آهي ۽ اسان ان ڪان پهريان ان قسم جون ڳالهيون
ناهن ٻڌيون. ۽ اسان ڄاڻڻ چاهيون ٿا ته توهان
جي تعليم جي معنيٰ ڇا آهي؟“
٢١ ايٿينز جي تمام ماڻهن ۽ ٻين جي مختلف
ملڪن سان ايٿينز ۾ رهي پيا هيا. اهي پنهنجو
وقت نين نين شين جي تعلق سان ڳالهيون صرف
ڪندا هيا.
٢٢ ان لاءِ پولس ۽ اريوپگس جي عدالت ۾
اٿي بيٺا ۽ چيو، ”ايٿينز جا ماڻهون! منهنجو
مشاهدوآهي توهان ماڻهون هر شيءِ ۾ گهڻا
مذهبي آهيو. ٢٣ آئون توهان جي شهر هرگز
رهيو هيس تڏهن آئون سڀ ڪجهه ڏٺو جن
توهان عبادت ڪندا آهيو مان هڪ قربانگاهه
کي ڏٺو جنهن تي اهي الفاظ لکيل هئا. ”ان خدا
جي لاءِ جيڪو نامعلوم آهي“ توهان ان خدا جي
عبادت ڪندا آهيو جيڪو توهان جي لاءِ نامعلوم
آهي مان ان خدا جي متعلق ڇوان ٿو ته،
٢٤ اهو خدا سڄي دنيا جي تخليق جي ۽ ان
هر شيءِ کي پيدا ڪيو اهوئي آسمان ۽ زمين
جو خداوند آهي. اهو ماڻهون جي ٺهيل هيڪل ۾
ناهي رهندو. ٢٥ هي اوهوئي خدا آهي جيڪي
انسان جي زندگي ساهه ۽ هر شيءِ ڏيندو آهي.
اهو ماڻهون کان ڪنهن قسم جي مدد جو طلبگار
ناهي هوندو. ان وٽ هر شيءِ موجود آهي جنهن
جي ان کي ضرورت آهي. ٢٦ خدا هڪ ماڻهون
جي تخليق ڪئي ۽ ان کي ماڻهن جي مخلتف
قومن کي ٺاهيو ۽ دنيا ۾ هر جاءِ رکيو. خدا طئه
ڪيو آهي ته ڪهڙي مهل ۽ ڪٿي ان کي رهڻو
پوندو.
٢٧ خدا ماڻهون کان چاهي ٿو ته ان کي ڳولهين
ان کي هر جاءِ تلاش ڪن اهو اسان مان ڪٿي
گهڻو پري نه آهي. ٢٨ اسان ان سان گڏ رهندا
آهيون. اسان ان سان گڏ هلندا آهيون. اسان ان گڏ
آهيون. جيئن ته توهان جي ڪجهه شاعرن چيو
آهي: ته اسان ان جا ٻار آهيون.
٢٩ ”اسان خداوند جا ٻار آهيون انهيءَ لاءِ
توهانکي اهو نه سمجهڻ گهرجي ته خدا اهڙو
آهي جيئن ته اسان تصور ڪندا آهيون ۽ ٺاهيندا
آهيون اهو ڪنهن سون چاندي يا پهڻ جي مطابق
ٺاهيو ناهي ويو. ٣٠ پراڻي زمين ۾ ماڻهن خدا
کي ناهي سڃاتو پر خدا ان وساري ڪري گذر
ڪري ڇڏيو پر خدا هاڻي هر ماڻهون سان اها
گُهر ڪري ٿو ته اهو پنهنجي دل ۽ زندگي
کي بدلائين. ٣١ خدا طئه ڪري ڇڏيو آهي ته
هڪ ڏينهن جنهن ۾ اهو تمام دنيا جي ماڻهن

جو انصاف ڪندو اهو هڪ ماڻهون کي ائين
ڪرڻ جي لاءِ استعمال ڪندو جنهن ان کي گهڻو
پهريان چونڊي رکيو آهي ۽ اهو ثابت ڪرڻ جي
لاءِ ته ان اُن ماڻهون کي موت کان پيهر اٿاريو
آهي.“
٣٢ جڏهن انهن مڙدي کي ساڙڻ جي باري ۾ ٻڌو
ته ڪجهه ماڻهن کلي ۽ ڪجهه چيو، ”اسان انهن
شين جي باري ۾ ٻئي وقت ۾ ڳالهيون ڪنداسين.“
٣٣ پولس انهن ماڻهن مان هليو ويو. ٣٤ پر ان
مان ڪجهه ماڻهون پولس سان گڏ ۽ اهل ايمان
ٿيا انهن مان هڪ يونيسي ليس هيو جيڪو
ايريوپگاس جو هڪ حاڪم هيو. ۽ ٻئي ايمان
واري هڪ عورت جنهن جو نالو مرس هيو ان
کان علاوه ۽ پين به ايمان آندو.

## پولس جو ڪرنتهه ۾ هجڻ

١٨ ١ ان کان بعد ۾ پولس ايٿهنز کي
چڏي ڪري ڪورنتهه شهر آيو. ٢
ڪورنتهه ۾ پولس عقيله نالي يهودي سان مليو.
عقيله پنطس نالي جڳهه ۾ پيدا ٿيو هيو عقيله ۽
ان جي زال پرسڪله اطاليه (اٽلي) کان حال ۾
ئي رهندي هئي ۽ ڪرنٿين ۾ رهي پيا هيا. انهن
اطاليه انهيءَ لاءِ چڏيو هيو ته ڪلاڊيس' تمام
يهودين کي حڪم ڏنو هيو ته اهي روم کي چڏي
وڃن. پولس اڪوليه ۽ پرسڪله سان ملڻ ويو.
٣ اهو تنبو ٺاهڻ وارو هيو ۽ پولس جو به اهوئي
پيشو هيو. پولس انهن رهي ڪري انهن سان ڪم
به ڪيو. ٤ هر سبت جي ڏينهن پولس يهودي
هيڪل ۾ يهودين ۽ يونانين سان ڳالهه ڪندو هيو
۽ انهن کي يسوع کي ئي راغب ڏياريندو هيو.
٥ سيلاس ۽ تموٿي کي مقدونيه کان ڪورنتهه
پولس ڏانهن آيا. تڏهن پولس پنهنجو سڄو وقت
ماڻهن کي خوشخبري ٻڌائڻ ۾ وقف ڪيو ان
يهودين کي ٻڌايو ته يسوع ئي مسيح آهي. ٦ پر
يهودين پولس جي تعليمات کي قبول نه ڪيو
۽ ان کي خراب چيو. انهيءَ لاءِ پولس پنهنجي
ڪپڙن کي انهن طرف چنڊي ڪري يهودين کي
چيو، ”جيڪڏهن توهان کي نجات نه ملي ته اها
توهان جي پنهنجي غلطي هوندي. مان اهو سڀ
ڪجهه ڪري چڪو آهيان جيڪو مان ڪري
سگهان ٿو. هاڻي اتي کان ئي مان غيريهودين
ڏانهن ويندس.“
٧ پولس اٿيو يهودي هيڪل کان ڪنهن طيطس
يُوستس جي مڪان ۾ ويو هي ماڻهون سچي
خدا جي عبادت گذار هيو ان جو گهر يهودي
عبادتخاني سان مليل هيو. ٨ ڪرسپس يهودي
هيڪل جو سرادر هيو. ڪرسپس ۽ ان جي گهر
۾ رهڻ وارا تمام ماڻهن خداوند تي ايمان آندو.
نيزڪورنٿهه جا رهڻ وارا پيا ڪئي ماڻهون
پولس جي ڳالهين کي ٻڌو ۽ ايمان آندو ۽ بپتمسه
ورتي.
٩ رات جو پولس رويا ۾ ڏٺو ته خداوند ان کي
ڪجهه چيو، ”نه ڊڄيو تبليغ کي جاري رکو ۽
رڪيو نه. ١٠ آئون توهان سان گڏ آهيان ڪوئي
به توهان تي حملو ڪري نقصان نه پهچائي
سگهندو چالاءِ جو ته منهنجا گهڻا ئي ماڻهون ان
شهر ۾ آهن.“ ١١ پولس پولس اتي ڏيڍ سال رهيو
۽ ماڻهن کي خدا جي تعليمات سگهائيندو رهيو.

## پولس جي گلّين جي سامهون پيشي

١٢ گلّيو ملڪ اخيه جي صوبو ٻڌيو هيو
تڏهن ڪجهه يهودين پولس جي خلاف مخالف
ٿي ڪري آيا ۽ ان کي عدالت جي ۾ آندو. ١٣
يهودين گلّيو کان چيو، ”هي شخص ماڻهن کي
خدا جي عبادت ڪرڻ جي لاءِ ان تعليمات کي
سيکاري رهيو هيو جيڪا اسان جي يهودي
قانون جي خلاف آهي.“
١٤ پولس چوڻ جي لاءِ تيار ٿيو پر گلّيو
يهودين کي چيو، ”اي يهوديو!“ مان يقينن توهان
جي ضرور ٻڌان ها جيڪڏهن توهان خراب ڪم
يا خطرناڪ جرم جي باري ۾ شڪايت ڪريو
ها. ١٥ پر توهان جي بحث ڪري رهيو آهيو
الفاظ نامن ۽ توهان جي يهودي قانون جي متعلق
آهي. انهيءَ لاءِ ان مسئلي کي جيڪو توهان جو
آهي توهان کي پنهنجي طريقي سان حل ڪرڻو
پوندو مان ان قسم جي موضوعات جو منصف
ٿيڻ نه ٿو چاهيان.“ ١٦ ۽ گلّيو انهن کي عدالت ۾
وڃڻ جي لاءِ چيو.
١٧ تڏهن انهن سڀن ماڻهن هيڪل جي سردار
سوستهينس کي پڪڙايو ۽ ان کي عدالت جي
سامهون ماريو پر گلّيو انهن تمام ڳالهين جي
پرواهه نه ڪئي.

' ١٨: ٢ ڪلاڊيس روم جو بادشاهه ٤١-٥٤ عيسوي

## پولس جو انتاڪيه جي طرف واپسي

١٨ پولس پائرن سان گڏ ڪئي ڏينهن گذاريا
تڏهن نڪري ڪري جهاز جي ذريعي شام ملڪ
ويو. پرسڪله ۽ ڪوله به ان سان گڏ هيا. هڪ
جيڪا ڪنخريه سڏرائيندي آهي. پولس پنهنجا
وار ڪٽايا ان جو مطلب اهو هيو ته ان خدا
سان عهد ڪيو هيو. ١٩ تڏهن اهي افس شهر ويا
جتان پولس پرسڪله ۽ اڪوله کي ڇڏيو هيو.
جڏهن پولس افس ۾ هيو ته اهو يهودي هيڪل
۾ ويو ۽ يهودين سان ڳالهه ڪئي. ٢٠ يهودين
پولس کي وڌيڪ ڪجهه ڏينهن ٺهرڻ جي لاءِ
چيو پر ان انهن جي نه مڃي. ٢١ پولس انهن
کي چيو، ”جيڏهن خدا چاهيو ته مان ٻيهر توهان
ڏانهن ايندس.“ تڏهن اُفس کا نڪتا ۽ جهاز تي
روانه ٿيا.
٢٢ پولس قيصريه شهر ڏانهن ويو ۽ يروشلم ۾
اهي ڪليسيا جي ايمان واري گروهه کي سلام
ڪري انتاڪيه آيا. ٢٣ پولس ڪجهه عرصي
انتاڪيه کان گلتيه ۽ فروُگيه جي ذريعي ٻئي
شهرن ۽ قصبن ڏانهن ويا ۽ اتي شاگردن کي
مضبوط ڪندا ويا.

## اپلّوس، اُفيس ۽ اخيه جو (ڪرنٿين) ۾ هجڻ

٢٤ اپلّوس جيڪو يهودي هيو افيس ڏانهن آيا
اپلوس سڪندريه ۾ پيدا ٿيو اهو هڪ تعليم يافته
ماڻهون هيو. ان کي صحيفن جي متعلق گهڻي
تعليمات هئي.
٢٥ اپلوس خداوند جي طريقي جي متعلق
پڑهندو هيو ۽ جڏهن به يسوع جي متعلق ماڻهن
کي چوندو هيو ته جوش ۾ اچي ويندو هيو اهو
يسوع جي متعلق صحيح صحيح تعليم ڏيندو
جيڪو ان کي يسوع کان حاصل ڪئي هئي. پر
اهو يوحنا کي بپتمسه جي متعلق کان به واقف
هيو. ٢٦ اپلّس يهودي هيڪل ۾ بلاخوف چوڻ
شروع ڪيو پرسڪلّه ۽ ڪوله ان کي تعليم
ڏيندي ٻڌيو ته اهو پنهنجي گهر وٺي ويو ۽ ان
خدا جي رستي کي گهڻو صحيح طريقي سان
ٻڌايو.
٢٧ اپلوس شهر اخيه جي صوبي وڃڻ چاهي
پيو انهيءَ لاءِ افيس جي پائرن ان جي مدد ڪئي
انهن اخيه ۾ يسوع جي شاگردن کي هڪ خط
لکيو ته اهي اپلوس جو استقبال ڪن. اخيه جي
شاگرد خدا جي فضل سان ايمان آندو هيو جڏهن
اپلّوس اتي پهتو ته انهن ان جي وڏي مدد ڪئي.
٢٨ سڀن ماڻهن جي سامهون ان يهودين سان
زوردار بحث ڪئي ۽ يهودين جي مقابلي ۾ ڪٽي
ويو. ان صحيفن جي شهادت سان ثابت ڪيو ته
يسوع ئي مسيح آهي.

## پولس افيُس

١٩ ١ جڏهن اپلوس ڪرنٿين شهر ۾ هيو
ڪئي جاين تي ويو جيڪو شهر
افيس جي رستي ۾ هيو. افيس ۾ پولس پنهنجا
ڪجهه وڌيڪ شاگردن کي. ٢ جواب ڏنو، ”اسان
ڪڏهن به ڪنهن وقت روح القدس جي متعلق
ناهي ٻڌو.“
٣ پولس انهن کان پڇيو، ”توهان ڪهڙي قسم
جي بپتمسه ورتي؟“ انهن جواب ڏنو، بپتسمه
اهوئي هئي جيئن ته يوحنا سيکاريو.
٤ پولس چيو، ”يوحنا ماڻهن کي چيو ته بپتسمه
وٺي ڪري پنهنجي زندگين کي تبديل ڪريو.
۽ ان انهن کي چيو ته ان تي ايمان آڻن جيڪو
ان کان بعد اچڻ وارو آهي ۽ اهو ماڻهون يسوع
آهي.“
٥ جڏهن انهن شاگردن اهو ٻڌو ته انهن خداوند
يسوع جي نالي تي بپتمسه ورتي. ٦ تڏهن پولس
پنهنجا هٿ انهن تي رکيا ۽ اها روح القدس ان
تي نازل ٿئي ۽ اهي مختلف زبانون ڳالهائڻ ۽
نبوت ڪرڻ لڳا. ٧ ان وقت گروهه ۾ ٻارهن
ماڻهون هيا.
٨ پولس يهودين جي هيڪل ۾ ويو ۽ بغير
ڪنهن خوف تقرير ڪئي ان تقريبن ٽن مهينن
تائين ائين ئي ڪيو ان يهودين سان ڳالهه ڪئي
۽ انهن کي خدا جي بادشاهت جي طرف رغبت
ڏياري. ٩ پر ڪجهه يهودي جيڪي مخالف ٿي
ويا انهن ايمان آڻڻ کان انڪار ڪيو ۽ انهن
ماڻهن جي سامهون خدا جي راهن کي برو پلو
چيو ۽ پولس انهن يهودين کان الگ ٿي ويو ۽
يسوع جي شاگردن کي الگ ڪري ڇڏيو. پولس
هر روز اسڪول ۾ بحث ڪندو هيو اسڪول
کي ترنس قائم ڪيو هيو. ١٠ پولس ٻن سالن
تائين اهوئي ڪندو رهيو. جنهن جي نتيجي ۾
تمام يهودي ۽ يوناني جيڪي ايشياء جي ملڪ ۾
رهندا هيا خداوند جو ڪلام ٻڌن.

## سڪوا جا پُٽ

١١ خدا پولس جي ذريعي ڪجهه خاص
معجزه ڏيکاريا. ١٢ ڪجهه ماڻهون رومال ۽
ڪپڙا جيڪي پولس تي استعمال ڪيا هيا ڪٺي
ڪري بيمار ماڻهن تي وجهي ۽ اهي بيماريءَ
مان ٺيڪ ٿي وڃن پيا ۽ خراب روح انهن مان
نڪري ويندا هيا.
١٣-١٤ ڪجهه يهودي جيڪي جهاڙ ڦوڪ
ڪندا هيا ته ڀوت نڪري وڃن ۽ ان جا ست پار
به اهو ڪم ڪندا هيا سڪوا هڪ وڏو پادري
هيو اهو ماڻهون ”يسوع جي نالو وٺي ڪري
ڀوتن کي ڪڍي ڪري منادي ڪندو “ ۽ چوندو
ته مان توهان کي ان خداوند جي نالي جنهن جي
منادي پولس ڪندو آهي حڪم ڏيان ٿو ته ٻاهر
نڪري اچو.“
١٥ پر هڪ دفعي هڪ ڀوت انهن يهودين کي
چيو، ”مان يسوع کي ڄاڻيندو آهيان ۽ پولس کي
به ڄاڻيندو آهيان پر اهو ٻڌايو ته توهان ڪير
آهيو؟“
١٦ تڏهن اهو ماڻهون جنهن ۾ ڀوت هيو ٽپو
ڏيئي ڪري انهن تي ڪري اهو انهن تمام ماڻهن
کان گهڻو طاقتور هيو. ان اُنهن گهڻن کي مارڻ
شروع ڪيو ۽ ڪپڙا ڦاڙي ڇڏيا ۽ اهي يهودي
اگهاڙا ۽ زخمي ٿي ڪري ڀڄي ويا.
١٧ تمام ماڻهون يهودي ۽ يوناني جيڪي افيس
۾ رهندا هئا سڀن کي اها ڳالهه خبر پئي جنهن
جي وجهه سان سڀن ۾ خدا جو خوف اچي ويو
۽ سڀ ماڻهون خداوند يسوع جي نالي جي حمد
ڪرڻ لڳا. ١٨ گهڻا ئي اهل ايمان اچڻ شروع
ڪيو ۽ برائي جو ڪم ڪري چڪا هيا ان جو
اقرار ڪرڻ لڳا. ١٩ گهڻا ايمان وارا جيڪي
جادو ڪندا هئا انهن جادن جي ڪتابن کي جمع
ڪيو ۽ سڀ جي سامهون ساڙي ڇڏيائون انهن
ڪتابن جي قيمت ٥٠،٠٠٠ چاندي جي سڪا
هئي. ٢٠ اهڙي طرح خداوند جو پيغام تيزي سان
ڦهلجي رهيو هيو ۽ گهڻن کان گهڻن ماڻهن ايمان
آڻڻ وارا ٿي ويا.

## پولس جي سفر جو منصوبو

٢١ ان واقعن کان بعد پولس مگدنيه ۽ اخيه
کان گذرندي يروشلم وڃڻ جو منصوبو ٻڌايو.
ان چيو، ”يروشلم وڃڻ کان بعد مون کي روم
به وڃڻ گهرجي.“ ٢٢ پولس تيمثيس ۽ اراستس
جيڪي ٻه ڏينهن ان جو مدد ٿيو مگدنيه موڪليو
۽ اهو ايشاء ۾ ڪجهه ڏينهن رهيو.

## افيس ۾ مصيبتون نازل ٿيڻ

٢٣ ان دوران ان افيس ۾ ڪجهه يسوع جي
راهه جي باري ۾ گهڻو فساد ٿيو. ٢٤ ارتمس نالي
هڪ چاندي ٺاهڻ وارو هيو جيڪو چانديءَ ۾
ارتمس ديوي جي هيڪل سان مشابه نمونو ٺاهيو
ڪاريگرن ان تجارت جي ذريعي ڪافي رقم
حاصل ڪئي.
٢٥ ديميريس انهن ڪاريگرن ۽ ٻين کي به
جيڪي اهِڙي قسم جي تجارت ڪري رهيا
هئا جمع ڪيا ۽ چيو، ”ماڻهون! توهان ڄاڻو ٿا
ته اسان ان ڪم جي ڪافي رقم ڪمائي رهيا
آهيون. ٢٦ پر ڏسو جيئن ته توهان ڏسو ٿا ۽ ٻڌيو
آهي هي ماڻهون پولس گهڻي ماڻهن جي سوچ
فڪر کي راغب ڪري اهو چوندي تبديل ڪري
ڇڏيو اهي ته جن خدائن کي ماڻهون ٺاهئي اها
حقيقت ۾ خدا ناهي اهڙي طرح جون ڳالهيون
اهي سڄي افيس ۾ ئي ناهي بلڪه سڄي ايشياء
جي صوبي ۾ ڪري رهيو آهي. ٢٧ پولس جو
اهو ڪم شايد اسان جي ڪم جي لاءِ نقصان ڏنو
آهي. هڪ ٻيو مسئلو اهو آهي ته ماڻهون اهو
سوچڻ شروع ڪرن ته عظيم ديوي ۽ تمس جو
مندر غير اهم آهي اهڙي طرح ديوي جو وقار
ختم ٿي وڃي ارتمس اها ديوي آهي جنهن نه
صرف ايشاء ۾ بلڪ سڄي دنيا ۾ ان جي عبادت
ڪئي ويندي آهي.“
٢٨ جڏهن ماڻهن اهو ٻڌو ته غصو سان پرجي
ويا ۽ رڙيون ڪرڻ لڳا ”ارتمس شهر افيس جي
ديوي آهي ۽ اها وڏي آهي!“ ٢٩ گوٺ کان تمام
بيچين ٿي ويا ماڻهن گيتس ارسترخس کي پڪڙي
ورتو ۽ اهي ٻئي مگدينه جا هيا ۽ پولس سان گڏ
سفر ڪري رهيا هيا. ۽ تمام ماڻهون تماشي گاهه
جي طرف ڊوڙيندا ويا. ٣٠ پولس تماشيگاهه ۾
اندر وڃي ڪري انهن ماڻهن سان ڳالهه ڪرڻ
چاهي پيو. پر شاگردن ان کي اندر نه وڃڻ
ڏنو. ٣١ ان کان علاوه ڪجهه رهنما ان ملڪ
۾ پولس جا دوست هيا. انهن اندر وڃي ڪري
پولس کي جي نالي هڪ پيغام موڪليو جنهن ۾
چيو ته اهي تماشيگاهه اندر نه وڃن.

٣٢ ڪجهه ماڻهون واڪو ڪري رهيا هئا
ڪجهه ماڻهون وڌيڪ ئي واڪو ڪري رهيا
هئا. مجلس درم پرم ٿي ويئي ڇو ته ماڻهون
اهو نه ڄاڻي پايا ته اهي ڇو اتي بيٺا هئا. ٣٣
يهودين ڪي اسڪندر نالي جي شخص کي وٺي آيا
ماڻهن جي سامهون بيهاري ڪري ميڙاڪي مان
ڪجهه ماڻهن ان کي حالات سمجهائي ان پنهنجي
هٿ سان اشارو ڪري ماڻهون جي توجه پنهنجي
طرف ڪرڻ چاهي. ٣٤ پر ماڻهون کي خبر پئي
ته اسڪندر يهودي آهي ته ماڻهون هڪ آواز ٿي
ڪري هڪ ڪلاڪ تائين واڪا ڪندا رهيا
”افيس جي ارتمس عظيم آهي، افيس جي ارتمس
عظيم آهي.“
٣٥ ۽ شهر جا محرر شهر جي ماڻهن کي
خاموش ڪرڻ چاهيو انهيءَ لاءِ اُن چيو، ”افيس
جا ماڻهون توهان سڀ ڄاڻون ٿا ته افيس هڪ
اهڙو شهر آهي جنهن ۾ ارتمس وڏي ديوي جو
مندر ۽ مقدس پهاڙ ان جي حفاظت ۾ آهي. ٣٦
ڪوئي به شخص اهو نه ٿو ڄاڻي سگهي ته اهو
سچ نه آهي انهيءَ لاءِ توهان ماڻهون خاموش ٿي
وڃو ۽ ڪجهه نه ڪريو ۽ ڪجهه ڪرڻ کان
پهريان سوچيو.
٣٧ توهان انهن ماڻهن وٺي آيا آهيو پر انهن
ته توهان جي ديوي جي خلاف ڪائي برائي
ڪئي ۽ نه ئي ڪوئي شيءِ ان جي مندر کان
چرائي آهي. ٣٨ اسان وٽ شريعت جي عدالت
آهي منصف به آهي جيڪڏهن ديميتريس ۽
ان جي ڪنهن ماڻهون ان جي خلاف ڪوئي
الزام لڳايو آهي. ته انهن کي عدالت جي طرف
رجوع ٿيڻ گهرجي جنهن کي دلچسپي آهي اتان
وڃي سگهي ٿو ۽ پنهنجو مقدمي ۾ بحث ڪري
سگهي ٿو ۽ جواب ۾ دعويٰ پيش ڪري سگهي
ٿو.
٣٩ جيڪڏهن وڌيڪ ڪائي ڳالهه آهي ته
جنهن جي متعلق توهان گفتگو ڪرڻ چاهيو ٿا
ته شهر جي اجلاس ۾ اچو اتي ئي ان جو فيصلو
ٿيندو. ٤٠ اسان خطري ۾ آهيون اڄ جي گوڙ جي
وجهه سان اسان پنهنجي وضاحت پنهنجي بچاءَ
۾ پيش ڪرڻ کان قاصر آهيون جنهن جي ڪائي
وجهه ئي نه آهي.“ ٤١ ان کان بعد محرر شهرين
ماڻهن کي پنهنجي پنهنجي گهر وڃڻ جي تاڪيد
ڪئي ۽ سڀ ماڻهون هليا ويا.

## پولس جو مگدينه ۽ يونان ڏانهن روانو ٿيڻ

٢٠ ١ جڏهن هلچل رڪجي ويئي ته
پولس يسوع جي شاگردن کي
دعوت ڪئي انهن جي همت وڌائي ڪري اتان
کان پنهنجو سفر مقرر ڪري مگدينه جي لاءِ
روانو ٿيو. ٢ پنهنجي مگدينه جي رستي ۾ ان
مختلف جاين تي يسوع جي شاگردن کي گهڻون
نصيحتون ڪيو ته جيئڻ اهي ثابت قدم رهن. ۽
وري يونان روانو ٿيو. ٣ اهو اتي ٽن مهينن تائين
رهيو وري سوريه وڃڻ جي لاءِ تيار ٿي ويو. پر
يهودي ان جي خلاف منصوبو ٺاهي رهيا هيا.
انهيءَ لاءِ پولس مگدينه کان گذرندي سوريه
وڃڻ جو فيصلو ڪيو. ٤ ڪجهه ماڻهون جيڪي
ان سان گڏ هيا اهو ٽيترس جو پُٽ سوپترس
جيڪو بيريه جو هيو. استرخس ۽ سڪندس
ٿسلونيڪن جا هئا ۽ گيس جو دربي جو هيو ۽
تيمٿيس ۽ ايشاء تائين ان سان گڏ رهيا هيا.
٥ اهي ماڻهون پهريان شهر تراوس ويا ۽ اسان جو
انتظار ڪيو. ٦ اسان جهاز جي ذريعي فليپي کان
بغير خمري جي ماني جي عيد کان بعد روانه ٿيا
۽ انهن ماڻهن سان تراوس ۾ پنج ڏينهن کان بعد ۾
مليا. ۽ ستن ڏينهن تائين اتي رهيا.

## تراوس جي لاءِ پولس جو آخري سفر ڪرڻ

٧ هفتي جي پهرين ڏينهن اسان سڀ اتي جمع
ٿياسين ته جيئن خداوند جي ماني کائون پولس
ميڙاڪي کي چيو ته ٻئي ڏينهن هتان نڪرڻ جو
منصوبو ٺاهيو آهي ۽ اهي اڌ رات تائين ڳالهيون
ڪندا رهيا. ٨ اسان سڀ بالاخاني جي ڪمري ۾
جمع هياسين ۽ اتي ڪئي ڏيئن جي روشني هئي.
٩ اتي هڪ نوجوان ماڻهون يُوتخس نالي دري
۾ ويٺو هيو. پولس جون ڳالهيون ڊگهي ڪري
آخرڪار اهو ننڊ جي زور سان دري کان ٻاهر
ڪريو اهو ٽين منزل کان هيٺ وڃي ڪريو ۽
ماڻهن هيٺ وڃي ڪري ان کي اٿارڻ چاهيو ته
ڏٺائون اهو مري ويو هيو.
١٠ پولس هيٺ ويو جتي يُوتخس پيو هيو ۽ ان
تي جهڪي ڪري انکي گلي لڳايو پولس ايمان
وارن کي چيو، ”جيڪي هتي جمع آهيو پريشان
نه ٿيو هي زنده آهي.“ ١١ پولس ٻيهر مٿي آيو ۽
ماني جا ٽڪرا ڪري کاڌا ۽ انهن سان دير تائين
ڳالهيون ڪيون جڏهن ان پنهنجون ڳالهيون ختم

ڪيون ته صبح ٿي ويئي هئي تڏهن پولس روانو
ٿيو. ۱۲ ماڻهون يُوتخس کي گهر وٺي آيا ڏٺو ته
اهو زنده آهي ۽ ماڻهن کي وڏي تسلي ٿي.

## ترآوس کان ميليتس تائين سفر ڪرڻ

۱۳ اسان بذريعه جهاز جي شهر اُسس وياسين
ته پهريان وڃي ڪري پولس کي وٺون ان اسان
کي اُسس ۾ ملڻ جو منصوبو ٺاهيو هيو ۽ جهاز
کي ٺهرائي ڪري اُسس تائين پيادل وڃڻ جو
منصوبو ٻڌايو هيو. ۱۴ پولس اسان سان اُسس ۾
مليو ۽ اسان سڀ جهاز سان شهر متليني وياسين.
۱۵ ٻئي ڏينهن متليني کان جهاز تي روانه ٿياسين
۽ جزيري خُيس جي ويجهو هڪ جاءِ تي
پهتاسين ۽ ٽئين ڏينهن جهاز سان سامُس پهتاسين
۽ اڳين ڏينهن شهر ميليتس پهتاسين. ۱۶ پولس
اهو طئه ڪيو ته افيس ۾ نه ٺهريون ڇالاءِ جو ته
اهي گهٽا ڏينهن ايشاء ۾ نه گذارن چاهن پيا، اهي
جلدي ۾ هيا ڇالاءِ جو ته پينتيڪوست جي ڏينهن
اهي يروشلم ۾ رهڻ چاهن پيا.

## افيس جي بزرگن سان پولس جي گفتگو

۱۷ ميليتس ۾ پولس افيس جو پيغام موڪليو ۽
ان ڪليسيا جي بزرگن کي ملڻ لاءِ گهرايو.
۱۸ جڏهن بزرگ اتي آيا ته پولس چيو،
”توهان ڄاڻون ٿا مان ڪهڙي طرح پنهنجو
سڄو وقت گذاريو. مان توهان سان گڏ ايشياء
اچڻ کان پهرين ڏينهن سان توهان سان هيم. ۱۹
يهودين منهنجي خلاف ٺاهيل منصوبن کي مون
کي ڪئي ڏک ڪٽڻا پيا ۽ اڪثر مان روئي پيس
جيئن ته توهان ڄاڻون ٿا ته مان هميشه خداوند
جي خدمت ڪئي مان ڪڏهن به پنهنجي باري
۾ ڪڏهن نه سوچيو ۲۰ مان هميشه توهان
جي بهتريءَ لاءِ ئي سوچيو مان توهان کي
خوشخبري يسوع جي متعلق عام ماڻهون ۾ ڏني ۽
توهان کي گهر ۾ سيکاريو. ۲۱ مان يهودين کي
چيو ۽ يونانين کي به چيو ته اهي پنهنجي دلين
کي بدلائين ۽ خدا جي طرف رجوع ٿي وڃن. ۽
خداوند يسوع تي ايمان آڻڻ.
۲۲ پر هاڻي مان يروشلم وڃي رهيو آهيان
روح القدس جي مجبوري سان مان نه ٿو ڄاڻان
ته اتي مون سان ڇا ٿيندو. ۲۳ پر هڪ ڳالهه
ڄاڻيان ٿو ته روح القدس خبردار ڪندو آهي
هر شهر ۾ مون کي مصيبتن ۾ گهرڻو آهي ۽
قيد حاصل ڪرڻ آهي. ۲۴ مان ڪڏهن پنهنجي
زندگي جي پرواهه ناهي ڪئي منهنجي لاءِ اهم
ڳالهه اها آهي ته پنهنجو ڪم پورو ڪريان
جنهن کي خداوند يسوع مسيح ڪم مون کي ڏنو
آهي. خدا جي فضل جي خوشخبري جي تعليم.
۲۵ ”۽ هاڻي ٻڌو! مان ڄاڻان ٿو ته توهان مان
ڪوئي به مون کي آئيندا نه ڏسي سگهندا. جڏهن
مان توهان سان گڏ هيس ته مان توهان کي خدا
جي بادشاهت جي باري ۾ خوشخبري ڏني هئي.
۲۶ ۽ اڄ مان توهان سان هڪ ڳالهه چوندس ان
يقين سان ته توهان مان جيڪڏهن ڪنهن جي
نجات نه ٿي ته خدا مون کي ذميدار نه ٺهرائيندو.
۲۷ مان اهو چئي سگهان ٿو ته مان توهان کي
هر شيءِ کان آگاهه ڪري ڇڏيو آهي جنهن کي
خدا توهان تائين پهچائڻ چاهيو. ۲۸ خبردار رهو
پنهنجو پاڻ جي لاءِ ۽ انهن تمام ماڻهن جي لاءِ
جيڪي خداوند توهان کي ڏني آهي. روح القدس
توهان کي اها ذميداري ڏني آهي ته توهان خدا
جي ماڻهن جي ڏيٺ وائٺ ڪريو. توهان خدا
جي ڪليسيا جا ڌنارن وانگر آهيو. اها ڪليسيا
خدا پنهنجي خاص رت سان ٺاهي آهي. ۲۹ مان
ڄاڻان ٿو ته منهنجي وڃڻ کان پوءِ توهان جي
ميڙاڪي ۾ ڪجهه ماڻهون داخل ٿيندا جيڪي
جنگلي رڍن وانگر هوندا اهي ماڻهون توهان
ڌڻ کي تباهه ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا. ۳۰
۽ توهان جي ميڙاڪي ۾ ڪجهه بري قسم جا
رهنما ٿيندا. اهي ماڻهون برائي جي تعليم شروع
ڪندا ۽ اهي ماڻهون يسوع کي مڃڻ وارن جي
سچائي کي پري ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا ته
جيئن اهي انهن سان گڏ ٿي سگهن. ۳۱ انهيءَ
لاءِ توهان هوشيار رهو اها ڳالهه هميشه پنهنجي
ذهن ۾ رکو ته مان توهان سان گڏ ٽن سالن تائين
هيس، مان هميشه برائي جي خلاف انتباه ڪئي
آهي ۽ توهان کي ڏينهن رات سيکاريندو رهيم ۽
اڪثر توهان جي لاءِ روئيا به آهيان.
۳۲ ”هاڻي مان توهان کي خدا جي نگراني جي
حوالي ڪريان ٿو ۽ خدا جي فضل جو پيغام
توهان کي خدا جي رحمت ڏيندي ۽ اهو پيغام خدا
کي پنهنجي پاڪ ماڻهن کي ميراث ڏيندو آهي .
۳۳ جڏهن مان توهان سان گڏ هيم مان توهان جي
ڪڏهن دولت ۽ قيمتي پوشاڪ نه چاهي. ۳۴

توهان ڄاڻيون ٿا ته مان هميشه پنهنجي ضرورت
جي لاءِ ڪم ڪيو ۽ انهن جي ضرورتن جي
لاءِ جيڪي مون سان گڏ هيا. ٣٥ مان توهان کي
ڄئي چڪو آهيان ته توهان اهڙي طرح سخت
ڪم ڪرڻ چاهيو جهڙي طرح مان ڪيو آهي
۽ ڪمزور ماڻهن جي مدد ڪرڻ جي قابل بڻايو.
مان توهان کي سيڪاريو آهي ته خداوند يسوع ڇا
چيو انهن ڳالهين کي ياد ڪيو. يسوع چيو هيو
ڏيڻ ۾ گهڻي خوشي آهي بنسبت ڀين کان وٺن ۾.“
٣٦ جڏهن پولس پنهنجي تقرير ختم ڪئي ته
اهي سڀن ملي ڪري دعا ڪئي. ٣٧-٣٨ اهو
سڀن جي لاءِ رونا سڀ ماڻهون گهڻا غمگين ٿيا
ڇالاءِ جو ته پولس چيو ته ان کي وري نه ڏسي
سگهندا. انهن پولس سان ڳلي ملي ڪري ان
کي چميو ۽ ان سان گڏ جهاز تائين پهچي ويا ۽
الوداع چيو.

## پولس جو يروشلم روانو ٿيڻ

٢١
١ اسان سڀين بزرگن کي الوداع
چيو تڏهن اسان جهاز سان پنهنجو
سفر شروع ڪيو ۽ جزيره ڪوس پهتاسين.
ٻئي ڏينهن جزيره رُدُس وياسين ۽ رُدُس کان
پتره وياسين. ٢ پتره ۾ اسان ڏٺوسين ته جهاز
فينسيڪي وڃي رهيو آهي. اسان جهاز تي سوار
ٿياسين.
٣ ۽ جزيره ڪپرس جي ويجهو پهتاسين.
اسان کي ڪپرس شمالي طرف نظر آيو پر اتي
ٺهرياسين نه ۽ ٺيڪ سوريه روانه ٿي وياسين
اسان شهر صور رڪياسين ڇالاءِ جو ته جهاز
کي اتي پنهنجو سامان لاهڻو هيو. ٤ صور ۾
ڪجهه يسوع جي مڃڻ وارن سان ملياسين اسان
انهن سان ستن ڏينهن تائين رهياسين انهن پولس
کي چيو ته يروشلم نه وڃو انهيءَ لاءِ ته روح
القدس انهن کي هوشيار ڪيو هيو. ٥ جڏهن اسان
اتي ست ڏينهن مڪمل ڪياسين اسان پنهنجو
سفر جاري رکيو گهڻا يسوع جا شاگرد جن ۾
عورتون ۽ ٻار به هيا شهر کان ٻاهر آيا ته جيئن
الوداع چون اسان سڀن گوڏا کوڙي ڪري دعا
ڪئي. ٦ تڏهن اسان الوداع چيوسين جهاز تي
سوار ٿي وياسين ۽ شاگرد گهر واپس ويا.
٧ پنهنجو سفر اسان صور کان جاري رکيو
۽ شهر پتلميس وياسين. اتي پنهنجي ايمان وارن
ڀائرن سان ملياسين ۽ هڪ ڏينهن گڏ رهياسين.
٨ ٻئي ڏينهن اسين پتلميس کان شهر قيصريه
وياسين اسان فلپ جي گهر وياسين ۽ ان سان
گڏ رهياسين فلپ جو ڪم خوشخبري جي تبليغ
جو ڏينهن هيو اهي انهن ستن مددگارن مان
هڪ هيو. ٩ ان جو چار نينگريون هيون جن
جو شاديون نه ٿيون هيون ۽ اهي ڪنواريون
نينگريون نبوت جي تحفي هيون.
١٠ جڏهن اسان اتي ڪجهه ڏينهن ٺهرياسين ته
اُگبُس نالي جيڪو هڪ نبي هيو يهوداه کان آيو.
١١ اهو اسان ڏانهن آيو ۽ پولس جي چيلهه جو
رومال ٻڌهي ڇڏيو ڳبُس چيلهه واري رومال کي
ان جا هٿ پير ٻڌها ۽ چيو، ”روح القدس مون کي
اهو چيو آهي ته يهودي يروشلم مان ماڻهون کي
انهيءَ طرح ٻڌندا جنهن کي چيلهه وارو رومال
ٻڌل هوندو ۽ انهن کي غيريهودين جي تحويل ۾
ڏنو ويندو.“
١٢ جڏهن اسان اهو ٻڌو ته مقامي شاگردن ان
کي التجا ڪئي ته اهي يروشلم نه وڃن. ١٣ پر
پولس چيو، ”توهان چو روئي رهيا آهيو؟ ۽ چو
مون کي اهڙو ڏکايل ڪري رهيا آهيو؟ مان نه
صرف يروشلم ۾ ٻڌڻ جي لاءِ وڃي رهيو آهيان
بلڪه خداوند يسوع جي نالي تي مرڻ جي لاءِ
به تيار آهيان.“
١٤ اسان انهن کي يروشلم وڃڻ کان نه روڪي
سگهياسين ۽ ان کي التجا ڪرڻ ڇڏي ڪري
چوڻ لڳاسين، ”اسان جي دعا آهي ته خداوند جي
منشاء پورو ٿئي.“
١٥ اتي اسان جي رهڻ جو وقت ختم ٿيڻ کان
بعد اسان يروشلم وڃڻ جي لاءِ تيار ٿياسين. ١٦
ڪجهه يسوع جا مڃڻ وارا قيصريه کان اسان
سان گڏ آيا هيا ۽ اهي شاگرد اسان کي مناسون
جي گهر وٺي آيا ته اسان ان سان گڏ رهي
سگهون. مناسون ڪپرس جو هيو ۽ اهو يسوع
کي مڃڻ وارن ماڻهن مان پهريون شخص هيو.

## پولس جي يعقوب سان ملاقات ڪرڻ

١٧ يروشلم ۾ ايمان وارن اسان کي ڏسي گهڻا
خوش ٿيا. ١٨ ٻئي ڏينهن پولس اسان سان گڏ
يعقوب سان ملڻ جي لاءِ آيو سڀ بزرگ به اتي
هيا. ١٩ پولس انهن سڀن سان مليو ان تفصيل
سان ان ٻين قومن ۾ ان جي وزارت جي متعلق

۽ تمام شيون جيڪي ان جي ذريعي خدا ڪيون
ان ڪي چيو.
٢٠ جڏهن سردارن اهو ٻڌو ته انهن خدا جي
تمجيد ڪئي ۽ پولس کي چيو، ”ڀاءُ توهان ڄاڻو
ٿا ته هزارين يهودين ايمان آڻيو آهي پر انهن جو
مظبوط ايمان آهي اهي سوچيندا آهن موسيٰ جي
شريعت جو پالن ڪرڻ اهم آهي. ٢١ اهي يهودي
تعليمات ڪي ٻڌي چڪا آهن ۽ اهو به ٻڌي چڪا
آهن ته ته توهان يهودين کي جيڪي ٻين ملڪن
۾ رهندا آهن هي تعليمات ڏيندي ته موسيٰ جي
شريعت کان پري ٿي وڃو، ۽ اهو توهان کي
چوندين ٻڌو آهي ته پنهنجي ٻارن جو ختنو نه
ڪريو ۽ نه ئي موسيٰ جي شريعت ۽ رسم تي
عمل ڪيو.
٢٢ اسانکي ڇا ڪرڻو هوندو؟ اهي يهودي
اهل ايمان وارن کي يقينن خبر هوندي ته توهان
هتي آيا آهيو. انهيءَ لاءِ اسان توهانکي صلاح
ڏيون ٿا ته حسب ذيل حڪم کي آڻيو اسان مان
هتي چئن ماڻهن خدا کان هڪ منٿ گهري آهي.
٢٤ توهان ان کي پاڻ سان گڏ وٺي وڃو ۽ انهن
جي پاڪي جي تقريب ۾ شامل ٿي ڪري انهن
جي اخراجاتن کي ادا ڪريو ته اهي پنهنجي
سرمنڊائن جنهن کي هر هڪ کي خبر هوندي ته
جيڪو ڪجهه انهن توهان جي باري ۾ ٻڌو آهي
اهو سچ ۾ آهي. اهي اهو ڄاڻي ويندا ته توهان
پاڻ موسيٰ جي شريعت جي مطابق رهندا آهيو ۽
توهان ان تي عمل ڪندا آهيو.
٢٥ اسان فيصلي کان بعد غيريهودي ايمان
وارن کي هڪ خط روانو ڪري ڇڏيو آهي
جيڪي هيٺ درج آهن:

اهڙي غذا نه کائو جيڪا بُتن جي پيش
ڪئي ويئي هجي.
۽ رت کي بطور غذا استعمال نه
ڪريو، اهڙا جانور جنهن جو ساهه
منجهڻ سان موت ٿيو هجي اهو نه کائو
۽ کهڙي طرح به جنسي گناهه کان
پنهنجو پاڻ کي بچائي رکيو.“

## پولس جو گرفتار ٿيڻو

٢٦ تڏهن پولس چئن ماڻهن کي پنهنجو پاڻ سان
گڏ کنيو ۽ ٻئي ڏينهن پنهنجو پاڻ کي پاڪ ڪري
هيڪل ڏانهن ويا ته خبر ڏيئي سگهي ته ڪڏهن
پاڪ ڪرڻ جي رسم ختم ٿيندي آخري ڏينهن
هر هڪ جي طرف کان نذر ورتي ويندي.
٢٧ تقريبن ست ڏينهن ختم ٿيا ۽ ايشياء جي
ڪجهه يهودين پولس کي هيڪل ۾ ڏٺو اهي
تمام ماڻهون پريشاني جو سبب بڻيا ۽ پولس کي
پڪڙي ڇڏيو. ٢٨ انهن رڙيون ڪيون ” اي
يهوديو اسان جي مدد ڪريو هي اهوئي ماڻهون
آهي جيڪي سڀن ماڻهن کي موسيٰ جي شريعت
جي خلاف ڪرڻ جي تعليمات ڏيندا آهن ۽ اسان
جي ماڻهن کي ۽ اسان ماڻهن کي ان هيڪل جي
خلاف چوندو آهي. اها ان قسم جي تعليم هر
جاءِ ماڻهن کي ڏيندو آهي ۽ هاڻي ڪجهه يوناني
ماڻهن کي هيڪل جي سهڻ وٺي آيو آهي ۽ پاڪ
جاءِ کي ناپاڪ ڪري ڇڏيو آهي.“
٢٩ انهن اهي تمام شيون انهيءَ جي لاءِ چيون
ته انهن تروفيمس کي پولس سان گڏ يروشلم ۾
ڏسي چڪا هيا. تروفيمس يوناني هيو ۽ اهو
افيس جو هيو. يهودين سمجهيو ته پولس ان کي
هيڪل جي پاڪ جاءِ تي آندو آهي.
٣٠ يروشلم ۾ سڀ ماڻهون پريشان هيا ۽ تمام
ماڻهون ڊوڙي ڊوڙي ڪري جمع ٿيا ۽ پولس کي
هيڪل جي پاڪ جاءِ کان ٻاهر ڪڍي ۽ هڪدم
ئي هيڪل جي دروازن کي بند ڪري ڇڏيو. ٣١
ماڻهون پولس کي قتل ڪرڻ چاهن پيا ۽ جڏهن
فوج جي سربراهه کي خبر ملي ته پوري شهر
۾ گڙٻڙ آهي. ٣٢ فوجي سردار تيزي سان فوجي
افسرن ۽ سپاهين سان گڏ اتي پهچي ويا ماڻهن
فوجين ۽ سپاهين ۽ سردارن کي ڏٺو ۽ پولس کي
ماري پٽ ڪرڻ کان باز نه آيا.
٣٣ فوجي سردار پولس جي طرف وڌيا ۽ ان
کي گرفتار ڪيو ۽ پنهنجي سپاهين کي حڪم
ڏنو، ”ان کي زنجيرن سان ٻڌي ڇڏي! ۽ وري
پڇيو ته هي ڪير آهي ۽ ان ڇا ڪيو آهي؟“
٣٤ ميڙاڪي ۾ ڪجهه ماڻهون هڪ ڳالهه تي
رڙيون ڪري رهيا هئا ۽ ٻيا ماڻهون ڪنهن
ٻئي ڳالهه تي. ڪوئي مختلف ڳالهيون ٻڌائي
رهيو هيو ان گوڙ ۾ فوجي سردار ڪجهه نه
سمجهي سگهيو ته اصل واقعو ڇا آهي انهيءَ
لاءِ ان سپاهين کي حڪم ڏنو ته پولس کي فوجي
قلعي ۾ وٺي وڃن. ٣٥-٣٦ ۽ سڄي رش گڏ ٿي
ويئي جڏهن سپاهي ڏاڪڙين تي پهتا ته ميڙاڪو

تشدد تي لهي آيو انهن پولس کي ڪٽي وجھڻ پيو ۽
اهڙي طرح پولس جي حفاظت ڪرڻي پئي چالاءِ
جو ته ماڻهون ان کي نقصان پهچائڻ چاهن پيا ۽
رڙيون ڪري رهيا هئا ته ” ان کي ماري ڇڏيو.“
٣٧ جڏهن سپاهي پولس کي قلعي ۾ وٺي وڃي
رهيا هئا ته پولس فوجي سردار کي چيو، ”ڇا
مان تو کي ڪجھه چئي سگهان ٿو؟“
فوجي سردار پڇيو، ”ڇا توهان يوناني ڄاڻيون
ٿا؟ ٣٨ تڏهن ته توهان اهي ماڻهون نه آهيو
جيڪو مان سوچيو هيو مان سوچيو هيو ته
توهان اهي مصري آهيو جنهن ڪجھه عرصي
کان پهريان حڪومت ۾ گڙٻڙ شروع ڪئي هئي
۽ تقريبن چار هزار ماڻهن کي باغي بڻائي ڪري
انهن کي رڻ پٽ ۾ وٺي ويو هيو؟“
٣٩ پولس چيو، ”نه مان ته تورسس جو يهودي
آهيان ۽ ترسس ڪلڪيه ۾ آهي ۽ مان ان جو
خاص شهري آهيان برائي ڪرم مون کي ماڻهن
سان ڳالهائڻ ڏيو.“
٤٠ فوجي افسر پولس کي ماڻهن سان ڳالهه
ڪرڻ جي اجازت ڏني پولس ڏاڪڻ تي بيهي
ڪري ماڻهن کي هٿ هلائي ڪري اشارو ڪيو
جنهن سان ماڻهون خاموش ٿي ويا انهن سان
يهودين جي زبان ۾ ڳالهايو.

## پولس جو ماڻهن کي خطاب ڪرڻ

٢٢
١ پولس چيو، ”اي منهنجا بزرگو ۽
پائرو! مان پنهنجي صفائي ۾ توهان
کي ڪجھه چوڻ چاهيان ٿو.“
٢ جڏهن يهودين ٻڌو ته پولس عبراني زبان ۾
ڳالهيون ڪري رهيو آهي ته چپ ٿي ويا. پولس
چيو.
٣ ”مان يهودي آهيان ۽ مان ترسس ۾ پيدا ٿيو
آهيان جيڪو ملڪ ڪلڪيه ۾ آهي منهنجي
پرورش شهر يروشلم ۾ ٿي ۽ مان گملي ايل[1] جو
طالب علم هيم جنهن مون کي خاص توجه سان
اسان جي پيءُ ڏاڏي جي شريعت جي تعليم ڏني
مان سچي لڱن سان خدا جي خدمت ڪري رهيو
هيم جيئن ته توهان اڄ هتي جمع آهيو. ٤ مان
انهن ماڻهن کي گهڻو ستايو آهي جيڪي مسيحي
طريقي تي هلندا هيا انهن مان ڪجھه ماڻهن جي
موت جو سبب مان آهيان. مان مردن ۽ عورتن
کي گرفتار ڪري قيدخاني ۾ وڌو.
٥ اعليٰ سردارن ۽ بزرگ يهودي سربراهه ثابت
ڪري سگهن ٿا ته اهو سچ آهي. هڪ دفعي انهن
سربراهن مون کي خط ڏنا. دمشق ۾ يهودي پائرن
جي لاءِ هيا. اهڙي طرح مان يسوع جي شاگردن
کي گرفتار ڪرڻ جي لاءِ وڃي رهيو هيم ته جيئن
انهن کي سزا ڏيڻ جي لاءِ يروشلم وٺي اچان.

## پولس جو پنهنجي تبديلي جي باري ۾ چوڻ

٦ منهنجي دمشق جي سفر جي دوران ڪجھه
واقعا پيش آيا. ٻيپهري جي ويجهو جڏهن مان
دمشق جي ويجهو هيم ته اچانڪ سان هڪ
چڪمدار نور منهنجي چوطرف چانجي ويو. ٧
مان زمين تي ڪري پيس هڪ آواز آيو جيڪا
چئي رهي هئي، ”شائول، شائول تون مون کي
چو ستائين ٿو.“
٨ مان جواب ڏنو ته توهان ڪير آهيو اي
خداوند؟ آواز جواب ڏنو، ”آئون ناصري يسوع
آهيان آئون اهو ئي آهيان جنهن کي تون ستايو
هيو. ٩ جيڪي ماڻهون مون سان گڏ هيا اهي
آواز کي نه سمجھي سگهيا پر انهن نور کي ڏٺو.
١٠ مان چيو اي خداوند مان ڇا ڪريان؟
خداوند جواب ڏنو، ”اٿ ۽ دمشق وڃ تو کي تمام
شين جي متعلق چيو ويندو جيڪي آئون تنهنجي
ڪرڻ جي لاءِ مقرر ڪيون آهن.“ ١١ مان ڏسي
نه سگهيم ته نور جي روشني مون کي انڌهو
ڪري ڇڏيو انهيءَ لاءَ جيڪي ماڻهون مون
سان گڏ هيا منهنجو هٿ پڪڙي ڪري مون کي
دمشق وٺي آيا.
١٢ ”دمشق ۾ حننياه نالي هڪ ماڻهون مون
ڏانهن آيو جيڪو پرهيزگار ماڻهون هيو. ۽
موسيٰ جي شريعت جي اطاعت گذار هيو اتي
تمام يهودي ان جي عزت ڪندا هيا. ١٣ ان
منهنجي ويجهو اچي ڪري چيو، ”ڀاءُ شائول
ٻيهر ڏس ۽ انهيءَ گهڙيءَ اچانڪ مان ان کي
ڏسي سگهيم.
١٤ ان مون کي چيو ته منهنجي پيءُ ڏاڏي
توهان کي گهڻو پهريان چونڊي ڇڏيو آهي ته
جيئن توهان ان جي منصوبي کي ڄاڻي وٺو ۽ ان
راستباز کي ڏسي ڇڏيو ۽ ان جي لفظن کي ٻڌو.

[1] ٢٢: ٣ گملي ايل هي هڪ فريسي گروهه جو هڪ اهم استاد هيو جيڪو يهودي مذهبي گروهه مان هيو ڏسو اعمال ٥: ٣٤

١٥ تون ان جو شاهد هوندين. سڀن ماڻهن تي ۽
جيڪي ڪجهه تون ڏٺو ۽ ٻڌو. ١٦ هاڻي گهڻو
انتظار نه ڪريو اٿو ۽ بپتسمه وٺو. ۽ پنهنجي
گناهن کي ان جي نالي جي پروسي ڪري نجات
جي لاءِ ڌوئي ڇڏيو.
١٧ ان کان بعد ۾ واپس يروشلم آيا ۽ جڏهن
هيڪل ۾ دعا ڪري رهيو هيو ته مان رويا ڏٺي.
١٨ مان يسوع کي ڏٺو ان مون کي چيو جلدي
سان يروشلم ڇڏ هتان جا ماڻهون منهنجي متعلق
تنهنجي نبوت قبول نه ڪندا.
١٩ مان چيو، اي خداوند! ماڻهن کي اها خبر
آهي ته مان اهوئي ماڻهون آهيان جنهن توهان
جي ايمان وارن کي ماريو پٽيو ۽ جيل ۾ وڌو
۽ يهودي عبادتخانن ۾ گهمي گهمي ڪري انهن
کي تلاش ڪيو ۽ انهن ماڻهن کي جيڪي توهان
تي ايمان آڻڻ انهن کي گرفتار ڪندو رهيم. ٢٠
۽ جڏهن شاهد استيفنس جو خون ٿيو مان اتي
موجود هيم ۽ ان کي مارڻ جي لاءِ مان منظوري
ڏني هئي. ۽ ان جي ڪپڙن جي حفاظت به مان
ڪئي هئي جنهن انهن کي ماريو هيو.
٢١ پر يسوع مون کي چيو، ”وڃو آئون توهان
کي غيريهودي قومن ڏانهن موڪليندس جيڪي
گهڻو پري آهن.“
٢٢ جڏهن پولس غيريهودي قومن ڏانهن
موڪلڻ جي ڳالهه چئي ته ماڻهون خاموشي کي
توڙيو ۽ واڪا ڪرڻ لڳا ” ان کي ماري ڇڏيو
ان کي زمين کان فنا ڪري ڇڏيو اهڙي ماڻهون
جو زنده رهڻ مناسب نه آهي.“ ٢٣ اهي پنهنجا
ڪپڙا ڦاڙي ڪري مٽي ۾ اڏرڻ لڳا. ٢٤ فوجي
افسر سپاهين کي چيو ته پولس کي قلعي ۾ وٺي
وڃو ان سپاهين کي چيو ته پولس کي ماريو ته
خبر پوي ته ماڻهون ڪهڙي سبب جي ڪري
ان جي مخالفت ۾ رڙيون ڪري رهيا هيا. ٢٥
انهيءَ لاءِ سپاهين پولس کي ٻڌي ڇڏيو ۽ ان کي
مارڻ جي لاءِ تيار هيا. پر پولس هڪ فوجي
افسر کي چيو، ”ڇا تون جي ويجهو اهو جائز
آهي ته هڪ رومي شهري کي ماريو جڏهن ته
ان جو جرم اجان تائين ثابت ناهي ٿيو.“
٢٦ افسر جڏهن اهو ٻڌو ته سردار ڏانهن ويو ۽
سڀ ڪجهه چيو وري افسر ان کي چيو، ”توهان
ڄاڻون ٿا ته توهان ڇا ڪري رهيا آهيو؟“ هي
ماڻهون پولس روم جو شهري آهي.
٢٧ اعليٰ سربراه پولس جي ويجهو اچي ڪري
پڇيو مون کي چئو ته واقعي روم جي شهر جو
آهين؟“ پولس چيو، ”ها.“
٢٨ اعليٰ سربراه چيو، ”مان روم جو شهري
بڻڻ جي لاءِ وڏي رقم ڏني آهي پر پولس چيو مان
پيدائشي رومي آهيان.“
٢٩ جيڪي ماڻهون پولس جي تفتيش ڪرڻ
جي تياري ڪري رهيا هئا اتان هڪدم هليا آيا.
اعليٰ سربراه ڊڄي ويو ڇالاءِ جو ته ان پولس کي
ٻڌي ڇڪو هيو ۽ پولس روم جو شهري هيو.

## پولس جو يهودي سردارن سان گفتگو ڪرڻ

٣٠ ٻئي ڏينهن سردار ڪاهن طئه ڪيو ته
اهو ان ڳالهه جو پتو لڳائي ته يهودي ڇو پولس
جي خلاف ٿي ويا آهن جڏهن ته ان ڪاهنن
جي رهنما ۽ عدالت جي صدر کي جمع ٿيڻ جو
حڪم ڏنو ۽ پولس جا زنجير کولي ڇڏيا ۽ ان کي
مجلس جي سامهون بيهاريو.

٢٣ ١ پولس يهودي عدالت وارن کي
غور سان ڏسي ڪري چيو، ”اي
پائرو! منهنجي زندگي نيڪي دلي سان خدا جي
راهه ۾ گذري آهي ۽ جيڪو به مان صحيح
سمجهيو اهو ڪيو.“ ٢ اعليٰ سردار حننياه به
اتي هيو ان ماڻهن کي جيڪي پولس جي ويجهو
هيا چيو ته پولس جي چهري تي لپاٽان هڻون.
٣ پولس حننياه کي چيو، ”تون هڪ خراب پٽ
آهين جنهن کي مٿانهين صفائي ڪئي ويئي آهي
خدا تو کي به ماريندو ته شريعت جي مطابق
فيصلو ڪرڻ جي لاءِ آهي پر تون مون کي
مارڻ جي لاءِ حڪم ڏيئي رهيو آهين جيڪو
موسيٰ جي شريعت جي خلاف آهي.“
٤ جيڪي ماڻهون پولس جي ويجهو بيٺا هيا
انهن چيو، ”توهان اهڙي قسم جون ڳالهيون اعليٰ
سردار کي نه ٿا ڪري سگهو توهان انهن جي
بي عزتي ڪري رهيا آهيو.“
٥ پولس چيو، ”پائرو مون کي خبر نه هئي ته
هي اعليٰ ڪاهن آهي صحيفن ۾ لکيل آهي ته
توهان پنهنجي اعليٰ ڪاهن کي برو نه چئو.“[1]
٦ ان مجلس ۾ ڪجهه صدوقي ۽ فريسي به
هيا تڏهن پولس کي هڪ ترڪيب آئي ان چيو،

[1] ٢٣: ٥ اقتباس خروج ٢٢: ٢٨

"پائررو! مان فريسي آهيان ۽ منهنجا پيءُ ڏاڏا به
فريسي هئا. مون تي مقدمو ان لاءِ ٿي رهيو آهي
چالاءِ جو ته مون کي يقين آهي ته ماڻهون مرڻ
کان پوءِ ڪنيا ويندا."
٧ جڏهن پولس اهو چيو ته فريسين ۽ صدوقين
۾ تڪرار بحث شروع ٿي ويو ۽ اهي گروهه
۾ ورهائجي ويا. ٨ صدوقين جو عقيدو آهي ته
ماڻهون مرڻ کان بعد بيهر جيءُ نه اٿندو ۽ اهو
ملائڪ ۽ نه ڪنهن روح ۾ عقيدو رکندا آهن پر
فريسين جو ٻنهي تي عقيدو آهي. ٩ تمام يهودي
زور شور سان رڙيون ڪرڻ شروع ڪيون يا
روح فريسين مان ڪجهه کي شريعت جا عالم
اٿيا ۽ بحث ڪيو ۽ چيو، "اسان ان ماڻهون ۾
ڪوئي خراب عمل ناهي پاتو، ٿي سگهي ٿو
دمشق جي رستي ۾ ڪنهن ملائڪ يا روح ان
سان ڪلام ڪيو هجي."
١٠ بحث ۽ تڪرار لڙائي ۾ تبديلي ٿي ويو ۽
پلٽن جو سردار خوف محسوس ڪيو ته ڪٿي
يهودي پولس کي ٽڪرا ٽڪرا نه ڪري ڇڏين
ان لاءِ سپاهين کي حڪم ڏنائين ته پولس کي اتان
ڪڍي ڪري قلعي ۾ وٺي اچو.
١١ ٻئي رات خداوند يسوع پولس ڏانهن اچي
بيٺا ۽ چيائون، "همت رک جهڙي طرح تون
يروشلم ۾ منهنجي شاهدي ڏني اهڙي طرح تو
کي منهنجي روم ۾ شاهدي ڏيڻي پوندي."

## ڪجهه يهودين جو پولس کي مارڻ جو منصوبو ٺاهڻ

١٢ ٻئي صبح ڪجهه يهودين پولس کي مارڻ
جي سازش بڻائي. انهن واعدو ڪيو ته جيسيتائين
اهي پولس کي قتل نه ڪندا اهي ڪجهه به نه
کائيندا ۽ پيئندا. ١٣ جنهن اهو منصوبو ٺاهيو
انهن جو تعداد چاليهن کان وڌيڪ هيو. ١٤ انهن
يهودي ڪاهنن جي رهنما ۽ بزرگ سردارن
ڏانهن وڃي ڪري چيو، "اهي قسم کڻي ويٺا آهن
ته جيسيتائين اسان پولس کي قتل نه ڪنداسين
اسان ڪائي شيءِ پنهنجي منهن ۾ نه وجهنداسين
نه کائينداسين نه پيئنداسين. ١٥ هاڻي توهان پلٽن
جي سردار کي پنهنجي طرف کان صدر عدالت
جي طرف کان پيغام موڪليو توهان ان کي لکو
ته اهو توهان کي سامهون پولس کي پيش ڪري
جڏهن اهو اچي رهيو هيو ته پولس جو مقدمي ۾
وڌيڪ تفتيش ڪري ان اثناء ۾ اسان تيار آهيون
ته ان کي رستي ۾ ختم ڪري ڇڏيون."
١٦ پر پولس کي موڪلڻ جو اهو منصوبو
خبر پئجي ويو اهو قلعي ۾ ويو ۽ پولس کي ان
جي باري ۾ اطلاع ڏني ان لاءِ پولس هڪ فوجي
افسر کي گهرايو. ١٧ "ان نوجوان کي سردار
ڏانهن وٺي وڃو اهو ان لاءِ ته هي هڪ پيغام
کڻي آيو آهي." ١٨ فوجي افسر پولس ڏانهن
موڪليل کي پلٽن جي سردار ڏانهن وٺي ويو ۽
چيو، "قيدي پولس مون کي چيو ته ان نوجوان
کي توهان ڏانهن وٺي اچان چالاءِ جو ته هي
توهان جي لاءِ ڪوئي پيغام کڻي آيو آهي."
١٩ پلٽن جي سردار ان نوجوان کي اڪيلائي
۾ وٺي اچي ڪري چيو، " چئي ڇڏ جيڪو تون
مون کي چوڻ چاهين ٿو؟" ٢٠ نوجوان چيو،
"يهودين اتفاق ڪيو آهي ته توهان ان کي چئو ته
پولس کي سڀاڻي صدر عدالت ۾ وٺي اچن ته جيئن
اهي پولس جي مقدمي ۾ وڌيڪ تحقيق ڪرن.
٢١ پر توهان انهن جو يقين نه ڪيو اهي چاليهن
کان وڌيڪ آهن جيڪي پولس کي مارڻ چاهن ٿا
انهن ماڻهن پولس کي مارڻ جو قسم کنيو آهي ته
جيسيتائين اهي پولس کي نه ماريندا اهي ڪائي
شيءِ نه کائيندا نه پيئندا. اهي هاڻي تيار آهن
صرف توهان جي مرضي جي انتظار ۾ آهن."
٢٢ سردار نوجوان کي اهو چوندي موڪلي
ڇڏيو، "ڪنهن کي به اها خبر نه پوڻ ڏيجاءِ ته
تون مون کي ڪجهه چيو آهي."

## پولس جو قيصريه موڪلڻ

٢٣ پلٽن جي سردار صوبيدارن کي گهرائي
ڪري چيو، "به سئو سپاهي ۽ ستر سوار ۽ به
سپهه صالارا رات جو قيصريه وڃڻ جي لاءِ
تيار رکجو. ٢٤ ۽ پولس جي سواري جي لاءِ به
گهوڙا رکو ته جيئن ان کي صوبيدار فيلڪس
ڏانهن سلامتي سان پهچائي ڇڏيون." ٢٥ پلٽن جي
سردار اهڙي طرح خط لکيو:

٢٦ ڪلوديس کي لوبياسيه خط
فليڪس بهادر حاڪم کي
نيڪ خواهشن سان لکي رهيو آهن.
٢٧ ان ماڻهون کي به پڪڙي ڪري يهودين
مارڻ چاهيو پر مون کي خبر پئي ته اهو

روم جو شهري آهي ته مون موقعي تي
پنهنجي سپاهين جي مدد سان ان کي بچائي
ورتو. ٢٨ مان اهو معلوم ڪرڻ چاهيو ته
اهي ان تي ڪنهن جي لاءِ مارڻ چاهن ٿا
ان جي لاءِ مان ان سان گڏ صدرعدالت
۾ ويو. ٢٩ تڏهن اهو معلوم ٿيو ته اهي
پنهنجي شريعت جي مسئلن جي ڳالهه تي
الزام لڳائي رهيا آهن پر ان تي ڪوئي
اهڙو الزام نه لڳايو ويو ته قتل يا قيد موجب
هجي. ٣٠ مون کي خبر پئي آهي ته يهودي
قتل ڪرڻ جي منصوبو ٺاهي رهيا آهن ان
لاءِ مان ان کي توهان ڏانهن روانو ڪيو
۽ مارڻ وارن کي به چيو آهي ته پنهنجي
دعويٰ توهان جي سامهون پيش ڪن.

٣١ سپاهين اوئين ئي ڪيو جيئن انهن چيو
هيو. سپاهين پولس کي ورتو ۽ ان رات ان
کي شهر انيپترس پهچائي ڇڏيو. ٣٢ ٻئي ڏينهن
سپاهي پولس کي گهوڙي جي پٺيءَ تي قيصريه
وٺي ويا پر سپاهي ۽ نيزه بردار واپس قلعي
يروشلم ڏانهن آيا. ٣٣ گهوڙي سوار قيصريه
پهچي ڪري گونر فليڪس کي خط ڏنو ۽ پولس
کي به ان جي سامهون پيش ڪيو.
٣٤ حاڪم خط پڙهيو ۽ پولس کي چيو،
”توهان جو تعلق ڪهڙي ملڪ سان آهي؟“ ۽
حاڪم کي خبر هئي ته پولس سليڪيه جو آهي.
٣٥ تڏهن حاڪم چيو، ”مان توهان جو مقدمو ان
وقت ٻڌندس جيستائين اهو نه اچي وڃن. جيڪي
توهان جي مخالفت ۾ هتي آيا آهن.“ پوءِ حاڪم
حڪم ڏنو ته ان کي ان محل ۾ رکيو وڃي جنهن
کي هيروديس ٺاهيو هيو.

## يهودين جو پولس تي الزام لڳائڻ

٢٤ ١ پنج ڏينهن ڪانپوءِ حننياه جيڪو
وڏو هيو ڪجهه بزرگ يهودي
سردارن ۽ ترطلس نالي وڪيل سان گڏ قيصريه
آيو ته جيئن پولس جي خلاف الزام عائد ڪري
حاڪم جي سامهون پيش ڪن. ٢ جڏهن ان کي
گهرايو ويو ته ترطلس الزام هڻڻ شروع ڪيا.
۽ چيو، ”فصيلت وارا سائين فيليس! توهان هي
زير حفاظت اسان گهڻي امن سان آهيون ۽ توهان
جي دوراندیشيءَ کان ڪئي برايون هن ملڪ
جون پري ٿي ويون. ٣ اسان انهن تمام کي قبول
ڪريون ٿا اسان انهيءَ لاءِ هميشه ۽ هر طرح
شڪرگذار آهيون. ٤ مان توهان جو گهڻو وقت
نه ٿو وٺڻ چاهيان پر منهنجي هڪ درخواست
آهي برائي مهرباني ڪجهه ڳالهيون جيڪي
چوڻ چاهيان ٿو سڪون سان ٻڌي ڇڏيو. ٥ هڪ
شخص پولس هڪ مفسد ۽ دنيا پر ۾ يهودين
جي لاءِ فتني جو ذميدار آهي ۽ ناصري گروهه
جو سردار آهي. ٦-٨ [1] ۽ هي هيڪل کي نجس
ڪرڻ چاهي ٿو پر اسان ان کي روڪيو. توهان
انکان ئي پڇي ڪري دريافت ڪري سگهو ٿا
جيڪي الزام اسان ان تي لڳايا آهن اهي سچ
آهن يا نه.“
٩ پين يهودين به متفق ٿي ڪري چيو، ”اهو
سچ آهي.“

## فليڪس جي سامهون پولس جي صفائي ڪري ڇڏڻ

١٠ حاڪم پولس کي چوڻ جي لاءِ اشارو ڪيو
ته ان چيو، ”اي حاڪم فليڪس! مان ڄاڻان ٿو
ته توهان هن قوم جا گهڻي عرصي کان منصف
آهيو انهيءَ لاءِ وڏي خوشيءَ سان توهان گڏ
توهان جي سامهون پنهنجو عذر بيان ڪريان
ٿو. ١١ مان قبل ٻارهن ڏينهن يروشلم ۾ عبادت
ڪرڻ جي لاءِ ويو هيس. توهان پاڻ دريافت
ڪري سگهو ٿا. ١٢ هي يهودي جيڪي مون
تي الزام لڳائي رهيا آهن انهن مون کي هيڪل
۾ ڪنهن سان بحث ڪندي ڏٺو ۽ نه شهر ۾ يا
ڪنهن ٻي جاءِ نه ئي ڪنهن يهودي عبادتخاني ۾
فساد ڪندي. ١٣ ۽ اهي ماڻهون جيڪي منهنجي
خلاف الزام لڳائي رهيا آهن ڪڏهن به ثابت نه
ٿا ڪري سگهن.
١٤ پر مان اقرار ڪريان ٿو ته مان پنهنجي
ابن ڏاڏن جي خدا جي عبادت بحيثيت شاگرد
يسوع جي طريقي سان ڪندو آهيان يهودي چون
ٿا ته يسوع جو طريقو غلط آهي. پر جيڪو

[1] ٢٤: ٦-٨ آيت ٦-٨ ڪجهه يوناني نسخن ۾ آيت ٦-٨
شامل آهي جيڪا هن طرح سان آهي: ”۽ اسان چاهيو
ته پنهنجي شريعت جي مطابق ان جي عدالت ڪريون.
٧ پر لوسياس سردار اچي ڪري اسان کان کسي ڇڏيو.
٨ ۽ لوسياس ان جي ماڻهن کي حڪم ڏنو ته انهن ماڻهن
تائين وڃن ۽ توهان سين تي الزام لڳائين.“

ڪجهه موسيٰ جي شريعت ۾ آهي ان تي ايمان
رکان ٿو ان کان علاوه پين نبين جي ڪتابن ۾
جيڪو ڪجهه لکيل آهي انهن سڀن تي منهنجو
ايمان آهي. ١٥ مان خدا کان اهائي اميد رکان ٿو
جيئن ته يهودي رکندا آهن ته سٺا ۽ خراب سڀئي
ماڻهون مرڻ کان بعد کنيان ويندا. ١٦ انهيءَ لاءِ
منهنجي هميشه اهائي ڪوشش آهي ته جن شين
کي مان صحيح سمجهندو آهيان اهو خداوندا ۽ ان
جي ماڻهن جي نظر ۾ صحيح آهي.
١٧ ”مان يروشلم گهڻن ئي سالن کان نه هيس
يروشلم واپس ان لاءِ آيس ته پنهنجي ماڻهن جي
لاءِ ڪجهه رقم ڪٺي اچان ۽ ڪجهه نذرانو
چڙهايان. ١٨ ۽ جڏهن مان ائين ڪري رهيو
آهيان ته يهودين مون کي هيڪل ۾ ڏٺو ۽ مان
صفائي ۾ جي تقريب ختم ڪري چڪو هيس
مان ڪوئي ميڙاڪو پنهنجي چوطرف ڪٺو نه
ڪيو ۽ ڪائي گڙٻڙ نه ڪئي. ١٩ پر ايشياء
جا ڪجهه يهودي اتي هيا اهي هتي توهان جي
سامهون هوندا پر مان واقعي ڪائي غلطي
ڪئي آهي ته ايشياء جا يهودي مون تي الزام
لڳائي سگهن ٿا. ٢٠ يا انهن يهودين کان دريافت
ڪرايو ڇا انهن مون ۾ ڪائي خرابي ڏٺي جڏهن
مان يروشلم ۾ يهودي عدالت ۾ بيٺو هيم. ٢١ مان
صرف هڪ ڳالهه چئي هئي ته منهنجو عقيدو
آهي ته ماڻهن کي موت کان بعد ساڙيو ويندو ۽
ان لاءِ اڄ مون تي مقدمو هلي رهيو آهي.“
٢٢ فليڪس جو صحيح طور تي يسوع جي
طريقي کان واقف هيو ان مقدمو هي چئي ڪري
ملتوي ڪري ڇڏي، ”جڏهن فوجي سردار
لوسياس ايندو تڏهن مان توهان کي مقدمي جي
تفتيش ڪندس.“ ٢٣ ۽ حاڪم فوجي افسر کي
حڪم ڏنو ته پولس کي قيد ۾ آرام سان رکو ان کي
ڪنهن دوست سان ملڻ جي لاءِ منع نه ڪجو.

## پولس جو فليڪس ۽ ان جي زال سان ڳالهه ڪرڻ

٢٤ فليڪس ڪجهه ڏينهن پنهنجي زال دروسله
سان گڏ آيو اها يهودي هئي. فليڪس پولس کي
پيش ڪرڻ جي لاءِ چيو پولس سان مسيح يسوع
جي ايمان جي متعلق ان جي دين جي بابت پڌو.
٢٥ جڏهن پولس راستبازي ۽ پرهيزگاري جي
متعلق ڳالهه ڪري رهيو هيو اهو دهشت زده
ٿي ويو ۽ پولس کي چيو، ”هاڻي ته هليو وڃ ۽
جڏهن مون وقت ملندو مان سڏ ڪرائيندس.“ ٢٦
درحقيقت اهو پولس سان بار بار گفتگو ڪري
رهيو هيو اهو اميد ڪري رهيو هيو ته پولس
جي طرف کان ان کي رشوت جي طور تي
ڪجهه روپيا ملن.
٢٧ پر ٻن سالن کان بعد پرڪيس ۽ فيتس
حاڪم بڻيو. تڏهن فليڪس هاڻي حاڪم نه رهيو.
فليڪس پولس کي جيل ۾ ڇڏي ڏنو. ڇالاءِ جو ته
فليڪس چاهيندو هيو ته يهودين جي خوشنودي
جي لاءِ ڪجهه نه ڪجهه ڪري.

## پولس جو قيصر کي اپيل

٢٥
١ فيستس صوبيدار ٿيو ٽن ڏينهن
کانپوءِ اهو قيصريه کان يروشلم
آيو. ٢ سردارڪاهنن ۽ يهودين سردارن پولس
جي خلاف الزام لڳائي ڪري انهن کي فيستس
جي سامهون پيش ڪيائون. ٣ انهن فيستس کي
چيو ته انهن جي لاءِ ڪجهه ڪريو ۽ پولس کي
يروشلم موڪليو ۽ انهن منصوبو ٺاهيو ته پولس
کي رستي ۾ ئي ماري ڇڏينداسين. ٤ پر فيستس
جواب ڏنو، ”نه پولس کي قيصريه ۾ ئي رکيو
ويندو. مان پاڻ جلد ئي قيصريه ويندس. ٥ توهان
مان ڪجهه سردارن کي مون سان هلڻو پوندو
جيڪڏهن ان واقعي ڪا غلطي ڪئي آهي ته
ان جي خلاف قيصريه ۾ الزام رکي سگهون ٿا.“
٦ فيستس يروشلم ۾ وڌيڪ اٺ يا ڏينهن رهيو.
تڏهن اهو قيصريه جي لاءِ روانو ٿيو ۽ ٻئي
ڏينهن سپاهن کي چيائين ته پولس کي ان جي
سامهون پيش ڪيو وڃي. تڏهن ان پنهنجي جاءِ
ورتي اهو فيصلي جي تخت تي ويهي رهيو هيو.
٧ جڏهن پولس عدالت ۾ داخل ٿيو ته اهي يهودي
جي يروشلم کان آيا هئا ان جي چوطرف اچي
بيهي رهيا ۽ ان تي گهڻا سخت الزام لڳائڻ شروع
ڪيائون پر انهن کي ثابت نه ڪري سگهيا. ٨
پولس پنهنجي صفائي ۾ چيو، ”مان ڪوئي ڏوهه
يهودي جي شريعت يا هيڪل جي خلاف يا
قيصريه جي خلاف نه ڪيو آهي.“
٩ پر فيستس يهودين کي خوش ڪرڻ جي
غرض کان چيائين، ”ڇا توهان يروشلم وڃڻ
چاهيو ٿا. توهان جي مقدمي جو فيصلو اتي
ٿئي؟“

١٠ پولس چيو، ”مان قيصريه جي عدالت ۾
بيٺو آهيان ۽ صرف اتي ئي صرف منهنجي
مقدمي جو فيصلو ٿيڻ گهرجي. مان يهودين سان
ڪائي برائي ناهي ڪئي ۽ ان سچائي کي بهتر
ڄاڻيو ٿا. ١١ جيڪڏهن مان ڪوئي جرم ڪيو
آهي ۽ شريعت چوي ٿي ته ان جي سزا موت
آهي ته مان موت جي جي سزا قبول ڪرڻ
جي لاءِ تيار آهيان. پر جيڪڏهن انهن جا الزام
ثابت نه ٿي سگهيا ته تڏهن ڪوئي به مون کي
انهن يهودين جي حوالي نه ٿو ڪري سگهي.
مان قيصر کي درخواست ڪيان ٿو ته اهو ئي
منهنجي مقدمي جو فيصلو ڪري.“
١٢ فيستس ان جي باري ۾ مشيرن سان گفتگو
ڪئي تڏهن ان چيو جو تون ”قيصر کي
درخواست ڪئي آهي تون قيصر ئي ڏانهن
ويندين.“

## فيستس بادشاهه جو اگرپا کان پولس جي باري ۾ پڇڻ

١٣ ۽ ڪجهه ڏينهن کان بعد بادشاهه اگرپا
۽ برنيڪي قصريه آيو ۽ فيستس سان ملاقات
ڪئي. ١٤ اهي اتي گهڻا ڏينهن ٺهريو رهيو
فيستس پولس جي مقدمي جي تعلق سان بادشاهه
کي چيو، ””فيستس چيو هڪ ماڻهون کي قيد
۾ ڇڏيو آهي. ١٥ جڏهن مان يروشلم ويس ته
سردار ڪاهنن ۽ بزرگ يهودي سردارن ان
ماڻهون جي خلاف الزام لڳايا ۽ مون کان ان
جي موت جي حڪم جي درخواست ڪئي. ١٦
پر مان انهن کي جواب ڏنو، ”جڏهن ڪنهن
ماڻهون تي ڪنهن غلطي جو الزام لڳايو وڃي
ته رومي قانون ان ڳالهه جي اجازت نه ٿو ڏيئي
ته اهڙي ماڻهون کي ٻين جي حوالي ڪري. سڀ
کان پهريان ته جيڪو ماڻهون مجرم آهي ان کي
گهرجي ته الزام جو منهن ماڻهن جي سامهون
ڪري ۽ ان ماڻهون کي پنهنجي دفاع ۾ الزامن
جي خلاف عذرخواهي جو موقعو ملڻ گهرجي.
١٧ انهيءَ لاءِ جڏهن يهودي قيصريه جي
عدالت ۾ مقدمو پيش ڪرڻ جي لاءِ آيا ته مان
فيصلي جي تخت تي ويهي ڪري ان ماڻهون کي
گهرائڻ جو حڪم ڏنو. ١٨ جڏهن يهودي مدعي
بيهي رهيا ته جن براين جو مون کي گمان هيو
انهن مان ڪنهن جو الزام ان تي نه لڳايو. ١٩
پر جيڪي انهن جي دين ۽ يسوع نالي شخص
جي باري ۾ بحث ڪري رهيا هئا ته اهو مري
چڪو آهي. پر پولس انهن کي چيو ته هُو جيئرو
آهي. ٢٠ ڇا لاءِ جو آئون اهڙن موضوعن جي
باري ۾ ايترو گهڻو ڪونه ٿو ڄاڻان. ان ڪري
مون اهڙين ڳالهين تي ڌيان ڏيڻ ۽ اجايو بحث
ڪرڻ مناسب ڪونه سمجهيو. ان ڪري مون
هن کان پڇيو، ”ڇا توهان يرو شليم وڃڻ چاهيو
ٿا ته جيئن اهو ڪيس اتي هلايو وڃي.“ ٢١
پولس چيو ان کي قيصريه ۾ رکڻ گهرجي ۽ اهو
شهنشاهه قيصر کان فيصلو چاهي ٿو. ان جي لاءِ
مان ان جي متعلق حڪم ڏنو جڏهن ان کي قيصر
ڏانهن نه موڪليو وڃي ان وقت تائين ان کي
قيصريه جي جيل ۾ ئي رهڻو پوندو.“
٢٢ اگرپا فيستس کي چيو، ”مان به ان ماڻهون
کي ٻڌڻ چاهيان ٿو.“ فيستس چيو، ”توهان ان کي
سڀاڻي ٻڌي سگهندا.“
٢٣ ٻئي ڏينهن اگرپا برنيڪي وڏي شان ۽
شوڪت ۽ فخر سان گڏ عدالت ۾ داخل ٿيا ۽ گڏ
ئي پلٽن جي سردار ۽ قيصريه جي اسان ماڻهون
به ڪمري عدالت ۾ داخل ٿياسين فيستس سپاهين
کي حڪم ڏنو ته پولس کي اندر وٺي اچو.
٢٤ فيستس چيو، ”بادشاهه ۽ تمام ماڻهون
هتي جمع آهن. ان ماڻهون کي ڏسو. تمام
يهودي يروشلم ۽ هتان جا ان جي خلاف مون
کي شڪايت ڪئي. جڏهن انهن ان جي باري
۾ شڪايت ڪئي ته رڙيون ڪيون ان کي
گهڻي دير زنده رهڻ مناسب ناهي. ٢٥ جڏهن
مان ڄاڻ ڪئي ته ڪجهه به غلطي محسوس
نه ڪري سگهيس. مان اهڙو ڪوئي سبب نه
ڏٺو هي صاف هيو ته ان ڪجهه نه ڪيو جنهن
جي وجهه سان اهو قتل جي سزا جو حقدار آهي
اهو چاهي ٿو ته قيصر کي ان جو فيصلو ڪرڻو
پوندو. اهائي وجهه آهي ته مان طئه ڪيو آهي
ته ان کي روم موڪليو وڃي. ٢٦ مان صحيح
معنيٰ ۾ نه ٿو ڄاڻان ته قيصر کي ڇا لکان، ته ان
ماڻهون غلط ڪم ڪيو آهي. ان لاءِ مان ان کي
توهان سڀن جي سامهون آندو آهي خاص طور
سان بادشاهه اگرپا جي سامهون مون کي اميد
آهي ان تفتيش کان بعد قيصر کي لکڻ جي لاءِ
ڪجهه نه ڪجهه مون وٽ هوندو. ٢٧ ڇالاءِ
جو ته قيدي جي موڪلڻ جي وقت ان الزامن

ڪي جيڪي ان تي لڳايا ويا آهن جيڪي ظاهر
نه ڪرڻ مون کي خلاف عقل معلوم ٿيندو آهي.“

## پولس جو بادشاهه اگرپا جي سامهون ٿيڻ

٢٦ ١ اگرپا پولس کي چيو، ”توهان
کي پنهنجي دفاع ۾ ڳالهائڻ جي
اجازت آهي.“ تڏهن پولس پنهنجو هٿ کنيو
۽ چوڻ شروع ڪيو. ٢ ”بادشاهه اگرپا! جن
الزامن تي يهودين مون تي نالش ڪئي آهي
مان انهن الزامن جا جواب ڏيندس مان ان
کي پنهنجي خوشنصيبي سمجهندس ته مان
پاڻ پنهنجو دفاع اڄ توهان جي سامهون پيش
ڪريان ٿو. ٣ مان گهڻو خوش آهيان ڇالاءِ جو
ته توهان يهودين جي رسمن ۽ تمام مسئلن کان
سٺي طرح واقف آهيو. بهرحال برائي ڪرم
صبر ۽ تحمل سان منهنجي ڳالهه ٻڌو.
٤ ”تمام يهودي منهنجي زندگي جي حالتن
کان واقف آهي ۽ اهي اهو به ڄاڻن ٿا ته مان
پنهنجي ملڪ ۾ ڪهڙي طرح شروعات ڪري
رهيو آهيان ۽ مان يروشلم ۾ به ڪهڙي طرح
شروع ڪريان ٿو. ٥ هي يهودي مون شروع
کان ڄاڻيندا آهن جيڪڏهن اهي چاهن ته اهي
منهنجا شاهد ٿي سگهن ٿا. ته مان هڪ سٺو
فريسي آهيان هميشه يهودين جي شريعت جي
اطاعت ڪئي آهي. ۽ ٻين يهودين جي نسبت
فريسي پنهنجي دين جي متعلق نهايت سخت آهن.
٦ اهي ان واعدي جي سبب سان مون تي مقدمو
دائر ڪري چڪا آهن جيڪو اسان جي پيءُ
ڏاڏن سان ڪيو هيو. ٧ ان واعدي کي پوري
ڪرڻ جي اميد اسان ماڻهون جي باري ۾ قبيلي
ڏينهن رات خدا جي عبادت ۾ چميا رهندا آهيون.
اي بادشاهه هي يهودي صرف ان لاءِ مون تي
الزام لڳائي رهيا آهن ته مان ان اميد سان آهيان.
٨ آخر اهي ماڻهون ان کي چو ناقابل يقين پائيندا
آهن ته خدا مئلن کي اٿاريندو آهي.
٩ ” بحيثيت فريسي مان به سوچيو هيو ته
منهنجون ڪئي ڳالهيون يسوع ناصري جي نالي
جي مخالفت ڪرڻ گهرجي. ١٠ ۽ جڏهن مان
يروشلم ۾ هيس ان ائين ئي ڪيو چا مان ڪاهنن
جي سردارن کان اجازت وٺي ڪري يسوع تي
ايمان رکڻ وارن کي قيد ۾ وڌو ۽ جڏهن انهن
کي قصوار ٺهرائي ڪري انهن کي قتل ڪيو
وڃي ته منهنجي طرفداري به قصور جي موافق
ٿي هوندي آهي. ١١ مان هر يهودي عبادتخاني
۾ ويس ۽ انهن کي اڪثر سزا ڏني ۽ انهن کي
يسوع جي خلاف چوڻ تي مجبور ڪيو مان
گهڻو تشدد پسند ٿي ويو هيس. مان ٻين شهرن
۾ به ويس ۽ اهل ايمان وارن کي تنگ ڪندو ۽
انهن کي ستايو.

## پولس جو يسوع کي ڏسڻ

١٢ ”هڪ دفعي سردار ڪاهنن مون اختيارن
سان گڏ شهر دمشق وڃڻ جي اجازت ڏني. ١٣
جڏهن مان دمشق وڃي رهيو هيم اي بادشاهه!“
مان ٻيپهري جي وقت رستي ۾ هي ڏٺو ته آسمان
۾ هڪ نور هيو جيڪو سج کان گهڻو وڌيڪ
چمڪدار هيو. اهو نور مون تي ۽ منهنجي ساٿين
جي مٿانهن چانئجي ويو. ١٤ اسان سڀ زمين تي
ڪري پياسين ته مان هڪ آواز يهودي زبان ۾
ٻڌي ”شائول شائول تون مون کي چو ستائين ٿو.
اهڙي طرح منهنجي خلاف وڙهندي پنهنجو پاڻ
کي نقصان پهچائي رهيو آهين.“
١٥ مان پڇيو، ”خداوند توهان ڪير آهيو؟“
ان چيو، ”آئون يسوع آهيان آئون اهو ئي آهيان
جنهن کي توهان اذيت ڏيئي رهيا آهيو. ١٦ اٿ ۽
پنهنجي پيرن تي بيهي رهه آئون تو کي پنهنجو
خادم چونڊيو آهي ته جيئن تون جيڪو ڪجهه
اڄ منهنجي باري ۾ ڏٺو آهي ۽ جيڪو ڪجهه
مان مسقبل ۾ ٻڌائيندس ان جي لاءِ تون شاهد
رهندين ان لاءِ اڄ آئون تو تي ظاهر ٿيو آهيان.
١٧ مان توکي تنهنجي ماڻهن کان بچائيندس ته
اهي تو کي نقصان نه پهچائين. ۽ آئون تو کي
غيرقومن کان بچايئندو رهندس. آئون توکي ان
ڏانهن موڪلي رهيو آهيان. ١٨ توهان انهن
ماڻهن جي اکيون کوليو ۽ انهن کي اوندهه کان
ٻاهر ڪڍ ۽ انهن کي روشني ۾ وٺي اچ تڏهن
اهي شيطان جي ملڪيت کان ٻاهر اچي ڪري
خدا جي طرف رجوع ٿيندا. تڏهن انهن جا گناهه
معاف ڪيا ويندا ۽ انهن ماڻهن کي انهن ۾ شامل
ڪيو ويندو جيڪي مون تي ايمان آڻي ڪري
پاڪ ٿي ويا آهن.“

## پولس جو پنهنجي ڪم جي باري ۾ چوڻ

١٩ پولس پنهنجي تقرير جي کي جاري رکيو،

”۽ چيو بادشاهه اگرپا! جڏهن مان آسمان ۾
رويا ڏٺي ته ان جو اطاعت گذار ٿيس. ٢٠ ۽
مان ماڻهن سان ڳالهيون ڪرڻ شروع ڪيون
ته جيئن اهي پنهنجي گناهن تي نادم ٿين ۽
پنهنجي دلين ۽ زندگين کي بدلي ڪري خدا جي
طرف رجوع ٿي وڃن مان اهي ڳالهيون سڀ
کان پهريان دمشق جي ماڻهن کي چيون ۽ وري
يروشلم ويم ۽ يهوداه جي هر علائقي ۾ وڃي
ڪري ماڻهن کي اهوئي چيو. مان غيريهودين
سان به اهي ئي ڳالهيون ڪيون.
٢١ اهائي وجهه آهي ته يهودين مون
کي هيڪل ۾ پڪڙيو ۽ مون کي مارڻ جي
ڪوشش ڪئي. ٢٢ پر خدا منهنجي مدد ڪئي
۽ اڄ تائين به مدد ڪري رهيو آهي ۽ خدا
جي مدد سان ئي اڄ مان هتي بيٺو آهيان ۽
جيڪو ڪجهه مان ڏسي رهيو آهيان ماڻهن کي
چئي رهيو آهيان ۽ نئين ڪائي ڳالهه انهن سان
ناهيان ڪندو مان اهوئي چوندو آهيان جيڪو
نبين موسيٰ ٿيڻ وارن واقعن جي متعلق چيو
هيو. ٢٣ انهن چيو هيو ته مسيح مرندو اهو
پهريون ماڻهون هوندو جيڪو مري ڪري
به زنده ٿيندو موسيٰ ۽ نبين چيو ته يهودين
۽ غيريهودي ٻنهين ۾ مسيح نور جي آمد جو
اعلان ڪندو.“

## پولس جو اگرپا کي مڃائڻ جي ڪوشش ڪرڻ

٢٤ جڏهن پولس پنهنجي دفاع ۾ اهو سڀ
ڪجهه چئي رهيو هيو ته فيستس وڏي آواز سان
چيو، ”پولس! تون ديوانو آهين گهڻي علم تو کي
ديوانو ڪري ڇڏيو آهي.“
٢٥ پولس چيو، ”عزت آور فيستس مان ديوانو
نه آهيان جيڪو ڪجهه مان چئي رهيو آهيان
اهو سچ آهي منهنجي ڳالهيون ديوانن جي تقرير
نه آهي مان منطقي آهيان. ٢٦ بادشاهه اگرپا انهن
ڳالهين جي باري ۾ ڄاڻيندو آهي ۽ انهن سان بي
جهجڪ چوان ٿو ۽ مون کي يقين آهي اهو سڀ
ڪجهه سڻي طرح ڄاڻي ٿو. ڇالاءِ جو ته اهي
تمام شيون چيل لڪيل نه ٿيون هيون بلڪه سڀ
ماڻهون انهن کي ڏسي چڪا آهن. ٢٧ اي اگرپا
بادشاهه ڇا تون نبين جي لکيل ڳالهين تي يقين
آهي.“
٢٨ بادشاهه اگرپا پولس کي چيو، ”ڇا تون
سوچي رهيو آهين ته تون اهڙي طرح نصيحت
ڪري مون کي مسيحي بڻائي سگهندين؟“
٢٩ پولس چيو، ”جيڪڏهن اهو آسان آهي يا
مشڪل آهي، اها اهم ڳالهه آهي ته مان ته خدا
سان دعا ڪريان ٿو ته نه صرف تون بلڪه هر
هڪ جيڪو اڄ منهنجي ڳالهين کي ٻڌو انهن کي
نجات ملندي ۽ منهنجي طرف ٿي ويندا، سواءِ
انهن زنجيرن کان.“
٣٠ تڏهن بادشاهه اگرپا ۽ حاڪم ۽ برنيڪي
۽ انهن جا همنشين اٿي بيٺا. ٣١ ۽ ڪمري کان
ٻاهر نڪري هليا ويا ۽ پاڻ ۾ هڪ ٻئي کي چوڻ
لڳا، ”هي ماڻهون اهڙو ته ڪجهه ناهي ڪيو
جنهن جي وجهه سان هو موت جو حقدار آهي.“
٣٢ اگرپا فيستس کي چيو، ”اسان ان کي ڇڏي
سگهون پيا پر ان قيصر سان ملڻ جي درخواست
ڪئي آهي.“

## پولس کي روم موڪلڻ

٢٧ ١ اهو طئه ڪيو ويو ته اسان
بذريعي جهاز اطاليه وينداسين
يوليس نالي فوجي افسر جيڪو انچارج هيو
پولس جي ۽ ٻين قيدين جي نگراني ڪندو رهيو.
يوليس حڪمران فوج ۾ خدمت کي انجام ڏيئي
چڪو هيو. ٢ هڪ جهاز ٻيو جيڪو ادر تئيم
کان آيو هيو ۽ ايشياء جي مختلف ملڪن جي
بندرگاهن ڏانهن وڃڻ جي لاءِ تيار هيو. اسان ان
جهاز ۾ تيار ٿي وياسين. استرخس به اسان سان
گڏ هيو ٿسلونيڪي ۽ مڪدنيه کان آهيا هيا.
٣ ٻئي ڏينهن اسان شهر صيدا ۾ آياسين. يوليس
پولس تي مهربان هيو ان پولس کي دوستن کي
ڏسڻ جي آزادي ڏني هئي ته دوستن انهن جي
خاطر تواضع ڪئي. ٤ اسان صيدا کان روانه
ٿياسين ۽ ٻيٽ ڪُپرس جي ويجهو پهتاسين
اسان ڪُپرس جي اولهندي سمت کان وڌياسين
ڇالاءِ جو ته هوا اسان جي مخالف هئي. ٥
اسان ڪليڪيه ۽ پفيليه کان ٿيندي سمنڊ جي
پار وياسين ۽ لوڪيه جي شهر موره ۾ لٿاسين.
٦ موره ۾ فوجي افسر هڪ جهاز پاتو جيڪو
اسڪندريه کان اطاليه وڃڻ وارو هيو ان اسان
کي ان جهاز ۾ سوار ڪري ڇڏيو.
٧ اسان آهستي آهستي ان جهاز سان گهڻن ئي
ڏينهن تائين سفر ڪندا رهياسين ڇالاءِ جو ته

هوا مخالف هئي. مشڪل سان ڪُندس پهتاسين.
جڏهن ته وڏيڪ اڳي نه وڌي سگهيا هياسين.
اسان جنوبي ساحل ڪان ٿيندي سلوني جي ويجهو
ٻيٽ ڪريت پهتاسين. ٨ ۽ وڏي مشڪل سان
ان جي ڪناري ڪناري هلي ڪري حسين
بندرگارهه نالي هڪ جڳهه تي پهتاسين، جتان
ڪان لسائيه شهر ويجهو هيو.
٩ پر اسان گهڻو وقت ضايع ڪيو ۽ ان وقت
جهاز سان هلڻ خطري ڪان خالي نه هيو. چالاءِ
جو ته يهودين جي روزي جو ڏينهن گذري ويو
هيو ان لاءِ پولس انهن کي انتباه ڏني. ١٠ ”اهي
ماڻهون! مون کي معلوم ٿئي ٿو ته ان سفر ۾
اسان کي تڪليف ۽ نقصان نه صرف جهاز جو
۽ ان سامان جو بلڪه اسان جون زندگيون کي
به نقصان هوندو.“ ١١ پر جهاز جو ڪپتان ۽
مالڪ جهاز پولس جي ڳالهين سان اتفاق نه
ڪيو ۽ فوجي سردار به پولس جي ڳالهين بنسبت
ڪپتان ۽ مالڪ جهاز جي ڳالهه تي توجهه
ڏنو. ١٢ ۽ جڏهن ته اها بندرگاهه جهاڙي جي
موسم ۾ جهاز ٺهرڻ جي لاءِ محفوظ جڳهه نه
هئي. انهيءَ لاءِ ماڻهن جي اڪثريت طئه ڪيو
ته جهاز چڏيو وڃي ۽ فلڪيس ۾ پهچي ڪري
جهاڙو اتي ئي گذاري چڏيون. فلڪيس هڪ
شهر هيو جيڪو ٻيٽ ڪريتي تي واقع هيو. اتي
بندرگاهه هئي جنهن جو منهن جنوب مشرق ۽
شمال مشرق ۾ هيو.

## طوفان

١٣ جڏهن جنوبي هوا هلڻ شروع ٿئي ته جهاز
جي ماڻهن خيال ڪيو ”جيڪو اسان چاهيو
اهوئي ٿيو ۽ هيءَ اسان کي ملي ويئي.“ جهاز جو
لنگر کنيو ۽ ٻيٽ ڪريت جي ڪناري ڪناري
هلڻ لڳا. ١٤ پر ٿوري دير ۾ طوفاني هوا جيڪا
”يورڪلون.“ سڏرائيندي آهي هُن پار ڪان آئي.
١٥ جڏهن جهاز تيز هوا جي زد ۾ آيو ته جهاز
لڏڻ لڳو ۽ هوا جي برخلاف اڳي وڌي نه سگهي
پيو ۽ لک ڪوشش جي باوجود ان تي قابو نه
ڪيو ويو. آخرڪار لاچار ٿي ڪري جهاز کي
هوا ۽ موجن تي وهڻ جي لاءِ چڏي ڏنو.
١٦ اسين وهندي وهندي ڪوده نالي هڪ
ننڍي ٻيٽ ڏانهن پهتا ۽ وڏي ڪوشش ڪان پوءِ
ڏونگي ( بچاءُ واري ٻيڙي ) کي قابو ۾ آندو. ١٧
ڏونگي جهاز تي آڻڻ ڪان پوءِ هُن کي جهاز کان
گڏ رسين سان قابو ڪري ٻڌو انهن کي ڊپ هو
ته متان ڪٿي سورتس جي وارِي ۾ جهاز ڏٻجي
نه وڃي ۽ انهي ڊپ ۾ جهاز جو سڄو سامان
لاهڻ شروع ڪيو ۽ جهاز کي هوا ۾ چڏي ڏنو.
١٨ ٻئي ڏينهن طوفاني هوا شديد هئي انهن
جهاز مان ڪجهه شين کي ٻاهر ڦٽي ڪرڻ
شروع ڪيو. ١٩ ٽئين ڏينهن پنهنجي ئي هٿن
سان آلوت ۽ اسباب به ڦٽي ڪرڻ لڳا. ٢٠ ڪن
ڏينهن تائين سج ڏسڻ ۾ نه آيو چالاءِ جو ته شديد
آندهي هلي هئي بچڻ جو تمام اميدون ختم ٿي
چڪيون هيون.
٢١ ماڻهن گهڻن ڏينهن کان ڪجهه نه کاڌو تڏهن
پولس هڪ ڏينهن انهن جي سامهون اچي بيٺو ۽
چيو، ”عزت وارا حضرات مان توهان کي چيو
هيو ڪريتي کان نه نڪرو توهان منهنجو چوڻ نه
مڃيو. جيڪڏهن مڃيو ها ته اها تڪليف ۽ نقصان
نه کڻو ها. ٢٢ پر هاڻي مان توهان کي چوان ٿو ته
خوش ٿي وڃو چالاءِ جو ته توهان مان ڪوئي نه
مرندو صرف جهاز جو نقصان ٿيندو. ٢٣ گذريل
رات خدا جي طرفان هڪ فرشتو مون ڏانهن آيو
اهو خدا جنهن جي مان عبادت ڪندو آهيان مان
ان جو آهيان. ٢٤ خدا جي فرشتي چيو، ”اي پولس
ڊڄ نه تو کي قيصر جي سامهون حاضر ٿيڻ
گهرجي تمام ماڻهون جيڪي تون سان گڏ جهاز ۾
سوار آهن بچايا ويندا. ٢٥ ته اي ماڻهون! خوش
ٿي وڃو مان خدا تي يقين ڪندو آهيان ۽ هر شيءِ
انهيءَ طرح پوري ٿيندي جيئن ته ان جي فرشتي
مون کي چيو.“ ٢٦ پر اسان کي ٻيٽ تي حادثن
جو منهن ڪرڻو پوندو.“
٢٧ چوڏهين رات جڏهن اسان جو جهاز
بحرادريه جي چوطرف هلي رهيو هيو مهاڻن
سمجهيو ته اسان ڪنهن زمين تي ويجهو آهيون.
٢٨ انهن پاڻي ۾ رسو ڦٽي ڪيو جنهن جي منهن
تي وزن هيو انهن معلوم ڪيو ته پاڻي ١٢٠ فٽ
گهرو آهي اهي ٿورو اڳي وڌيا ۽ ٻيهر رسي
کي ڦٽي ڪيو ته خبر پئي ته پاڻي ٩٠ فٽ هيٺ
آهي. ٢٩ مهاڻن کي ڊپ ٿيو ته ڪٿي جهاز
چٽان سان نه ٽڪرائجي ان لاءِ جهاز جي پوئين
پاڻي ۾ چار لنگر وجهڻ شروع ڪري چڏيو.
٣٠ ڪجهه مهاڻا جهاز کي چڏي ڪري ڀڄي
وڃڻ چاهيا پيا انهن بچاءُ ٻيڙين کي هيٺ ڪرڻ

شروع ڪيو ته جيئن اهي جهاز جي سامهون
لنگر وجهڻ شروع ڪري سگهن. ٣١ پر پولس
فوجي سردار ۽ سپاهين کي چيو، ”جيڪڏهن هي
ماڻهون جهاز ۾ نه ٺهريا ته توهان جون زندگيون
نه بچائي سگهن ٿيون.“ ٣٢ انهيءَ لاءِ سپاهين
رسين کي ڪٽي ڇڏيو ۽ بچاءُ ٻيڙيون پاڻي ۾
ڪري پيون.
٣٣ مختصرن ڏينهن نڪرڻ کان پهريان پولس
هڪ کي ٿورو کائڻ جي لاءِ چيو، ”توهان
گذريل چوڏهن ڏينهن کان انتظار ڪندا رهيا
آهيو ۽ توهان فاقه ڪري رهيا آهيو ڪجهه ناهي
کاڌو. ٣٤ مان توهان مان تقاضو ڪريان ٿو ته
ڪجهه ته کائو اهو توهان جي زنده رهڻ جي
لاءِ ضروري آهي ۽ توهان مان ڪنهن هڪ
جو وار به بيڪا به نه ٿيندو.“ ٣٥ ايڏو چوڻ کان
بعد پولس ٿوري ماني ڪئنين ۽ سڀن جي سامهون
خدا جو شڪر ادا ڪيو تڏهن اها ماني ٽڪر
ڪرڻ شروع ڪئي. ٣٦ تڏهن سڀن ماڻهن جي
همت وڌي ۽ انهن به ماني کائڻ شروع ڪئي.
٣٧ (سڀ ملائي ڪري جهاز تي ٢٧٦ ماڻهون
هيا.) ٣٨ جڏهن پيٽ پري ڪري کائي چڪا
تڏهن انهن طئه ڪيو ته جهاز جي وزن کي
گهٽ ڪيو وڃي ۽ غله کي پاڻي ۾ ڦٽي ڪرڻ
شروع ڪيو.

## جهاز جو ٽٽڻ

٣٩ جڏهن صبح ٿئي ته مهاڻن زمين کي ڏٺو
پر اهي سڃاڻي نه سگهيا پر هڪ کاڙي جنهن
جو ڪنارو صاف هيو هيو نظر آيو ملاح ان
ساحل تي ممڪن ٿيو ته جهاز کي لنگرانداز
ڪرڻ چاهيائين. ٤٠ انهن لنگر جون رسيون
ڪٽي ڇڏيون ۽ لنگر کي سمنڊ ۾ ڇڏي ڏنو. ۽
گڏ ئي پتوار جي رسين کي به کولي ڇڏيو ۽
جهاز کي هوا جي رخ ڏانهن ڇڏي ڏنائون. ٤١
پر جهاز واريءَ سان ٽڪرائجي ويو ۽ جهاز
جو اڳيون حصو ڦاسي پيو ۽ جهاز اڳي وڌي
نه سگهيو ۽ وڏين وڏين چولين جهاز جي پوئين
حصي کي متاثر ڪيو ۽ اهو پيچي ڪري ٽڪرا
ٿي ويو.
٤٢ سپاهين طئه ڪيو ته قيدين کي ماري
ڇڏيون ته جيئن قيدي تري ڪري پيچي نه وڃي.
٤٣ پر فوجي سردار پولس جي زندگي بچائڻ
چاهي پيو انهيءَ لاءِ ان سپاهين کي ان عمل
ڪرڻ جي اجازت نه ڏني. ۽ ماڻهن کي چيو
ته جيڪي تري سگهن ٿا اهي ٽپو ڏيئي ڪري
ڪناري تي پهچي وڃن. ٤٤ ٻين جهاز جي
ٽڪرن ۽ تختن جو سهارو ورتو اهڙي طرح
تمام ماڻهون ڪناري تي پهتا ۽ انهن مان ڪوئي
به نه مريو.

## پولس جو جزيره مالٽا تي هجڻ

٢٨
١ جڏهن سڀ حفاظت سان ڪناري
تي پهچي ويا تڏهن اسان کي معلوم
ٿيو ته اهو جزيرو مالٽو سڏرائبو آهي. ٢ اتان
جا رهڻ واسي اسان تي مهربان هيا. چو جو
شديد سردي ۽ مينهن پيئي رهي هئي اسان ماڻهن
ئي ڪاٺيو ۽ باهه مهيا ڪئي ۽ اسان سڀن جو
استقبال ڪيو. ٣ پولس هڪ هڪ ڪاٺي جو
ڳهنڙي جمع ڪئي ۽ انهن کي باهه ۾ وڌو ان مان
هڪ زهريلو نانگ باهه جي گرمي جي ڪري
نڪري آيو ۽ پولس جي هٿ کي ڏنگي ورتو.
٤ جزيري جي ماڻهن ڏٺو ته نانگ پولس جي
هٿ تي ويڙهيل لٽڪي رهيو آهي ته انهن پاڻ
۾ چيو، ”بيشڪ هي ماڻهون قاتل آهي جيڪڏهن
هي سمنڊ ۾ نه مئو ته پر انصاف ان کي زنده نه
ڇڏيندو.“
٥ پر پولس نانگ کي باهه ۾ ڦٽي ڪيو ۽ ان
کي ڪهڙي طرح جو به نقصان نه پهچايو. ٦
ماڻهون سمجهن پيا ته هن جو جسم سجهي ويندو
هو مردو ٿي ڪري ڪري پوندو اهي ڪافي
دير تائين پولس کي ڏسندا رهيا پر ان کي ڪجهه
به نه ٿيو ۽ ماڻهن پولس جي تعلق سان پنهنجي
راءِ بدلائي ۽ چيو، ”هي ته ديوتا آهي.“
٧ اتي ڪجهه چوطرف پنهين هيون جيڪي
جزيري جو مشهور پبلئيس نالي ماڻهون جي
ملڪيت ان پنهنجي مڪان ۾ اسان جو استقبال
ڪيو ۽ اسان سان سٺو سلوڪ ڪيو. اسان ان
جي گهر ۾ ٽي ڏينهن رهياسين. ٨ پبئيس جو پيءُ
گهڻو بيمار هيو. ان کي بخار ۽ دست هيا پر
پولس ان ڏانهن وڃي ڪري ان جي لاءِ دعا
ڪئي. پولس ان تي پنهنجو هٿ رکيو ۽ هو
صحتياب ٿي ويو. ٩ ان کان بعد جزيري جا
بيا به بيمار ماڻهون پولس ڏانهن آيا انهن کي به
تندرست ڪيو.

۱۰-۱۱ جزيري جي ماڻهن هر طريقي سان
انهن جي سنڀال ڪئي. اسان اتي ٽن مهينن تائين
ٽهرياسين جڏهن اسان اتان وڃڻ جي لاءِ تيار
ٿياسين ته اتان جي ماڻهن اسان جي لاءِ ضرورت
جون شيون مهيا ڪري ڇڏيون.

## پولس جو روم ڏانهن روانو ٿيڻ

اسان اسڪندريه جي جهاز تي سوار ٿياسين
جهاڙي ۾ جزيرو ملٽ تي لنگر انداز هيو. جهاز
جي اڳين حصي تي ان جو نشان ليڪوري جو
هيو. ۱۲ اسان سُرڪوسه ۾ جهاز جو لنگر وڌو
۽ ٽي ڏينهن ٽهرياسين. ۱۳ اتان ڪان پوءِ ايگيم ۾
آياسين ٻئي ڏينهن جنوب ڪان هوا هلي ته اسان
هلياسين. هڪ ڏينهن اسان پتيلي آياسين. ۱۴ اتي
اسان ڪجهه ايمان وارن ماڻهن سان ملياسين
جن اسان کي منٿ ڪئي ۽ اسان اتي ستن ڏينهن
تائين رهياسين آخرڪار روم پهتاسين. ۱۵ روم ۾
اسان جا ايمان وارا ڀائر اسان جي اچڻ جي خبر
ٻڌي ڪري اسان سان ملڻ جي لاءِ اپئيس جي
چوڪ ۽ ٽن سرامي ڪان آيا. جڏهن پولس انهن
ايمان وارن کي ڏٺو ته مطمئن ٿي ڪري خدا جو
شڪر ادا ڪيو.

## پولس جو روم ۾ هجڻ

۱۶ تڏهن اسان روم ۾ آياسين جتي پولس کي
اڪيلي گهر ۾ رکيو ويو هيو ۽ هڪ سپاهي ان
جي لاءِ پهرو ڏيندو هيو.
۱۷ ٽن ڏينهن ڪان بعد پولس مقامي مشهوري
يهودي شخصيتن کي گهرايو جڏهن اهي آيا ته
پولس انهن کي چيو، ”منهنجا يهودي ڀائرو! مان
پنهنجي ماڻهن جي خلاف ڪجهه ناهي ڪيو ۽
نه ئي وري پنهنجي پيءُ ڏاڏي جي رسمن جي
خلاف ڪجهه ڪيو تڏهن به مون کي يروشلم
۾ گرفتار ڪري رومين جي حوالي ڪيو ويو.
۱۸ رومين مون ڪان ڪئي سوال ڪيا پر اهي
ڪائي وجهه نه پائي سگهيا جنهن جي بنياد
تي اهي مون کي قتل ڪن انهيءَ لاءِ مون کي
ڇڏڻ چاهيو. ۱۹ پر اتان جي يهودين اعتراض
ڪيو ان لاءِ مون کي روم اچڻ جي اجازت جي
درخواست ڪرڻ پئي ته جيئن منهنجو مقدمو
قيصر سماعت ڪري. مان اهو نه چئي رهيو
آهيان ته منهنجي ماڻهن جي خلاف منهنجو
ڪنهن قسم جو الزام هڻڻ جو ارادو آهي. ۲۰
ان لاءِ مان توهان سان ملي ڪري ڳالهه ٻولهه
ڪرڻ چاهيان ٿو ڇالاءِ جو ته اسرائيل جي اميد
جي سبب ڪان مان انهن زنجيرن ۾ جڪڙيل
آهيان.“
۲۱ يهودين پولس کي جواب ڏنو، ”اسان
کي يهوداه ڪان توهانجي باري ۾ ڪوئي خط
محصول ناهي ٿيو ۽ نه ئي ڪوئي يهودي ڀاءُ
جيڪو يهوداه ڪان هتي آيا انهن توهان جي باري
۾ ڪائي خبر آڻي ۽ نه ئي ڪائي ڳالهه توهان
جي باري ۾ چئي. ۲۲ پر توهان ڪان ٻڌڻ چاهن ٿا
ته توهان جو ڇا ايمان آهي. اوئين ئي جيسيتائين
توهان جنهن ميڙاڪي سان تعلق رکندا آهيو
اسان ڄاڻون ٿا ته هر جاءِ ماڻهون ان جي خلاف
چون ٿا.“
۲۳ پولس ۽ يهودين طئي ڪيو ته هڪ مقرر
ڏينهن تي جمع ٿيون ان ڏينهن ڪئي ماڻهون
پولس کي ڏسڻ لاءِ آيا جتي اهي ٽهريل هئا اتي
پوري ڏينهن خدا جي بادشاهت جي باري ۾ انهن
کي سمجهيئندا رهيا. پولس انهن کي يسوع تي
ايمان آڻڻ جي ترغيب ڏيندو رهيو ۽ ايئن ڪرڻ
۾ ان موسيٰ جي شريعت ۽ ٻين نبين جي صحيفن
جا حواله ڏنا. ۲۴ ڪجهه يهودي جن پولس کي
چيو ان تي ايمان آڻن پر ڪجهه ماڻهن نه آندو.
۲۵ ۽ اهي پاڻ ۾ بحث ڪرڻ لڳا ۽ وڃڻ جي
لاءِ اٿي بيٺا پر پولس انهن کي هڪ ٻئي ڳالهه
ٻڌائي ته ”ڪهڙي طرح روح القدوس توهان
جي پيءُ ۽ ڏاڏن کي يسعياه نبي جي ذريعي
چيو هيو ته،

۲۶ انهن ماڻهن ڏانهن وڃو ۽ انهن کي چئو
توهان ٻڌندا ۽ ڪنن سان ٻڌندا پر توهان نه
سمجهندا. توهان ڏسندا پر ان جي باوجود
توهان نه سمجهندا ته توهان ڇا ڏٺو هيو.
۲۷ انهن ماڻهن جا دماغ هاڻي بند ٿي ويا
آهن اهي ڪن رکندا آهن پر ٻڌي نه سگهيا
۽ پنهنجي اکيون بند ڪري ڇڏندا آهن.
انهيءَ لاءِ اک رکندي به نه ڏسي سگهندا.
دماغ رکندي به سمجهي نه سگهيا
ايئن جيسيتائين نه ٿيو اهي شفا پائڻ
جي لاءِ منهنجي طرف رجوع نه ٿي
سگهندا. *يسعياه ۶: ۹-۱۰*

۲۸ ”توهان کي خبر هجڻ گهرجي ته خدا جي
نجات جي پيغام کي ٻين قومن ڏانهن موڪليو
آهي اهي ٻڌي به سگهندا.“ ۲۹'
۳۰ پولس مڪمل ٻه سال پنهنجي ڪرائي
جي گهر ۾ رهيا جيڪو به انهن سان ملڻ اچي
سپن جو خير مقدم ڪندا ۽ انهن سان ملندا هيا.
۳۱ پولس انهن کي خدا جي بادشاهت جي تعليم
ڏيندو رهيو ۽ خداوند يسوع مسيح جي متعلق
سيکاريندو رهيو هو گهڻو دلير هيو ۽ ڪوئي به
ان کي ائين چوڻ کان روڪي نه سگهيا.

' ۲۸: ۲۹ آيت ۲۹ اعمال جي ڪجهه يوناني نسخن ۾ هي آيت ۲۹ شامل ڪئي ويئي آهي: ” پولس جي چوڻ کان بعد يهودي اٿي بيٺا ۽ ٻين سان بحث ڪرڻ لڳا.“